# مهراڻ

ABC
CERTIFIED

نمبر4/2019ع



سنڌي ادبي بورڊ



## هيءَ جا لات "لطيف" جي

منڊَ تي مَنڊَلَ مَنڊِيا، ڪيِ اوهيڙَنِ اوڳَ،
ڄاڄَرِ تي ڄَنَنِ ۾، مينهِيوُن چَرَنِ موڳَ،
سَرَهِيون ٿيوُن سَنگهارِيوُن پوُيو پائِنِ طوقَ،
ميهاڻ چيڙَ، ڦُنگيوُن، جِتِ، ٿِيَنِ سَييئي توڳَ،
لاهِئين مَتان لوڳَ، ڏولائي جا ڏِينهَڙا.

(سُر سارنگ)

***

مينهن جي منڊ ٿي آهي ۽ سازن جا ساٿ ٿيا آهن ۽ وسڪارن پالوٽ ڪئي آهي. هيٺاهن پٽن تي گاهه ٿيو آهي ۽ مينهون جام چارو ٿيون چرن. سنگهارن جون ڙالون خوش ٿيون آهن ۽ گلن جا هار پوُيو ٿيون پائين. اُت، ميها، چيڙ (متيرا) ۽ ڪنيبون، مڙيئي ڪاج ٿا ٿين. تون شل ساري جهان تان ڏڪن جا ڏينهن دور ڪ(شاهه جو رسالو" ڪلياڻ آڏواڻي تان ورتل)

□

ريسرچ لائبريري
انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي
سنڌ يونيورسٽي ڄام شورو

سائين سدائين ڪرين مٿي سنڌ سڪار
دوست تون دلدار عالم سڀ آباد ڪرين

عبدالقيوم صائب



## گيت

ماضيءَ ۾ پناهه، ورتي آهه جبل،
جنهن جيءَ کڪ ۾ ها، ڪيئي ڪانڌ ڪنل،
ڪنهن کي ڪهڙي ڪل،
جاڳيا سور ستل،
يادون يارن جون، سونا روپا سل،
ڪادي آهي چڻ، اڏمن هاڻ اُتل...

زخمي جيءَ جين، پاڻي ڪين گهرن،
ڏارين ڪان اڳ ئي آهن روح رڌل...

دنيا ڪيس ڪيا، وڇڙي ميت ويا،
ڄاڙون جال ڪري، ماريائون تہ مُٺل...

واهيرن نہ وريا، ڪٽنڌي پير پڪي،
هڏڙا هيٺا ها، ڪنيڙانيون بہ ڪُٺل...

اوٺين ساڻ اٺي، هلندي ڪين ڪٺي،
چانگا ڪيئن چرندا، ٻاڙها ٻاڙها ڳل...

ABC
CERTIFIED

ٽماهي

# مهراڻ

[سنڌي ادبي بورڊ جو ٽِماهي علمي، ادبي ۽ ثقافتي دستاويز]

جلد 69 آڪٽوبر- ڊسمبر 2019ع نمبر 4

**سرپرست**

**مخدوم سعيد الزمان 'عاطف'**

**چيئرمين، سنڌي ادبي بورڊ**

**ايڊيٽوريل بورڊ:**

**ڊاڪٽر درمحمد پٺاڻ**

**ڊاڪٽر نواز علي شوق**

**ڊاڪٽر اسد 'جمال' پلي**

**سيڪريٽري**

**سيد سڪندر علي شاهه**

**ايڊيٽر**

**ثمينه ميمڻ**

سنڌي ادبي بورڊ

چام شورو، سنڌ

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

# سوچ -لوچ

## سنڌي ادبي بورڊ جي ڪارڪردگي ۽ بورڊ جي چيئرمين مخدوم سعيدالزمان 'عاطف' جي پريس ڪانفرنس:

سنڌي ادبي بورڊ جي نئين جوڙيل بورڊ آف گورنرس جا ٻه اجلاس بورڊ جي چيئرمين مخدوم سعيدالزمان 'عاطف' جي صدارت ۾ ٿي گذريا آهن، بورڊ آف گورنرس جي اجلاسن ۾ چار مختلف انتظامي ڪاميٽيون جوڙيون ويون آهن، جيڪي مختلف معاملن ۽ بورڊ جي ڪاروهنوار تي نظرداري ڪنديون.

بورڊ آف گورنرس کي جڙئي مهينا گذريا آهن، بورڊ جي محترم چيئرمين صاحب طرفان سنڌي ادبي بورڊ جي انتظامي ۽ مالي معاملن جي مستقل حل لاءِ ڪارائتيون ڪوششون وٺڻ سرفهرست آهن. اهڙيءَ طرح بورڊ جي چيئرمين صاحب پاران تاريخ 16- آڪٽوبر 2019ع تي ستن مهينن دوران ڪيل ڪوششن جي سلسلي ۾ ميڊيا کي بريفنگ ڏني ويئي. چيئرمين صاحب تمام بهتر انداز ۾ بورڊ جي بهتري ۽ سنڌي ادب جي ترقيءَ لاءِ کنيل قدمن بابت ميڊيا کي آگاهي ڏني. اُنهن ميڊيا کي ٻڌايو ته چار انتظامي ڪاميٽيون بورڊ آف گورنرس منظور ڪيون آهن. جن ۾ اسٽنڊنگ ڪاميٽي، ايگزيڪيٽيو ۽ ايمپلائز ڪاميٽي، مالياتي ڪاميٽي ۽ پبليڪيشن ڪاميٽي شامل آهن. اُنهن چيو ته سندس ڪوشش آهي ته حڪومت طرفان ملندڙ گرانٽ ۾ ڪٽوتي نه ٿئي، ڇاڪاڻ جو گذريل سال وفاقي حڪومت جي حڪم جي روشنيءَ ۾ بورڊ جي ساليانى گرانٽ مان 72 لک روپين جي ڪٽوتي ڪئي وئي آهي ۽ هن سال 2019-20ع جي پهرين قسط مان 25 لک روپين جي ڪٽوتي ڪئي وئي آهي. جنهن لاءِ سنڌ سرڪار سان لکپڙهه ڪئي وئي آهي ته جيئن بورڊ کي مالي خساري مان آجو ڪري سگهجي. مخدوم صاحب ميڊيا کي ٻڌايو ته بورڊ جي ترقياتي ڪمن لاءِ منظور ڪيل PC-I جي آخري قسط ٻه ڪروڙ ڏهه لک جاري نه ٿي آهي، جنهن لاءِ پڻ ڪوششون ورتيون پيون وڃن. انهن چيو ته منهنجي ايامڪاريءَ ۾ سنڌي ادبي بورڊ ۾ پهريون ڀيرو ڪتابن جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي بورڊ ۾ ڪتابي ميلو لڳايو ويو، جڏهن ته ڇپائيءَ جي انتظار ۾ پيل 37 ڪتاب شايع ڪيا ويا آهن ۽ بورڊ جي رسالن کي ريگيولر بنيادن تي شايع ڪيو پيو وڃي. بورڊ جي لائبريريءَ کي وڌيڪ فعال ۽ پڙهندڙن لاءِ مفيد بڻائڻ لاءِ فني تبديليون آنديون

پيون وڃن، جڏهن ته بورڊ جي آن لائن لائبريريءَ کان علاوه هڪ وڏيڪ ويب سائيٽ تيار ڪرائي وئي آهي، جنهن ۾ بورڊ جي تاريخ ۽ ڪارڪردگيءَ بابت تفصيل موجود ڪيا ويا آهن. بورڊ جي چيئرمين صاحب سنڌي ادبي بورڊ جي مستقبل لاءِ منصوبن بابت ميڊيا کي آگاهي ڏيندي ٻڌايو ته بورڊ ڪيترن ئي نون منصوبن تي ڪم ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي. جن لاءِ PC-I تيار ڪرڻ ۽ بورڊ کي وڌيڪ فعال بڻائڻ لاءِ حڪومت طرفان مالي امداد جي ضرورت آهي. مستقبل جي پروجيڪٽس بابت چيئرمين صاحب آگاهي ڏيندي چيو ته بورڊ جي ملازمن لاءِ رهائشي ڪالوني ٺهرائڻ، مختلف ضلعن ۾ بوڪ شاپس ۽ ڊسپلي سينٽر قائم ڪرڻ، نوان توڙي تاريخي طور اهم پراڻا ڪتاب ڇپائڻ، قلمي نسخن کي محفوظ ڪرڻ، سيمينار ۽ مذاڪره ۽ ڪانفرنس منعقد ڪرائڻ، عالمي ادب جو سنڌي ۾ ۽ سنڌي ادب جو انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪري ڇپرائڻ، بورڊ جو پنهنجو ايف.ايم ريڊيو قائم ڪرڻ، لائبريريءَ لاءِ نئين بلڊنگ جوڙائڻ، ادبي انسائيڪلوپيڊيا مرتب ڪرائڻ، سنڌ جي عظيم صوفي شاعرن جي شاعريءَ کي سنگيت جي روپ ۾ ڪمپوز ڪري ان جون CDs ٺهرائڻ ۽ بورڊ جي توسيع لاءِ زمين حاصل ڪرڻ شامل آهن. جڏهن ته زمين جي سلسلي ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ سان لکپڙهه ڪئي وئي آهي، اُنهيءَ اضافي زمين تي بين الاقوامي ادارن مطابق بورڊ جي لائبريري، آفيس جو نئون بلاڪ، ڪتابن ۽ مسودن جي ريسٽوريشن ۽ پرزرويشن جو نئون بلاڪ، رائٽرس هاسٽل وغيره جهڙا اڏاوتون جوڙي سگهبيون.

سنڌي ادبي بورڊ جي چيئرمين صاحب طرفان ڪيل ڪوششن کي ادبي ۽ سماجي حلقن ۾ قدر جي نگاهه سان ڏٺو پيو وڃي ۽ اها قوي اميد آهي ته سنڌي ادبي بورڊ موجوده چيئرمين صاحب جي سربراهيءَ ۾ بورڊ آف گورنرس جي فيصلن سان وڏيڪ ترقيءَ جون منزلون طئي ڪندو.

## پبليڪيشن ڪاميٽي:

سنڌي ادبي بورڊ جي پبليڪيشن ڪاميٽيءَ جي فيصلي تحت تاريخ 07- آگسٽ 2019ع تي بورڊ جي معزز ميمبرن ڊاڪٽر ڊُرمحمد پٺاڻ (چيئرمين)، بطور ميمبرن ڊاڪٽر نواز علي شوق ۽ ڊاڪٽر اسد 'جمال' پلي تي مشتمل پبليڪيشن ڪاميٽي جوڙي وئي آهي ۽ معزز ميمبرن تي مشتمل ٽماهي 'مهراڻ' جو ايڊيٽوريل بورڊ قائم ڪيو ويو آهي. مٿي ذڪر ڪيل پبليڪيشن ڪاميٽي ۽ ايڊيٽوريل بورڊ جا ميمبر صاحبان سنڌي ادب ۽ تاريخ جا نامور اسڪالر آهن ۽ سندن موجودگيءَ سان ٽماهي 'مهراڻ' وڏيڪ بهتر نموني شايع ٿيندو ۽ سنڌي ادب توڙي تاريخ، سماجيات ۽ بين شعبن ۾ معياري تحريرون پڙهندڙن کي ميسر ٿي سگهنديون.

**ثميـنه ميمڻ**
**ايڊيٽر 'مهراڻ'**

# چوليون


## وکر سو وهاءِ

- عبدالڪريم پلي 9
- انور پيرزادو 10

## تحقيق

- مولوي احمد ملاح جي شاعريءَ ۾ تجنيس مطرف جو جائزو
  - ڊاڪٽر الطاف حسين جوکيو 13
- ڊي.جي سنڌ ڪاليج ميسيلنيءَ جو سنڌي ادب جي واڌاري ۾ ڪردار
  - مختيار احمد ملاح 21
- جي.ايم.سيد جون سماجي خدمتون (گڏيل ڪاميٽي راڄ مهاڄڻ سن)
  - ڊاڪٽر آزاد قاضي 35
- سيد ميران محمد شاهه
  - ممتاز شاهه بخاري 41
- عوامي شاعر سائين حاجي شاهه
  - ڊاڪٽر محمد ابراهيم سنڌي 45
- صوفي بڍل فقير
  - حسيب ناياب منگي 53
- مير سلطان حيدر بيگ جي غزل گوئي جو مختصر جائزو
  - مرزا ڪاظم رضا بيگ 59
- ٽِلا شاهه جي تباهه ٿيندڙ تاريخ
  - استاد لغاري 65

## شاعري

- امداد حُسيني 71
- وسيم سومرو/ج.ع. منگهاڻي 72
- خليل عارف سومرو 73
- نصير مرزا /'جمال' مراد گبول 74
- انجم قاضي 75
- رحيمداد جوڳي 76
- امر اقبال 77
- ڪوثر هالائي 78
- ستار 79
- 'فدا' ٽالپر 80
- اياز عالم ابڙو 81
- استاد 'محسن' علي شر / امين پٺو 82

## ڪهاڻيون

- عجيب وارتائون
  - رسول ميمڻ 85
- سڄڻ ۽ ساٿيهه
  - بهادر ٽالپر 87
- خواريءَ جو ڪارو
  - نورحسين ڪلهوڙو 89
- سَوا ڪانو زمين
  - يارمحمد چانڊيو 91

## انور پيرزادو



(جنم: 25- جنوري 1945ع - وفات: 07- جنوري 2007ع)

### اي چنڊ! پناڻيءَ کي چئجان!

اي چنڊ پناڻيءَ کي چئجان!
جنهن رات ۾ تو تي بيت چيا
سا رات اڃا پي جاري آ
۽ سج ڏنگايون کو نہ ڇڏيون
هي پنڌ پري جو واري آ
اي چنڊ پناڻيءَ کي چئجان!

--

اي چنڊ پناڻيءَ کي چئجان!
اڄ رات رُنو آ رت لڙو
۽ تارا سور پيئڻ لا پيا
هوءَ سانجهي سڏکي روئي ٿي
۽ سوريءَ گيت چڙهن لا پيا
توکي نہ چوان بيو ڪنهن کي چوان
اي چنڊ پناڻيءَ کي چئجان!

--

اي چنڊ پناڻيءَ کي چئجان!
مون تنهنجن راڳن جي سُر ۾
جان سنهڙي سينڌ وڄائي آ
هر ماڻهوءَ پيڙ هنئي آهي
هر گهر گهٽي جڙ لاهي آ
اُت ڪرڻن جي ڪا ڪوڪ ڪجان
اي چنڊ پناڻيءَ کي چئجان!

اي چنڊ پناڻيءَ کي چئجان!
مون تنهنجي ذات ڏيا مان اڄ
جان هڪڙو ڇُڪڙو چاهہ چکيو
ويڙهاند سندو ويراڳ ڪيو
هر ماڻهوءَ کي مون ڀاءُ ڪيو
ٿي تنهنجيون وايون اُڃَ وڙهان
اي چنڊ پناڻيءَ کي چئجان!

--

اي چنڊ پناڻيءَ کي چئجان!
هي ماڻهو تنهنجن بيتن کي
ڏرتي ڪان ڏار ڇني ٿا ڪن
ٿيون وايون تنهنجيون وار پلن
۽ سُرڙا تنهنجا اوسارن.
هي ارهي سرهي دانهن ڏجان!
اي چنڊ پناڻيءَ کي چئجان!

--

اي چنڊ پناڻيءَ کي چئجان!
ڪنهن انڌوڪار انڌا ڪيا هن
ٿا ماڻهو توکي شاهہ چون
۽ تنهنجي راڳ رسالي کي
ٿا آيت سمجهي ڪنڌ هڻن
تون ڪيڏو ڏور هليو ويو آن
اي چنڊ پناڻيءَ کي چئجان!

## وڪَرُ سو وِهاءُ

## عبدالڪريم پلي



(جنم: 21- آگسٽ 1940ع - وفات: 04- نومبر 1991ع)

## ڪافي

وري آ او جاني، جُدائي ٿي ماري،
ڏسان راهه تُنهنجي، هنجون روز هاري!

اچي جنگ سورن، جڏي جيءَ سان جوٽي،
وئين جيئن ته ڳل ڪا لڏئي ڪان موٽي،
ٽڪس ڪانگ تولئه آڏاري آڏاري!

نئين سج، نوان پُور تنهنجا پون ٿا،
ڪُٽن ٿي نٽا ڏينهن ڏکيا ڏکن جا،
عجب آهه ويهي رهئين ڪيئن وساري!

سدا تات ۾ تار تُنهنجي ٿي آهي،
سوا تنهنجي پيو ڪجهه رهيو ياد ناهي،
اٺئي پهر، دل ’تون ٿي تون‘ ٿي تنواري!

پري پرت مان پير ايندين ڪڏهن تون،
اچي جيءَ ۾ جايون اڏيندين ڪڏهن تون،
’ڪريم‘ آسري ۾ پيو ڏينهن گهاري!

تاريخي طور، سنڌي زبان کي خصوصي تعليمي حيثيت ۽ اهميت حاصل رهي آهي، ڇاڪاڻ جو برصغير هندستان جي سڀني صوبائي ٻولين ۾ سنڌي ئي اها اڪيلي زبان آهي، جنهن ۾ نہ صرف ڪن ٻين صوبائي ٻولين وانگر تعليم ڏني وئي، پر جنهن کي ٻين زبانن سکڻ لاءِ سڀ کان اڳ 'تعليمي ذريعي' طور استعمال ڪيو ويو. اهو خيال سراسر غلط آهي تہ ڪو انگريزن جي دور ۾ سنڌي الف ـ ب نهي، يا سنڌي ۾ تعليم ڏيڻ جي شروعات ٿي، يا سنڌي کي 'تعليمي ذريعي' طور استعمال ڪيو ويو. اهي ٽيئي مرحلا سنہ 1843ع ۾ انگريزن جي سنڌ تي ڪاهہ ۽ قبضي کان صديون اڳ طئي ٿي چڪا هئا.

**ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ**

ٽماهي 'مهراڻ' 1990/3ع تان کنيل

****

اديب تيستائين ترقي ڪري نہ سگھندو، جيستائين هو عوام جو توجھ پاڻ ڏانهن ڇڪائڻ ۾ ڪامياب نٿو ٿئي. اديب جو فن تڏهن عوامي چئي سگھجي ٿو جڏهن اديب عوام جي ضمير جي ترجماني ڪري، عوام جي ڳنڀير مسئلن لاءِ عقده ڪشائي جي راهہ پيدا ڪري، گونگي عوام کي زبان ڏئي، ۽ ٻوڙي عوام کي ڪن بخشي. اگر اديب ائين ڪري نہ سگھيو تہ ڀوءِ ممڪن آهي تہ سندس فن ۾ رنگيني ۽ چاشني هجي، پر ان جي ادب ۾ اعليٰ درجي جي سماجي مقصديت پيدا نہ ٿيندي. اديب عظيم انساني قدرن مان نور حاصل ڪري ٿو، امن سان محبت، جنگ کان نفرت، قومن ۾ دوستيءَ جي ناتن پيدا ڪرڻ جي خواهش، سرمايہ داريءَ جي لُٽ ڦُر کي ختم ڪرڻ جو عزم، اهي ۽ اهڙيون ٻيون خوبيون انسانيت جا مکيہ قدر آهن."

**غلام محمد گرامي**

ٽماهي 'مهراڻ' 1970/4ع تان کنيل

****

ڊاڪٽر الطاف حسين جوکيو



# مولوي احمد ملاح جي شاعريءَ ۾ ’تجنيس مُطرَّف‘ جو جائزو

- **جائزي جو پس منظر:**

سنڌي ٻوليءَ جي محافظ، مولوي احمد ملاح جي شاعريءَ ۾ لفظن جي عجيب جادوگري آهي، ائين لڳندو آهي ته جڻ لفظ سندس محتاج هجن. مولوي صاحب تجنيس حرفيءَ جو ته شهنشاهه رهيو آهي. هڪ مطلع خيال خاطر:

سڄڻ، توکان سوا سَنڌ سَنڌ، سَٽ سَٽ سُور جا سَٽڪا،
ڦَٽي ڦُوڙاءِ ڦوڙي دل، اُڦٽ ڦُٽ، ڦُٽ مٿي ڦُٽڪا.
(ڪليات احمد، ڀاڱو ٻيون: 65)

سنڌي ٻوليءَ جي محافظ ۽ خاص طور لاڙي ٻوليءَ جي نمائندگي ڪندڙ، مولوي احمد ملاح ڪلاسيڪي صنفن (بيت ۽ ڪافي) ۽ عروضي صنفن (غزل، مخمس، مسدس وغيره) تي مَلڪو رکندڙ شاعر رهيو آهي. سندس شاعريءَ ۾ تجنيس حرفي ته ڪمال جي رهي آهي، ان تجنيس جي اندر وري مختلف تجنيسون سمايل آهن، جن کي نمايان ڪرڻ جي لاءِ ڪوشش وٺڻ جي گهرج آهي. هتي ’تجنيس مُطرَّف‘ کي مرڪوز ڪجي ٿو.

مرزا قليچ بيگ جي ڪتاب ’علم عَروض‘ ۾ تجنيس مُطرَّف جي وضاحت ڏنل آهي ته: ”جنهن ۾ ٻه همجنس لفظ هجن، جي حرفن ۾ متفق هجن، سواءِ پوئين حرف جي، جو مختلف ٿو ٿئي.“ (قليچ، 2016: 99) جنهن جا مثال ٻه هن ريت ڏنل آهن: ’ڪلال‘- ’ڪلام‘، ’گلاب‘- ’گلال‘، ’خرار‘- خراب‘، ’دلداد‘- ’دلدار‘ ۽ ’آزار‘- ’آزاد‘ وغيره. ظفر عباسيءَ ( 2007: 414- 415) پڻ هيءَ تجنيس ڄاڻائي آهي، پر ساڳي مرزا قليچ واري اتاري رکي آهي.

لفظ ’مُطرَّف‘ مان مراد ڪنهن جو طرف يا پاسو مٽيل ڏسيو ويو آهي. متفق طور اها ئي وضاحت ملي ٿي ته ’تجنيس مُطرَّف‘ ۾ ٻن لفظن جي اهڙي ييٽ ڏيکاريل هجي، جنهن جا اڳيان اکر ساڳيا هجن ليڪن آخري اکر تبديل هجي. هيءَ تجنيس، ’تجنيس مضارع‘ جو هڪ جز چئي سگهجي ٿي، ڇاڪاڻ ته مضارع ۾ ٻه اهڙا تشبيهه رکندڙ لفظ رکيا ويندا آهن جن جو شروعاتي، وچيون، آخري يا حرف علت نسبت هڪ اکر تبديل هجي. ’تجنيس مُطرَّف‘ ۽ ’تجنيس مضارع‘ ۾ خاص فرق اهو آهي ته مضارع جي همجنس لفظن ۾ ڪوبه هڪ حرف (اڳيون، وچيون يا پويون) تبديل هجي، ليڪن ’تجنيس مُطرَّف‘ ۾ صرف آخري اکر جي تبديلي رهي ٿي. وڌيڪ اهو به چئي سگهجي ٿو ته تجنيس مضارع جا اهڙا مثال جن جو آخري اکر تبديل هجي ته ان کي ’تجنيس مُطرَّف‘ جو به مثال چئي سگهجي ٿو. ان چوڻ ۾ ڪوبه وڌاءُ نه ٿيندو ته ’تجنيس مضارع‘ هڪ جامع حيثيت رکندڙ تجنيس آهي: ’تجنيس مُطرَّف‘ ان جو هڪ اهڙو مخصوص جز آهي، جنهن ۾ ڪنهن لفظ جا پهريان اکر ساڳيا هجن، ليڪن آخري اکر جي تبديلي هجي. ’تجنيس مُطرَّف‘ کي ’تجنيس حرفيءَ‘ جو جز پڻ چئي سگهجي ٿو.

- **جائزي جا سوال:**
  - تجنيس مُطرَّف جي ڇا مراد آهي؟

- ڇا تجنيس حرفي، تجنيس مُطرَّف ۽ مضارع جي ماڻ چئي سگهجي ٿو؟
- ڇا تجنيس مُطرَّف، تجنيس مضارع جو جز چئي سگهجي ٿو؟
- ڇا تجنيس مُطرَّف جي همجنس لفظن ۾ اکرن جي تعداد جي پابندي آهي؟
- مولوي احمد ملاح جي شاعريءَ ۾ تجنيس مُطرَّف جو استعمال تجنيس حرفيءَ جي ڀيٽ ۾ ڪيتري سطح جو آهي؟.

- **جائزي جو عمل:**
- **تجنيس مُطرَّف جي معنىٰ ۽ مراد:**

تجنيس مُطرَّف بابت مرزا قليچ بيگ ڄاڻايو آهي ته: ”جنهن ۾ ٻه همجنس لفظ هجن، جي حرفن ۾ متفق هجن، سواءِ پوئين حرف جي، جو مختلف ٿو ٿئي.“ (قليچ، 2016: 99)

جامع سنڌي لغات ۾ اصطلاح جي لفظ ۾ فرق آهي، ڄاڻايل آهي ته:

”تجنيس مطرَّب: ٿ. شعر ۾ ٻن مفرد لفظن جي پوين اکرن ۾ تبديل پيش ڪندڙ صنعت ’خار ۾ هن خام چيو، ۾ ڪين ٿيس مقصد تمام‘.“ (بلوچ، 1981: 491)

ممڪن آهي ته ’مُطرَّف‘ مان ’مطرَّب‘ پروف جي غلطيءَ سببان ٿيو هجي، ليڪن ساڳيو لفظ ’نئين جامع سنڌي لغات‘ (بلوچ، 2004: 443) ۾ ٿو ڏسجي ته ٻه ساڳي لکت ۽ وضاحت، مثال سوڌي ڏنل آهي. حقيقت ۾ ’مطرب‘ جي معنىٰ ’خوشي يا غم ۾ جهومڻ‘ واري ٿئي ٿي، جيڪا تجنيس سان ڪنهن به صورت ۾ ٺهڪاءُ ۾ نه ٿي اچي.

- **تجنيس مُطرَّف جو اشتقاق:**

فيروز اللغات عربي- اردو جي مدد سان تجنيس مُطرَّف جو اشتقاق هينئين ريت رکجي ٿو:

تجنيس مُطرَّف: [تجنيس- تَفعِيل- مصدر (جِنسَ = هو پچي راس ٿيو) جنسوار ڪرڻ، جنسي ترتيب ڏيڻ + مُطرَّف- مُفعَّل- اسم مفعول (طَرَفَ = هن اک ڇنڀي) پاسو ورتل، ڪنارو مٽيل] تجنيس جي اها صورت جيڪا، ٻن همجنس لفظن جي اڳين اکرن تائين ساڳي هجي، ليڪن آخري اکر مٽيل هجي، جيئن: ڪٽر- ڪٽڪ، سرس- سرت، ڪرت- ڪرپ وغيره.

- **تجنيس مُطرَّف ۽ تجنيس حرفيءَ ۾ مماثلت:**

تجنيس حرفيءَ مان مراد ڪنهن بيان يا شعر ۾ تقريباً هر لفظ جي شروعات ساڳئي حرف سان ٿيندي هجي، جيئن:

دولتون، دانائيون، دنيا، دوائون، دان، دين،
در مٿان دادار، ڏئي ٿو، هر مهل جيڪي منگو.
(ڪليات احمد، ڀاڱو پهريون، 84)

مٿئين شعر ۾ ’دال‘ اکر سان شروع ٿيندڙ لفظ ڪم آندا ويا آهن، جنهن سبب ان کي تجنيس حرفيءَ جو مثال چئبو. انهن ساڳين لفظن ’دولتون، دانائيون، دنيا، دوائون، دان، دين، در، دادار‘ ۾ جيڪڏهن ٻيو لفظ به ڪنهن ٻئي ساڳئي اکر سان شروع ٿئي ها ته پوءِ ان تي اکرن جي تعداد جي بنياد تي غور ڪجي ها ته ڪٿي تجنيس حرفيءَ کان هٽي ڪري ڪا ٻي تجنيس ته ڪونهي! ساڳئي نموني هيٺئين شعر کي جاچجي ٿو:

نه ’محروم‘ ڪر، بلڪ مرحوم ڪر مون،
مَرڻ ڏي مسافر کي منجهه مُلڪ ’محروس‘.
(ڪليات احمد، ڀاڱو ٻيون، 292)

’محروم، مرحوم، مون، مرڻ، مسافر، منجھه، ملڪ، محروس‘ لفظن جي شروعات ’ميم‘ سان ٿئي ٿي، جنهن سبب ان کي تجنيس حرفيءَ جو مثال ته سڏبو ۽ جيڪڏهن جاچجي ته ’محروم‘ ۽ ’محروس‘ اهڙا همجنس لفظ آهن، جيڪي اڳين اکرن ’محرو...‘ تائين ساڳيا آهن، ليڪن آخري حرف تبديل آهي، جنهن بنياد تي اهو چئي سگهبو ته اهو تجنيس حرفيءَ کان علاوه ڪا بي ’تجنيس‘ به ٿي سگهي ٿي، جيڪا آهي ’تجنيس مُطرَّف‘!

- **تجنيس مُطرَّف ۽ مضارع ۾ مماثلت:**

چاڻايل مٿئين شعر ۾ لفظ ’محروم- مرحوم- محروس‘ هم جنس آهن ۽ جيڪڏهن ’محروم‘ ۽ ’مرحوم‘ جي ڀيٽ ڪبي ته اهو ’تجنيس قلب‘ جو مثال چئي سگهجي ٿو. جيڪڏهن ’محروم‘ ۽ ’محروس‘ جي ڀيٽ ڪبي ته آخري اکر جي مٽجڻ سان ’تجنيس مُطرَّف‘ جو مثال ته آهي ئي آهي، ليڪن ان کي ’تجنيس مضارع‘ جو به مثال سڏي سگهبو، ڇاڪاڻ ته ’تجنيس مضارع‘ اهڙن ٻن هم جنس لفظن کي چئبو آهي جن جي اڳ، وچ، پڇاڙي، يا حرف علت واري هڪ اکر جي تبديلي هجي. ان هڪ اکر جي تبديلي ’محروم‘ ۽ ’محروس‘ ۾ موجود آهي، ان سبب ان کي يڪسان طور تي مُطرَّف ۽ مضارع جو مثال چئي سگهبو.

- **تجنيس حرفي ۽ مضارع ۾ مماثلت**

- آخري حرف جي تبديليءَ وارا لفظ تجنيس حرفي، تجنيس مُطرَّف ۽ مضارع پڻ سڏبا.
- اهو خيال ته عام آهي ته ’تجنيس حرفيءَ‘ موجب ڪوبه لفظ ساڳئي اکر سان شروع ٿيندو آهي. جيڪڏهن همجنس لفظن جا پهريان اکرَ ساڳيا ۽ آخري اکر تبديل هجي ته انهن هم جنس لفظن جي تجنيس مُطرَّف سڏبي. يعني تجنيس مُطرَّف، هر صورت ۾ ’تجنيس حرفيءَ‘ جو جز آهي.
- تجنيس حرفيءَ جي تجنيس مضارع سان مماثلت وچئين يا آخري حرف جي ساڳيائپ واري بنياد تي ٿي سگهي ٿي، ليڪن مضارع جا اهڙا همجنس لفظ جيڪي ساڳئي حرف سان شروع نه ٿين ته ان صورت ۾ تجنيس حرفيءَ جو جز نه ٿو ٿي سگهي.

- **تجنيس مُطرَّف (آخري اکر جي تبديليءَ سان)**

تجنيس مُطرَّف، ’تجنيس حرفيءَ‘ جو جز آهي ۽ پڻ ’تجنيس مضارع‘ جا به حصا (وچئين يا آخري اکر جي تبديليءَ سبب) تجنيس حرفيءَ جو جز آهن. جيئن ته مولوي احمد ملاح جي شاعريءَ ۾ ’تجنيس حرفي‘ جي حرفت ڪافي سمايل رهي آهي، ان ڪارڻ سندس شاعريءَ مان تجنيس مُطرَّف جا مثال جاچجن ٿا:

- **آخري وينجن اکرن جي تبديليءَ سان (ٻه اکرو لفظ)**

نه آيا بَر بني آدم، شمع قنديل ڪُل ٿيا ڪم،
سبب محبت سچو عالم، هجي حيران هموارا.
(ڪليات احمد، ڀاڳو ڀيون، 51)

(ان شعر ۾ ’ڪُل‘ ۽ ’ڪم‘ تجنيس مُطرَّف جو مثال آهي.)

سج نه چنڊ جي سُڌ پوي، اڳيان سجڻ جي سوجهري،
باغ بستان ڪو نه پانيان، گم بحر بَر ٿو ڏسان.
(ڪليات احمد، ڀاڳو ڀيون، 372)

(مٿئين شعر ۾ ’سِجُ ۽ سُڌِ‘ تجنيس مُطرَّف جو مثال آهي.)

سِڪ پڳا سپ سُک سندم، ساريان سجڻ ساري چمار،
درد دل ۾ ٿيو زياده، دلربا دلدار جو.
(ڪليات احمد، ڀاڳو ڀيون، 463)

(مٿئين شعر ۾ ’سک‘ ۽ ’سک‘ تجنيس مطرّف جو مثال آهي.)

رڻ ٿيو مون، ساڻ راڻا، رُس مَ، روساگو نهيو،
ڍوليا، ڍائي وَري، ڍَٽ پاس ڍاري، موٽ تون.
(ڪليات احمد، پاڳو ٻيون، 413)

(مٿئين شعر ۾ ’رڻ‘ ۽ ’رُس‘ تجنيس مطرّف جو مثال آهي.)

اي سنڌئي پَر پُٽ پڪارون، ڪر نہ ’احمد‘ ايندياءِ،
جي رُئل راٺي ڪي ريجهائين، تہ رُو رُو روبرو.
(ڪليات احمد، پاڳو ٻيون، 485)

(مٿئين شعر ۾ ’پَر‘ ۽ ’پُٽ‘ تجنيس مطرّف جو مثال آهي.)

ڪڻ اک خليلَ، سامهين ڪِل ساڻ زَر خريدن،
اڄ ڪَر اگڻ اسان جو، آباد ساڻ عِيدن.
(ڪليات احمد، پاڳو ٻيون، 407)

(مٿئين شعر ۾ ’ڪڻ ۽ ڪِل‘ تجنيس مطرّف جو مثال آهي.)

’بي‘ بندو آهين برابر، ٻيو نہ پانئج ڪجهہ پُلي،
روس جيئن رب ڪان نہ ڦِر، نہ تہ روهہ ۾ ويندين رُلي،
اڄ خدائي خود خدا جي، خوب خصمن تي ڪُلي،
باهہ، ٻر باروت وچ ۾، ٻَت سندن بنيا ٻُلي،
لاش لينن سِر ڪلهن، لڪ تان لڙن لاچار ٿي،
تون نہ تن جيئن خوار ٿي، الله اڪبر چئي اُٿي.
(ڪليات احمد، پاڳو پهريون، 235)

(مٿئين شعر ۾ ’ٻر‘ ۽ ’ٻت‘ تجنيس مطرّف جو مثال آهي. ان ڪان علاوه ’روس ۽ روهہ‘ ۽ ’خود ۽ خوب‘ پڻ تجنيس مُطرَّف جا مثال آهن.)

- **آخري وينجن اکرن جي تبديليءَ سان (ٽہ اکرو لفظ)**

مصطفیٰ مرسل لڏيندي، مُلڪ مِلت پَر نيا،
سي نہ ٿيا غارت ادا، ڪي غائباني تنهنجي ۾.
(ڪليات احمد، پاڳو پهريون، 343)

(مٿئين شعر ۾ ’مُلڪ‘ ۽ ’ملت‘ آخري اکر جي تبديليءَ سان تجنيس مُطرَّف جا مثال آهن.)

ڪنهن غرض سان غرب ڏي، ڪاهي غرابن ڪي غريب،
عرب ’احمد‘ ميڙ، يا الله، يا رب، يا عزيز.
(ڪليات احمد، پاڳو ٻيون، 273)

(مٿئين شعر ۾ ’غرض ۽ غرب‘ تجنيس مُطرَّف جا مثال آهن.)

ڪنهن گهوٽ گهوڙي، مٿان گهور گل،
ڪنهن دوست ڏڙ تي وسي ڏوڙ ڏُڌ.
(ڪليات احمد، پاڳو ٻيون، 223)

(مٿئين شعر ۾ ’گهوٽ ۽ گهور‘ آخري اکر جي تبديليءَ سان تجنيس مُطرَّف جا مثال آهن.)

رات گڏ راڻا، نہ راهين، تہ بہ رهڻ ڏي راڄ ۾،
نيٺ تنهنجو نوڪ نيڻن سان، نظارو ٿي لذيذ.
(ڪليات احمد، پاڳو بيون، 241)

(مٿئين شعر ۾ 'رات ۽ راڄ' تجنيس مُطرَف جا مثال آهن.)

رات ڏينهن تنهنجو رڳوئي، راڳ رڳ رڳ روح ۾،
تنهنجون تن من ۾ تنواروں، 'تون' ڪري ٿي تند تند.
(ڪليات احمد، پاڳو بيون، 216)

(مٿئين شعر ۾ رات ۽ راڳ' تجنيس مُطرَف جا مثال آهن.)

وچينءَ ويلي ورڻ جو، ساڻ ويڙهيچن وچن وچ ۾،
عمرَ، ويئي ڏسان واٽون، ورن ڪي شال وانگيئڙا.
(ڪليات احمد، پاڳو بيون، 64)

(مٿئين شعر ۾ 'ورڻ' ۽ 'ورن' تجنيس مُطرَف جا مثال آهن.

سدا ساريان سجڻ سائين، وَرو آهُن متي آئين،
هلي آءُ گڏ حشر تائين، رهون خوش خوب خوش حالا.
(ڪليات احمد، پاڳو بيون، 71)

(مٿئين شعر ۾ 'خوش' ۽ 'خوب' تجنيس مُطرَف جو مثال آهي.)

چا سجڻ، تو ڪان سوا، سُک ڪي ڪريان چا ساھ ڪي،
تو بنا مون ڪي مرض، ماتم مرڻ محشر پلا.
(ڪليات احمد، پاڳو بيون، 73)

(مٿئين شعر ۾ 'مرض' ۽ 'مرڻ' تجنيس مُطرَف جو مثال آهي.)

قديمن جو قدر وڏيو قدم سان،
ڏيئي خدمت ڪيئون خوش خادم خويش.
(ڪليات احمد، پاڳو بيون، 304)

(مٿئين شعر ۾ 'قدر' ۽ 'قدم' آخري اکر 'ر ۽ م' جي تبديليءَ سان تجنيس مُطرَف جو مثال آهي.)

اچي آباد ڪيائون آستانو،
ڪري اڄ چو نہ 'احمد' عيد ۽ عيش.
(ڪليات احمد، پاڳو بيون، 304)

(مٿئين شعر ۾ 'عيد' ۽ 'عيش' آخري اکر 'د ۽ ش' جي تبديليءَ سان تجنيس مُطرَف جو مثال آهي.)

اسان ڪي عيش عشرت عيب 'احمد'،
فقيرن جو فخر فاقي فقر سان.
(ڪليات احمد، پاڳو بيون، 377)

(مٿئين شعر ۾ 'عيش' ۽ 'عيب' تجنيس مطرَف جو مثال آهي.)

'الف' آهي ڪو اتاهون، عرش ڪان عالي جناب،
اپ، زمينون، عرش وچ ۾، بيا بہ ڪئين عالم عُجاب،
جِن مَلڪ ماڻهو مرون، آباديون درياھ آب،
خاڪ سين افلاڪ ڪان، شاهي حڪم پهچن شتاب،

هُي، هتان جي ويا، نہ آيو ڪنهن بہ جانيءَ ڪان جواب،
ڪوهہ چاڻان ڪوٽ ۾، ڪيئن ٿيو هُميراڻُو حساب.
(ڪليات احمد، ڀاڱو پهريون، 251)

(مٿئين بند ۾ ’ڪوهہ ۽ ڪوٽ‘ تجنيس مُطرَّف جا مثال آهن.)

- **آخري وينجن اکرن جي تبديليءَ سان (چار اکرو لفظ)**

ڏِيد درسن دور پنڌان، دائما دل کي درست،
پڄ پلين ۾ پڄ نہ مون ڪان، بي وفا دلِ، ترس ترس.
(ڪليات احمد، ڀاڱو ٻيون، 286)

(مٿئين شعرن ۾ ’درسن‘ ۽ ’درست‘ تجنيس مُطرَّف جو مثال آهي.)

’زي‘ زمانن ڪان زمين تي، رنگ ساڳيا ٿا رچن،
جن تہ جن، ماٺهو تہ ماٺهو، فصل پنهنجي ۾ پچن،
مُنڍ مادي بي پَسهہ ڪان، هي منڊل مشڪل مچن،
بلڪ افلاطون اٽڪن، تہ بہ نہ اٽڪل تي اچن،
هيءَ خدائي خود خدا جي، خاص خدمتگار ٿي،
ٻيا نہ ٻولڄ ،ٻار ٿي، الله اڪبر چئي اُٿي.
(ڪليات احمد، ڀاڱو پهريون، 273)

(مٿئين بند ۾ ’اٽڪن ۽ اٽڪل‘ آخري اکر جي تبديليءَ سان تجنيس مُطرَّف جا مثال آهن.)

- **آخري وينجن اکرن جي تبديليءَ سان (پنج اکرو لفظ)**

نہ ’محروم‘ ڪر، بلڪ مرحوم ڪر مون،
مَرڻ ڏي مسافر کي منجهہ مُلڪ ’محروس‘
(ڪليات احمد، ڀاڱو ٻيون، 292)

(ان شعر ۾ ’محروم‘ ۽ ’محروس‘ جي ڀيٽ ڪبي تہ آخري اکر جي مٽجڻ سان ’تجنيس مُطرَّف‘ جو مثال سڏبو.)

ڏهــن تنهنجو دلبرَ، حــقــي حــوضِ ڪوثر،
ڪــري پُــر پــيــارج پيارَل، پيالا.
(ڪليات احمد، ڀاڱو ٻيون، 70)

(مٿئين شعر ۾ ’پيارج‘ ۽ ’پيارَل‘ تجنيس مُطرَّف جو مثال آهي.)

دوست جي دَم سان، قدم سان، ديد سان، ديدار سان،
دل سـنـدم آزاريل، ’آزار‘ ڪـــان ’آزاد‘ باد.
(ڪليات احمد، ڀاڱو ٻيون، 212)

(مٿئين شعر ۾ لفظ ’آزار‘ ۽ ’آزاد‘ جي آخري اکر جي تبديليءَ سان ڪم ايندڙ لفظ، تجنيس مُطرَّف جا مثال آهن.)

واهہ، ’سانوَڻ‘ ڏينهن، ساوڪ مينهن، ’سانوَل‘ ساڻ نينهن،
يــار پيڙو، بــاغ بلبل، بُونــد بــار و بــار گڏ.
(ڪليات احمد، ڀاڱو ٻيون، 230)

(مٿئين شعر ۾ ’سانوَڻ ۽ سانوَل‘ آخري اکر جي تبديليءَ سبب تجنيس مُطرَّف جو مثال آهي.)

- **آخري حرف علت (الف) جي تبديليءَ سان**

ڪِيان ڪنڌ خُشڪا تہ خُشڪي ڪٽي،
اسان ڏوتين لاءِ ڏٽ آهہ ڏاج.
(ڪليات احمد، ڀاڱو ٻيون، 176)

(مٿئين شعر ۾ 'خشڪا ۽ خشڪي' تجنيس مُطرَّف جا مثال چئي سگهجن ٿا.)

هتي ڪاڙها ڪڙهن ڪارا، وطن ۾ واس وسڪارا،
وٽيم تاڙا، ڳٽيم تارا، لڳي تاڙي نہ تاڙي ڪا.
(ڪليات احمد، ڀاڱو ٻيون، 66)

(مٿئين شعر ۾ 'تاڙا ۽ تاڙي' تجنيس مُطرَّف جو مثال آهي.)

هڪ پَريا ڍورا ڍنيون، ٻيو ڍوند ڍورن ڍير ٿيا،
پيئي مِرُن ۾ مار، وڄڙيون وار، واري ٻي ولهار.
(ڪليات احمد، ڀاڱو ٻيون، 508)

(مٿئين شعر ۾ 'ڍورا' ۽ 'ڍورن' تجنيس مُطرَّف جو مثال آهي.)

- **آخري حرف علت (واؤ) جي تبديليءَ سان**

اونداهي رات اوجهڙ ۾، اُجهان آئون مُنجهان آئون،
سڄڻ گڏجي تہ سڄ ڏاران، سڄو پٽ سوجهرو ساها.
(ڪليات احمد، ڀاڱو ٻيون، 80)

(مٿئين شعر ۾ 'سڄڻ' ۽ 'سڄو' تجنيس مُطرَّف جو مثال آهي.)

ري مُروَت ۽ صفا، مَروو صَفا بوڙي تہ چا،
پاڪ پاڪيءَ ري نہ ڪنهن، پاڪيٽ جا پاڪيٽ ڪَٽ.
(ڪليات احمد، ڀاڱو ٻيون، 154)

(مٿئين شعر ۾ 'مروَت' ۽ 'مَروو' آخري حرف جي تبديليءَ سان تجنيس مُطرَّف جا مثال سڏبا.)

پرهہ سان پسجي نہ پَٽ ۾، ڪو پَڪي توٽي پَڪو،
سانگ کهڙي ڪن سنباهي، يا الاهي الغياث.
(ڪليات احمد، ڀاڱو پهريون، 512)

(مٿئين شعر ۾ 'پَڪي ۽ پَڪو' تجنيس مُطرَّف جا مثال چئي سگهجن ٿا.)

- **آخري حرف علت (يي) جي تبديليءَ سان**

ڏسان وار مشڪي تہ مشڪل چڙهڻ،
پسان منهن تہ مڙئي مُهمات مات.
(ڪليات احمد، ڀاڱو ٻيون، 118)

(مٿئين شعر ۾ 'مشڪي ۽ مشڪل' ٻہ الڳ لفظ، آخري حرف جي تبديليءَ سبب تجنيس مُطرَّف جا مثال آهن.)

'لام' لڇڻ ساڻ لڇمي، ري لڇڻ لڇمڻ لُڇن،
وڃ ٻچي، پرواهہ نہ ڪر، پروان پاٿهي پڙ پڇن،
ڪوهہ ڪُسڪين ٿو ڪسڻ تي، ڪهر ڪسنيد ڪيئن ڪڇن،
مَر نہ ميڙي، بلڪ ماري، مير ٿي موڙي مُڄن،

ٽر ٻٽي، نيزو ڪٽي، نعرو هٽي نروار ٿي،
ڪر ڪٽي ڪرار ٿي، الله اڪبر چئي اُٿي.
(ڪليات احمد، پاڳو پهريون، 240)

(مٿئين بند ۾ 'لچمي ۽ لچمڻ' تجنيس مُطرّف جا مثال آهن.)

- **اختصار/ نچوڙ/ نتيجو**

- تجنيس مُطرّف مان مراد اهڙن همجنس لفظن جي اڳين اکرن جو ساڳيو هجڻ آهي، جن جي آخري اکر ۾ تبديلي هجي، جيئن: ڪٽر- ڪنڪ، سرس- سرت، ڪرت- ڪرپ وغيره.
- جامع سنڌي لغات ۾ 'تجنيس مطرب' ڄاڻايل آهي، جيڪا معنيٰ توڙي مراد نسبت جعلي آهي.
- تجنيس مُطرّف، تجنيس حرفيءَ جو جز آهي، ڇاڪاڻ ته تجنيس حرفيءَ جيان مُطرّف جو به پهريون اکر ساڳيو رهي ٿو. تجنيس مُطرّف نسبت، مولوي صاحب جي ڏنل مثالن موجب به اکري لفظ (ڪُل ۽ ڪم) جو پهريون اکر ساڳيو ليڪن آخري تبديل رهندو؛ ٽه اکري لفظ (رات ۽ راڳ) ۾ به اکر ساڳيا ليڪن آخري حرف تبديل ٿئي ٿو؛ چار اکري لفظ (لچمي ۽ لچمڻ) ۾ ٽي اکر ساڳيا ليڪن آخري اکر جي تبديلي رهي ٿي؛ پنج اکري لفظ (محروم ۽ محروس) ۾ چار اکر ساڳيا، ليڪن آخري حرف تبديل رهي ٿو.
- تجنيس مُطرّف ۽ مضارع ۾ آخري حرف جي تبديليءَ نسبت هڪجهڙائي آهي. جيئن ته تجنيس مضارع موجب همجنس لفظن ۾ ڪوبه هڪ حرف (شروعاتي، وچيون يا آخري) تبديل هجي، ان خيال کان تجنيس مضارع جو اهو مثال جنهن ۾ آخري حرف جي تبديلي هجي ته اهو ساڳيو مثال تجنيس مُطرّف جو به سڏبو.
- مولوي احمد ملاح جي شاعريءَ جو مزاج جيئن ته 'تجنيس حرفيءَ' وارو رهيو آهي، ان ڪارڻ سندس شاعريءَ ۾ تجنيس مُطرّف جا مثال به خاصي تعداد ۾ ملن ٿا. البت، تجنيس حرفيءَ جي پيٽ ۾ تجنيس مُطرّف جو استعمال، تلهي ليکي، چوٿون حصو آهي.

**حوالا/ ذريعا**


- بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر (1981) جامع سنڌي لغات. جلد: 2. ڄام شورو: سنڌي ادبي بورڊ.
- بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر (2004) نئين جامع سنڌي لغات: جلد پهريون. حيدرآباد: سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو.
- رستماڻي ضرار، پروفيسر (2017) ڪليات احمد (مولوي احمد ملاح) پاڳو پهريون ۽ ٻيون. ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن.
- عباسي ظفر (2007) سنڌيءَ ۾ شاعريءَ جون صنفون ۽ صنعتون. حيدرآباد: سنڌي لئنگويج اٿارٽي.
- فيروزالدين (1979) فيروزاللغات- عربي اردو. لاهور: فيروز سنز لميٽيڊ.
- مرزا، قليچ بيگ (2016) علم عَروض. ڄام شورو: مرزا قليچ بيگ چيئر، سنڌ يونيورسٽي.

مختيار احمد ملاح



# ڊي.جي سنڌ ڪاليج مِسيلنيءَ جو سنڌي ادب جي واڌاري ۾ ڪردار

1853ع کان سنڌ جي شهرن ۾ اينگلو ورنيڪيولر ۽ نارمل اسڪول کلڻ شروع ٿي ويا ۽ ڪيترن ئي ڳوٺن ۾ ورنيڪيولر اسڪول قائم ٿيڻ شروع ٿيا، مگر اعليٰ تعليم جو ڪو به بندوبست نه هو، انڪري والدين پنهنجي اولاد کي ميٽرڪ جي امتحان لاءِ بمبئي موڪليندا هئا، جتي هو هفتن جا هفتا بحري جهاز جو سفر ڪري پهچندي پهچندي بيمار ٿي پوندا هئا. ڪجهه وري ملتان کان ٿيندا هفتن جو رستو پار ڪري بمبئي پهچندا هئا. هاير ايجوڪيشن جو سنڌ ۾ ڪو به بندوبست نه هو. مطلب ته انگريزن جي دؤر ۾ سنڌ ۾ پرائمري ۽ ثانوي تعليم تي خاص ڌيان ڏنو ويو پر ڪاليج ۽ يونيورسٽيءَ واري پاسي ڪو خاص ڌيان نه پئي ڏنو ويو، جنهن سبب سنڌ جا گهڻي قدر شاگرد تڪليفون سهي بمبئيءَ ۾ امتحان ڏيڻ ويندا هئا، صرف ميٽرڪ جو امتحان ڏيڻ لاءِ انهن کي مهينا سفر ڪرڻو پوندو هو. 1857ع ۾ بمبئي يونيورسٽيءَ جي قيام کان ويندي سنڌ ڪاليج (بعد ۾ ڊي.جي سنڌ ڪاليج) جي قيام تائين سنڌ جي تيرهن شاگردن ايلفنسٽن ڪاليج ۾ پڙهي بمبئي يونيورسٽيءَ ۾ امتحان ڏنو.

1882ع سنڌ جي سجڻن هڪ تنظيم 'سنڌ سڀا' قائم ڪئي، جنهن جو مقصد هو ته سنڌ ۾ سماجي اصلاح آڻجن. سنڌ سڀا سڀ کان اڳ سنڌ ۾ مڪاني حڪومتن ۾ سڌارا آڻڻ تي زور ڀريو ، ان سان گڏ سنڌ ۾ هڪ ڪاليج جي قيام لاءِ جدوجهد به شروع ڪئي. 1882ع ۾ لارڊ رپن مڪاني حڪومتن ۾ سڌارن جو اعلان ڪيو ته سنڌ سڀا مڪاني حڪومتن لاءِ لائق ماڻهو چونڊرائڻ جو فيصلو ڪيو. سنڌ سڀا سنڌ جي عوام ۾ سجاڳيءَ لاءِ 'سنڌ ٽائيمز' ۽ 'سنڌ سڌار' اخبارون به جاري ڪيون. "آڪٽوبر 1884ع ۾ ميونسپل ايڪٽ ۾ سڌارو آندو. سنڌ سڀا، اُنهن بلن تي جيڪو بحث مباحثو ڪيو هو، تنهن ۾ ڏيارام گدومل گهڻو ڀرو ورتو هو. عريضيون جيڪي سرڪار کي ڪيون ويون، تنهن ۾ به سندس هٿ هو."[1]




ڪاليج قائم ڪرڻ لاءِ ساجهه وندن کان چندي جي گهر ڪئي وئي. 'سنڌ سڌار'، 'سنڌ ٽائيمس' ۽ ٻين اخبارن گڏجاڻيون ڪري سڄي سنڌ مان ڪاليج فنڊ لاءِ چندا مهم هلائي وئي. اٽڪل نوي هزار گڏ ٿي ويا. مسلمانن جي اڪثريت ڪاليج فنڊ ۾ حصو نه ورتو، ڇو جو هو مسلمانن لاءِ هڪ الڳ اداري جي لاءِ ڪوشش ڪري رهيا هئا. 1886ع ۾ ڪاليج برپا ڪرڻ واسطي 'سنڌ ڪاليج ايسوسيئيشن' نالي تنظيم ٺاهي وئي، جنهن کي حڪومت پاران تسليم ڪيو ويو."[2] تمام گهڻين ڪوششن کان پوءِ 17 جنوري 1887ع

**ڊي.جي سنڌ ڪاليج مِسيلنيءَ ۾ شايع ٿيندڙ مواد:**

هيءَ مخزن سنڌي، انگريزي ۽ گجراتي ٻولين ۾ شايع ٿيندي هئي ۽ ٽنهي ٻولين جي مواد جي ترتيب الڳ رکي ويندي هئي ۽ ٽنهي ٻولين جي مواد جا سب ايڊيٽر پڻ الڳ هوندا هئا. سنڌ ڪاليج مِسيلني ورهاڱي تائين سنڌي ادب جي واڌاري ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. هي مخزن ڪاليج جي استادن ۽ شاگرن جي انگريزي ۽ سنڌيءَ ۾ لکيل مضمونن، ڪهاڻين، ناٽڪن، تاريخي ڳالهين، سفرنامن، ڪاليج جي سرگرمين وغيره تي مبني هوندو هو. سنڌ ڪاليج مِسيلنيءَ ۾ تنهن دؤر جا وڏا سنڌي اديب ۽ محقق جهڙوڪ: مرزا قليچ بيگ، لعل چند امر ڏنومل، چيتمل پرسرام، ٽي.ايل واسواڻي، ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي، ڀيرومل مهرچند آڏواڻي، ڊاڪٽر دائودپوٽو، پروفيسر منگهارام ملڪاڻي، ايل.ايچ اجواڻي، چيتن ماڙيوالا، شيخ اياز، نارائڻ شيام، ڪيرت ٻاٻاڻي، هري دلگير، رام پنجواڻي، گوبند مالهي ۽ ٻيا لکندا هئا. سنڌ ڪاليج مِسيلنيءَ سنڌي ادب جي هر صنف جي واڌاري ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو. اگر سنڌ جو انگريزي زبان ۾ ادبي ڪردار جو ذڪر ايندو ته هن مِسيلنيءَ جو ذڪر ضرور ايندو. جو ته پهريون سنڌي شاگردن کي هڪ الڳ قسم جو معياري مخزن مليو، جنهن ۾ هُو پنهنجي شاعري، مضمون، ڪهاڻيون وغيره انگريزيءَ ۾ لکي شايع ڪرائي ٿي سگهيا. تمام وڏي پيماني تي سنڌي شاعرن انگريزيءَ ۾ شاعري ڪئي ۽ انگريز اديبن ۽ انگريزي ادبي صنفن تي مضمون لکيا. ان قسم جو شاندار مواد ان دور جي سنڌي نوجوانن جو هن مخزن ذريعي گڏ ڪري سگهجي ٿو. انگريزي ۽ گجراتي ۾ ٻه جيڪي مضمون شايع ٿيندا هئا، انهن ۾ به گهڻا سنڌ بابت هوندا هئا. 'مِسيلنيءَ جي فيبروري 1926ع واري شماري ۾ هوتچند مولچند گربخشاڻيءَ جو بمبئي يونيورسٽيءَ ۾ سنڌي ادب پڙهائڻ بابت مقالو شايع ٿيو، جنهن جو بنياد سندس پاران بمبئي يونيورسٽيءَ ۾ 14 نومبر 1921ع تي سنڌي ادب نصاب ۾ شامل ڪرڻ بابت هڪ رپورٽ تي هو. ان رپورٽ جي بنياد تي بمبئي يونيورسٽيءَ سنڌي ٻوليءَ ۾ امتحان ڏيڻ ۽ سنڌيءَ جو مضمون نصاب ۾ شامل ڪرڻ جي منظوري ڏني هئي. گربخشاڻيءَ صاحب جو اهو مقالو هڪ تاريخي دستاويز آهي"[6] انگريزي ۾ لکيل هي مقالو انتهائي اهم پر اڻ لڀ آهي، جنهن ۾ ڊاڪٽر گربخشاڻي جي علمي لياقت جهلڪندي نظر اچي ٿي، ان مان هيٺئين فقري جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڏجي ٿو:


The

D. J. Sind College Miscellany

FEBRUARY 1930.

Published by

D. J. Sind College Miscellany Committee

> "سنڌي ڪنهن به صورت ۾، جيئن غلط سمجهيو ويندو آهي، پنهنجين پينر ڀاشائن کان پٺتي پيل ڪانهي. رچنا جو ڪوبه نمونو، نثر خواهه نظم ۾، منجهس ناموجود ڪونهي، ۽ دماغي هلچل جون ڪي به اهڙيون وصفون نه آهن جي منجهس درج ٿيل نه هجن. سند سان چئي سگهجي ٿو ته سنڌيءَ ۾ هر قسم جو ادب پيو آهي، جنهن جو مقدار هوند ڪنهن کي به حيرت ۾ وجهي ڇڏي، بشرطيڪ اهو ڪٺو ڪيو وڃي، ڇپايو ۽ شايع ڪيو وڃي. گهڻن تواريخن، گهڻن ڪوتائن، گهڻن روماني قصن جا دستخط ڪن خانگي ڪتب خانن جي تاڪن تي، اڌوهيءَ جو کاڄ ٿي رهيا آهن".[7]

**ڊي.جي سنڌ ڪاليج ميسلنيءَ جي اشاعت لاءِ مقصد ۽ شرط:**

جيئن اسان اڳ ۾ ذڪر ڪري چڪا آهيون تہ هي جنرل استادن ۽ شاگرن جي لاءِ مخصوص هوندو هو، پر شاگردن جي اشاعت واسطي ڪي خاص شرط ۽ مقصد رکيل هئا. مثال طور:

- هڪ اهڙو اشاعتي سلسلو جاري ڪرڻ، جنهن سان ڪاليج ۾ ڏنل ليڪچر، جيمخاني ۾ عام دلچسپيءَ جي ڳالهين ڪي شاگردن ڪي علمي ۽ ادبي طور جوڙي سگهجي.
- اهڙا علمي سوال اجاگر ڪرڻ، جنهن سان شاگرد طبقي ۾ خاص رجحان جهڙوڪ اخلاقيات ، ورزش، بورڊنگ هائوس ۾ رهائش، امتحاني بندوبست بابت ڄاڻ، ۽ تعليمي حڪمت عملين جي معلومات ڏئي سگهجي.
- شاگردن لاءِ اهڙي راهہ ڳولهجي جنهن سان شاگردن ۾ خواندگي، سائنسي ڄاڻ جي، فلسفيہ منظر سوچ سان روشن خيالي پيدا ڪري پنهنجي ڪردار ادا ڪرڻ ۾ ڪوشش ڪري سگهن.

**خاص وضاحت**: سياسي، مذهبي خيالن تي پابندي هوندي.

سنڌي ٻوليءَ واري حصو، خصوصي طور سان سنڌ لاءِ مخصوص هوندو، جنهن ۾ سنڌ جي لوڪ ادب ۽ شاعري وغيره اچي وڃي ٿي.

ڪاليج جي زير تعليم شاگردن ۽ اڳوڻن شاگردن جي طرفان موڪليل مواد ڪي شڪريي سان وصول ڪيو ويندو ۽ اشاعت لاءِ همدرديءَ سان قابل غور ڪيو ويندو".(٣)

**ڊي. جي سنڌ ڪاليج ميسلنيءَ جا ايڊيٽر:**

هن مخزن جا ايڊيٽر ڪاليج جا استاد ۽ اسسٽنٽ ايڊيٽر، ڪاليج جا شاگرد يا شاگردياڻيون هونديون هيون. سنڌ جو مشهور صوفي منش، ويدانتي اسڪالر، تعليمدان ۽ شاعر ساڌو ٽي.ايل.واسواڻيءَ جو اصل نالو ٿانورداس ليلا رام واسواڻي (1879- 1966ع) هو. 1901ع ۾ ڪاليج جي مخزن 'ڊي.جي سنڌ ڪاليج مِسيلني' نالي سان شروع ٿي، جنهن جو باني ڪاليج جو پروفيسر ساڌو ٿانورداس واسواڻي هو. هن ڪيترائي سال مِسيلني جو ايڊيٽر رهيو ۽ شاندار ڪم ڪندو رهيو. 1916ع کان 1919ع تائين 'ڊي. جي سنڌ ڪاليج مِسيلني' جو ايڊيٽر لال سنگ هزاري سنگ اجواڻي (1899-1976ع) هو. 1920ع کان 1927ع تائين ڪاليج جي مِسيلنيءَ جو انچارج رهيو".(٤) هن جي ايامڪاريءَ ۾ مخزن اجان بہ وڌيڪ معياري ۽ ترقي يافتہ ٿيو ۽ مخزن جي شهرت ڪاليج کان نڪري عوام تائين پهتو. 1927ع ۾ ايل.ايچ اجواڻيءَ جي پروفيسر ٿيڻ ڪانپوءِ سنڌ ڪاليج مِسيلنيءَ جو ايڊيٽر پروفيسر چيتن ماڙيوالا (1916-1984ع) ٿيو. هو تاريخ جي مضمون جو تمام وڏو مضمون نگار هو.سندس مضمونن جا ڪيترائي مجموعا شايع ٿيل آهن. هو ڪيترائي سال 'ڊي. جي سنڌ ڪاليج مِسيلني' جو ايڊيٽر رهيو. ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي ۽ شيخ اياز بہ سنڌ ڪاليج مِسيلنيءَ جا ايڊيٽر رهيا.

**ڊي. جي سنڌ ڪاليج ميسلنيءَ مان متاثر ٿي ٻين اسڪولن مان ميسلين جو شايع ٿيڻ:**

ڊي. جي سنڌ ڪاليج مِسيلني جي ڪاميابي ۽ مشهوري ڪان پوءِ سنڌ ٻين هاءِ اسڪولن تائين اهڙي قسم جي مخزن جي شروعات ٿي وئي. پر 'ڊي.جي سنڌ ڪاليج مِسيلني' پنهنجو معيار جاري رکيو.

هتي ڪجهہ مثال ڏجن ٿا:

**نارائڻ جڳن ناٿ هاءِ اسڪول مِسيلني:**

1918ع اين.جي.وي هاءِ اسڪول طرفان ڇهہ ماهي مِسيلني جاري ٿي جنهن ۾ انگريزي ڪانسواءِ سنڌي ٻوليءَ جو علم ادب پڻ شامل هوندو هو، هن مِسيلني جا ليکڪ بہ شاگرد ۽ استاد هوندا هئا، جن ۾ لال سنگهہ اجواڻي، آنند بجالاڻي، گوبند پاڻيہ، نارائڻ ڪوٽواڻي، پيرومل مهرچند آڏواڻي، سوڀراج نرملداس، هري دلگير، ڪشن چند بيوس، ڀڳوان وڌواڻي، نبي بخش بلوچ، ڏيارام، لالچند امرڏنومل ڊ، نانڪ هنگوراڻي، محمد صديق قريشي، چيتمل پرسرام، جمناداس سڏاڻي، ليلارام پريم چند، پرسرام شهاڻي، صادق علي غلام

حسين، ڪرمچند هگوراڻي، سوڀو گيانچنداڻي ۽ ٻيا شامل آهن. سوڀي جو ٽئگور تي لکيل مضمون فيبروري 1936ع ۾ پرچي ۾ شايع ٿيو هو ۽ ڪيس انعام مليو هو. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جو مضمون 'مارچيس مارڪوني ۽ سندس عجيب ڪارناما' پڻ نارائڻ جڳن ناٿ هاءِ اسڪول مِسيلنيءَ ۾ شايع ٿيو هو. هن مِسيلنيءَ جا ايڊيٽر ، اسڪول جا هيڊ ماسٽر ٿيندا هئا.

**ناروشاهہ هاءِ اسڪول مِسيلني:**



ناروشاهہ ۾ 1895ع ۾ اينگلو ورنيڪيولر اسڪول جو وجود وڌو ويو. اهو اسڪول اڳتي هلي سن 1924ع ۾ هاءِ اسڪول جي درجي تي پهتو. انهي ڏس ۾ ناميارِي تعليمدان خانبهادر ايس. ڊي. ڪانٽريڪٽر جو نالو اتهاس ۾ ملي ٿو، جنهن صاحب جي ڪوشش سان ناروشاهہ ۾ هاءِ اسڪول قائم ٿيو. هيءُ اسڪول ڊسٽرڪٽ لوڪل بورڊ ۽ سنڌ گورنمينٽ جي ڪنٽرول هيٺ هاءِ اسڪول جي سطح تي هلڻ لڳو. سن 1924ع ۾ ڇوڪرين جي تعليم لاءِ هڪ مڊل اسڪول قائم ڪيو ويو هو."[10] هن اسڪول ۾ ڊي. جي سنڌ ڪاليج مِسيلنيءَ جي طرز تي مخزن جاري ڪيو ويو، جيڪو انگريزي ۽ سنڌي زبانن ۾ شايع ڪيو ويندو هو. هن مخزن جا ليکڪ اسڪول جا استاد ۽ شاگرد هوندا هئا. افسوس جو اڄ ناروشاهہ جي هن اسڪول ۾ هن مخزن جي هڪ ڪاپي بہ موجود نہ آهي.

**جيڪب آباد هاءِ اسڪول مِسيلني:**

جڏهن جيڪب آباد جو ذڪر ايندو، تڏهن جان جيڪب جو ذڪر بہ ضرور ٿيندو. مسٽر جان جيڪب (1812ع _1858ع ) هڪ انگريز فوجي جرنيل هو. هن خانڳڙهہ جو نالو بدلائي پنهنجي نالي جي پٺيان 'جيڪب آباد' رکرايو. شهر جي خوبصورتي وڌائڻ ۽ وڻڪاريءَ لاءِ باغ ۽ وڻ پوکرايا. هُن علائقي ۾ اسڪول کولرايا ۽ راندين جا ميدان نهرايا، ميلا ڪرايا. جان جيڪب پنهنجي حياتيءَ ۾ ڪجهہ ورنيڪيولر اسڪول پڻ قائم ڪرايا. مسٽر شوڪت قريشيءَ، جيڪب آباد جي 'مين پرائمري اسڪول' جي تاريخ لاءِ ڄاڻايو آهي تہ "هن اسڪول جي عمارت تي بنياد جو سال 1868ع اُڪريل آهي. شروعات ۾ ان اسڪول ۾ چار درجن وارو ورنيڪيولر اسڪول هلندو هو. ان کان پوءِ ان کي مڊل اسڪول جو درجو ڏنو ويو ۽ وڌيڪ ڪلاس روم ٺاهيا ويا ۽ ان کي ستين درجي تائين آندو ويو. هڪ انگريزي ميڊيم اسڪول پڻ ان ۾ قائم ڪيو ويو هو، جيڪو 1909ع ۾ ميونسپالٽيءَ جي حوالي ڪيو ويو ۽ ان جو درجو هاءِ اسڪول تائين وڌايو ويو. جيئن تہ ان اسڪول جو شمار ضلعي جي بنيادي اسڪولن ۾ ٿئي ٿو، انڪري پوري ضلعي جا ٻار اتي پڙهڻ ايندا هئا."[11] هن اسڪول ۾ ڊي.جي سنڌ ڪاليج مِسيلنيءَ جي طرز تي مخزن جاري ڪئي وئي، جيڪا ڪجهہ وقت ناروشاهہ اسڪول سان گڏ شايع ٿيندي هئي تہ ڪڏهن الڳ شايع ٿيندي هئي.



**ڪهاڻيون:**

مختصر سنڌي ڪهاڻيءَ جي شروعات 1914ع کان سمجهڻ گهرجي، جو ته مرزا قليچ بيگ، ديوان ڪوڙومل، لعلچند امرڏني مل، پرمانند ميوارام ۽ ڪاڪي ڀيرومل اهڙيون ڪهاڻيون لکيون، جيڪي ڪهاڻيءَ جي ٽيڪنيڪي لوازمات کي پورو ڪن ٿيون ۽ سماجي مسئلن کي واڪو ڪرڻ جي ڏس ۾ حقيقت نگاري جو بهترين مثال آهن. مٿين بحث ۾ به اڪثر محققن 1914ع کان ڪهاڻيءَ جي شروعات جي پنيرائي ڪئي آهي. ان دور ۾ سنڌي ڪهاڻي قصي ۽ آکاڻي کان اڳتي نڪري افسانوي انداز سان سماج جي مڪمل عڪاسيءَ تائين پهچي چڪي هئي ۽ نالي وارا ليکڪ پنهنجو پاڻ کي ڪهاڻي لکڻ لاءِ اربي چڪا هئا. ان دور جي سينن رسالن ۾ ڪهاڻيون شايع ٿينديون هيون، اهڙي طرح ڊي. جي سنڌ ڪاليج مِسيلنيءَ ۾ ڪجهه هيٺيون ڪهاڻيون شايع ٿيون، جيڪي ان دور جي شاگردن جون لکيل هيون:

| عنوان | ليکڪ | سال |
|---|---|---|
| بدلو | ڪي. اي. ٿڌاڻي | 1931ع |
| سچو پريم | تخت پ. ن | 1931ع |
| قصور ڪنهنجو؟ | ڪيول راماڻي | 1933ع |
| عجيب محبت | وشن ميٺارام گيهاڻي | 1932ع |
| وڇوڙو ۽ وصل | گلراج دروڪاداس پٽنيه | 1932ع |
| شڪ جو شڪار | ڊي. ڪي. منشاراماڻي | 1933ع |
| پريت جي ريت | پاروتي پي. ابيچنداڻي | 1941ع |
| پريم ڪٿي | ليلا پي.شهاڻي | 1941ع |
| دل جو چراغ | ايس. جي. جٽسنگاڻي | 1941ع |
| فيشن جا ڪلور | آنند ڪي. آڏواڻي | 1941ع |

هي ڪهاڻيون، ان دور جي شاگردن جون لکيل آهن، جيڪي پهريون دفعو پنهنجي ذات ۽ اندر جي اڌمن کي افسانوي انداز ۾ پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا. ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ بلڪل صحيح لکيو آهي ته ”مخزن ۾ شاگرد ليکڪن جا وقت به وقت ڪهاڻيون ۽ افسانا به ڏنا ويندا هئا، جيڪي فني لحاظ کان ايترا معياري نه هئا“.[١٩]

**مضمون نگاري:**

نثري ادب ۾ مضمون نگاري نهايت دلچسپ، انوکي ۽ غير افسانوي صنف آهي، جا پنهنجي اختصار، جا معنيت، زبان جي سادگي ۽ اسلوب جي شگفتگي سبب نثر جي ٻين صنفن کان ممتاز آهي. سنڌيءَ ۾ ان جو مفهوم لڳ ڀڳ اهوئي آهي جيڪو انگريزيءَ ۾ 'ايسي' (Essay) جو آهي. سنڌي ادب ۾ ٻين نثري صنفن جيان مضمون نگاريءَ جي شروعات انگريزن جي دور ۾ اخبار نويسي جي اثر هيٺ شروع ٿي. خاص ڪري ذاتي ۽ شخصي مضمونن ڏاڍي ترقي ڪئي. هن دور ۾ شخصي مضمونن (Personal Essay) تمام گهڻي ترقي ڪئي. مضمون ترجما به گهڻا ڪيا ويا ۽ اهي مجموعن جي صورت ۾ پڻ ٻي حساب شايع ٿيا. سنڌي مضمون نگاريءَ جي ترقيءَ جو ٻيو سبب اهو هو ته سنڌي ٻوليءَ کي ميٽرڪ جي امتحان ۾ لازمي مضمون طور رکيو ويو، جو بعد ۾ بي-اي تائين لازمي قرار ڏنو ويو. پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ لکيو آهي ته:” هن مخزن جي ڪيترن هٽ آيل پرچن مان عمدا ۽ مکيه مضمون چونڊي، لکندڙن جي نالي هيٺ ڏجن ٿا:- 1901ع واري شروعاتي پرچي

هئا. پيرومل مهر چند جو عام واقفيت وارو ليک 'اک' 1916ع ۾، فطرتي مضمون 'سارنگ' فيبروري 1930ع ۾، ۽ بياني مضمون 'مارئيءَ جو ملڪ' 1941ع ۾ پيا هئا. فيبروري 1938ع ۾ هن عالم جو ادبي مضمون 'شاهه جي سنڌي' پيو هو، جنهن ۾ ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جي 'مقدمه لطيفي' مان 'شاهه جي سنڌي' واري باب نسبت مثال ڏيئي کولي سمجهايو هئائين ته ڪهڙن سببن ڪري شاهه جو آڳاٽيءَ نج سنڌيءَ ۾ لکيل شعر پڙهڻ ۽ سمجهڻ ۾ مشڪلات ٿي ٿئي. فيبروري 1944ع ۾ هڪ گمنام ليکڪ جو مضمون 'پريشانيءَ ۽ آٿت' پيو هو، جنهن ۾ سنڌي ٻوليءَ ۽ ساهت تي بگڙيل ۽ ڪُٺل هئڻ جي الزام ڪي، سهڻو رد ڪد ڏنل هو، ۽ خود اُن ليک جي عبارت به سرل هنديءَ سان ملاوت واري هئي. جهامنداس ڀٽيا جو 'حياتيءَ جي حقيقت' (فيبروري 1916ع) عمدو مضمون هو، ۽ رامچند اجوائيءَ جو 'مرتيو کان پوءِ ڇا ٿو ٿئي' (آڪٽوبر 1916ع) ۾ پڻ خاصو خيالي ليک هو. محمد صديق ميمڻ جا 'سهڻو' (1916ع) ۽ 'حق جي ڳولا' (1917ع)، ميران محمد شاهه جو 'گنجي جبل جو سير' (1919ع) ڊاڪٽر دائود پوٽي جو 'سنڌ جي ادبي تاريخ' (1924ع) جنهن مان پهرئين باب ۾ مثال ڏنل آهي، ايم آر عباسيءَ جو 'ننگر ٺٽو ۽ مڪليءَ جي ٽڪري' (آڪٽوبر 1924ع ڪان قسطن ۾)، تاج محمد آغا جو 'شاهه ۽ سنڌس شعر' (1929ع)، ۽ عبدالڪريم ميمڻ جو 'نفاق' (1933ع)- سڀ پنهنجي پنهنجي نموني جا سهڻا مضمون هئا.

**شاعري:**

انگريزن جي دور ۾ سنڌي شاعري پنهنجي عروج تي پهتل هئي ۽ مغربي ۽ مشرقي علمن تي رسائيءَ سبب سنڌي شاعريءَ ۾ نيون صنفون ۽ لاڙا متعارف ٿي چڪا هئا. سنڌي غزل ، مسدس، مخمس، بيت، وائي، ڪافي ۽ ٻيون صنفون ترقي ڪري رهيون هيون. سنڌ ۾ شاعرن جو هو وڏو تعداد موجود هو، رسالا ، مخزن ۽ عام ڪتاب شاعرن سان ڀرپور هئا، اتي ڊي. جي ڪاليج جي مِسيلني به پوئتي ڪون هئي. هتي شايع ٿيل ڪجهه شاعرن جو مختصر وچور ڏجي ٿو:

| عنوان | شاعر | سال |
|---|---|---|
| بلبل (مسدس) | وشن گيهاڻي | 1931ع |
| رام ۽ رحيم (مسدس) | بيوس | 1931ع |
| الفت جو راز (بيت) | گلراج گل | 1931ع |
| شمع ۽ پروانو (غزل) | ڊي. ڪي منشا آزاد | 1931ع |
| بار بهار (غزل) | حڪيم لعل چند مجروح | 1932ع |
| موت (مسدس) | بيوس | 1932ع |
| ماتا (غزل) | هري هزاريمل سڪايل | 1932ع |
| انسان (غزل) | بيوس | 1933ع |
| مون ڏانهن نهار (ڪافي) | گلراج گل | 1933ع |
| بي وفائي (غزل) | چندر | 1933ع |
| شڪنتلا (مسدس) | ڊي. ڪي. ڪشناڻي آزاد | 1932ع |
| سور سلامي (بيت) | سيد بچل شاهه "غمزده" | 1932ع |
| قاصد ڪڪر (مسدس) | ڊي. ڪي. ڪشناڻي آزاد | 1934ع |

| | | |
|---|---|---|
| نازڪ جذبات (غزل) | گلراج گل | 1934ع |
| جدائي ۾ جذبات (غزل) | سيد بچل شاهه "غمزده" | 1934ع |
| قادر جي قدرت (مسدس) | رام پرتابراءِ پنجواڻي | 1934ع |
| حسن (مسدس) | بيوس | 1934ع |
| مست خيال | گلراج گل | 1934ع |
| نئرانو (مسدس) | ڊي. ڪي. ڪشناڻي آزاد | 1934ع |
| شاعر (مسدس) | هري دريائي دلگير | 1935ع |
| هندستان اسان جو (ترانو) | رام پرتابراءِ پنجواڻي | 1941ع |
| ظالم ۽ مظلوم (مسدس) | چيتو سپاهيملاڻي عاجز | 1941ع |
| نئون زمانو (مخمس) | ڊي. ڪي. ڪشناڻي آزاد | 1941ع |
| ايڪتا (مسدس) | نارائڻ ٻي. جٺناڻي | 1941ع |
| ٻار (غزل) | وشن ٻاڳيا | 1942ع |
| مارئيءَ جي دانهن (ڪافي) | شيخ راز | 1942ع |

ڊي.جي ڪاليج جي هن مخزن ۾ معياري شاعريءَ شايع ڪرڻ جو خاص ڌيان رکيو ويندو هو، ڇوجو ڪيترائي عالم ۽ اديب هن ڪاليج جي تدريس جي شعبي سان وابسطه هئا، جيڪي معيار برقرار رکڻ تي زور رکندا هئا. هتي روچي رام آڏواڻيءَ جي نظم 'شبنم' جو نمونو ڏجي ٿو:

قدرت ڪلا سان پنهنجي رنگت وڏي رچائي
شبنم اچي گلن تي مسرت مٺي مچائي
پرڀات جي پهر ۾ چربو ڪٿي چمن ۾
شبنم ته شوق چلڪڻ لڳي چڱن ۾
موتين جي مالا موجي پئي آ جڻ پنن ۾
هيرز هزارين لٽڪن گلڙن جي جڻ ڳلن ۾
اهڙو نظارو نرمل لئو لئو ۾ لهر لائي
شبنم اچي گلن تي مسرت مٺي مچائي."[19]

اها گهٽ ماڻهن کي خبر هوندي ته هن ڪاليج جي تڏهوڪي شاگرد، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ شاعري به ڪئي، جنهن ۾ 1939ع واري گولڊن جوبلي نمبر ۾ سندس ڪاليج جي شان ۾ هڪ شاندار نظم شايع ٿيل آهي، جنهن جو نمونو هتي ڏجي ٿو:

اسان کي آ فخر ناز توتي سنڌ جا ڪاليج،
هر سنڌ سندي فرد ۽ فرزند جا ڪاليج
هر علم جي گواهان عقلمند جا ڪاليج،
آباد رهين شال در هند جا ڪاليج
هر دل جي صدا آه دل شاد رهين شال
آباد رهين شال آباد رهين شال

**'ڊي. جي. سنڌ ڪاليج مِسيلني' مان ترتيب ڏنل مجموعا:**

'ڊي. جي. سنڌ ڪاليج مِسيلني' پنهنجي دور جي هڪ معياري مخزن هئي، جنهن ۾ شاعري، ڊراما، ڪهاڻيون ، مضمون ۽ ٻيو مواد شايع ٿيندو هو. اڳتي هلي انهن مان ڪافي مواد ترتيب ڏئي ڪتابي صورت ۾ شايع ٿيو. پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ پنهنجا ناٽڪ ڪتابي صورت ۾ شايع ڪرايا. عطا حسين شاهه موسويءَ جا ڪيترائي مضمون ڊي.جي سنڌ ڪاليج مسلنيءَ ۾ شايع ٿيا بعد ۾ ٻين مضمونن سان گڏ 'ڪج ڪوڏيون' مجموعي ۾ شايع ٿيا. اهڙي طرح شاعري ۽ مضمونن جا مجموعا پروفيسر لال سنگ هزاري سنگ اجواڻي ترتيب ڏنا، جيڪي هيٺين ريت آهن:

**ڊي. جي ڪاليج گولڊن جوبلي نمبر:**

اسان کي خبر آهي ته ڊي.جي ڪاليج 1887ع ۾ برپا ٿيو هو ۽ انهيءَ جي گولڊن جوبلي 17 جنوري کان 23 جنوري 1937ع ۾ ڪاليج ۾ ملهائي وئي هئي. ان دوران پڙهيل مقالا، تقريرون، فوٽو ۽ ڪجهه ڪاليج مِسيلنيءَ جي مختلف پرچن ۾ شايع ٿيل مواد کي ٻيهر گڏ ڪري پروفيسر لال سنگ هزاري سنگ اجواڻيءَ 1939ع ۾ ڪتابي صورت ڏني، جنهن جو نالو هو:

DJ Sind College Golden Jubilee Book "THE GOLDEN JUBILEE BOOK OF THE DAYARAM JETHMAL SIND COLLEGE ,KARACHI (1937 - 1887)

**ويچار 1944ع:** ۾ پروفيسر لال سنگ هزاري سنگ اجواڻي. ڊي.جي سنڌ ڪاليج مِسيلني (Miscellany) ۾ 40 سالن دوران آيل چونڊ مضمونن کي سهيڙي 'ويچار' جي نالي سان شايع ڪرايو. هن مجموعي ۾ مختلف ليکڪن جا مضمون شامل آهن، جيڪي مخزن جي مختلف پرچن ۾ شايع ٿيل هئا، پروفيسر اجواڻيءَ جي پسند شاندار هئي، هن چونڊ معياري مضمون شامل ڪيا.

**نئون دور 1947ع:** پروفيسر لال سنگ اجواڻيءَ 'ڊي. جي. سنڌ ڪاليج مِسيلني' جي مختلف پرچن ۾ شايع ٿيل شاعري جي چونڊ ڪري، ان کي ترتيب ڏئي شايع ڪرايو.

**1947ع وارو ڊي. جي. سنڌ ڪاليج مِسيلني جو پرچو:**

هوتچند مولچند گربخشاڻي (1884_1947ع)، 1905ع ۾ ڊي جي ڪاليج مان بي.اي 1907ع ۾ ۽ ولسن ڪاليج بمبئي مان ايم.اي پاس ڪيائين. 1928ع ۾ انگلينڊ مان پي ايچ.ڊي جي ڊگري وٺي آيو. ڊي.جي ڪاليج ۾ پروفيسر ۽ پوءِ پرنسيپال ٿي رهيو. 11 فيبروري 1947ع تي ڊاڪٽر گربخشاڻي ديهانت ڪري ويو، سندس خدمتن جي عيوض 1947ع وارو ڊي.جي سنڌ ڪاليج مِسيلني جو پرچو، گربخشاڻي جي نالي سان منسوب ڪيو ويو ۽ سنڌي ۽ انگريزي ۾ سندس باري ۾ ڪي مضمون پڻ شايع ڪيا ويا.

ڊي.جي سنڌ ڪاليج مِسيلني سال ۾ ٻه دفعا فيبروري ۽ آڪٽوبر ۾ شايع ٿيندي هئي ۽ اها مخزن 1947ع تائين جاري رهي. انگريزن جي دور ۾ هن مخزن تعليمي ادارن شاگردن جي شخصيت سازيءَ ۾ وڏو اهتمام ڪيو. هن مخزن خاص طور تي ليکڪائن جي تمام گهڻي همت افزائي ڪئي. هن مخزن جو سنڌي ٻولي ۽ ادب جي ترقيءَ ۾ تمام وڏو ڪردار آهي، پر افسوس ته اڄ ته هن مخزن جو باقاعده تجزيو نه ٿيو آهي ، پر ان کان وڌيڪ افسوس جي ڳالهه اها آهي ته اڄ ڊي. جي ڪاليج ۾ هن مخزن جي هڪ ڪاپي به موجود نه آهي، خبر نه آهي ته ڪنهن ڪهڙي سازش سان هن مخزن جون ڪاپيون ڪاليج مان غائب ڪرائي ڇڏيون.

**حوالا:**


- ڦيرواڻي، شيوارام نرسنگهداس، پروفيسر: 'راج رشي ديوان ڏيارام گدومل'، (جيون چرتر)، ڇاپو ٻيو ، سگا ڪراچي، 2000ع، ص 27-28
- راموڻي، موتيرام ايس: 'سنڌ ۽ اسان جو ورثو'، شارڌا پرڪاشن، بمبئي، 1987ع، ص 88
- Haider , Dr .Azeemushan: 'History of Karachi', Feroz Sons, Karachi, 1974
- ملڪاڻي، منگهارام، پروفيسر: 'سنڌي نثر جي تاريخ'، روشني پبليڪشن، حيدرآباد، 1997ع، ص 207
- 'خاناڻي'، قريشي حامد علي، پروفيسر: 'سنڌي زبان جا ادبي ماهوار رسالا'، ٽه ماهي "مهراڻ"، 1981ع، نمبر 2
- راڄپر، محمد قاسم، ڊاڪٽر: 'سنڌ ۾ تعليم ۽ ادب جي واڌاري ۾ ڊي جي ڪاليج جو ڪردار'، ڪلاچي جرنل، شاهه عبداللطيف چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، ڪراچي، جون 2015ع
- ملڪاڻي، منگهارام، پروفيسر: 'سنڌي نثر جي تاريخ'، روشني پبليڪشن، حيدرآباد، 1997ع، ص
- The D.J. Sind College Miscellany . Vol XLI, February 1939
- راموڻي، موتيرام ايس: 'سنڌ ۽ اسان جو ورثو'، شارڌا پرڪاشن، بمبئي، 1987ع، ص 209 .
- 'خاناڻي'، قريشي حامد علي ، پروفيسر: 'ساهتيءَ جا قديم علمي مرڪز' (قلمي)، 1985ع، ص 202
- Sadahyo ,Ghulam Nabi ,Dr.: 'Jacob's Town Jacobabad', District Historical Society. Jacobabad, 1994, p 143
- ملاح، مختيار احمد: 'اڻويهين صديءَ ۾ سنڌي نثر جي تاريخ'، بلاول انسٽيٽيوٽ آف هسٽاريڪل ريسرچ، نوابشاهه، 2017ع، ص 142،143
- ملڪاڻي، منگهارام، پروفيسر: 'سنڌي نثر جي تاريخ'، روشني پبليڪشن، حيدرآباد، 1997ع، ص
- ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ: 'ڪجهه پراڻا رسالا'، گل حيات انسٽيٽيوٽ جي ويب سائيٽ، ص 86
- انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا، (جلد پنجون)، چيف ايڊيٽر: پروفيسر ڊاڪٽر فهميده حسين، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد ، 2012ع، ص 412
- The D.J. Sind College Miscellany . Vol ,45 February 19,42P 24


نوٽ: مواد جي لسٽ تيار ڪرڻ ۾ پروفيسر ڊاڪٽر درمحمد پٺاڻ جي ڪتاب 'پراڻا رسالا' گل حيات انسٽيٽيوٽ ويب سائيٽ تان ڪافي مدد ورتي وئي آهي.



ڊاڪٽر آزاد قاضي

# جي.ايم.سيد جون سماجي خدمتون
## (گڏيل ڪاميٽي راڄ مهاڄڻ سن)

هاڻوڪي سنڌ جي شهرن ۽ ٻهراڙيءَ جي ڳوٺن ۾ ڪيترو فرق آهي. ان ڳالهه جو اجوڪين سماجي حالتن تي نظر رکندڙ هر شخص کي اندازو آهي، اجوڪي جديد سنڌ جي ٻهراڙين جو حال ڏسندي، ان ڳالهه جو چڱي طرح اندازو ٿي سگهي ٿو ته هن صديءَ جي پهرئين چوٿائيءَ واري دور ۾ جڏهن ٻهراڙين ۾ روڊ رستي سوڌو ڪي به سهوليتون ڪونه هيون، اهڙي منتشر معاشري ۾ سڌارا آڻڻ لاءِ ساڃاهه وند ماڻهن ۾، اهڙا نيڪ ناميءَ وارا ڪيئي نالا ملي ويندا، جن پنهنجي پنهنجي علائقي ۾ ڪيئي سماج جي سڌاري ۽ واڌاري وارا ڪم سرانجام ڏنا. اهڙن درد دل شخصن مان، سائين جي.ايم.سيد به هڪ هو، جنهن سن جهڙي ويران ڳوٺڙي جي پسگردائيءَ ۾ سماجي سڌارن آڻڻ لاءِ ڪيئي ڪوششون ورتيون. ان سلسلي ۾ پاڻ پهرين سماجي تنظيم 'انجمن المسلمين' قائم ڪئي هئائين جيئن ته ان وقت غير مسلم برادريءَ کان مسلمان بد رسمن ۾ وڌيڪ مبتلا هئا، تنهنڪري ان انجمن جو دائرو مسلمانن تائين محدود رکيو ويو ۽ سڌارن لاءِ غير مسلم واري طريقيڪار جهڙي پنچائتي نظام مان سبق حاصل ڪيو ٿي ويو، ان انجمن جي بنياد تي مسلمانن ۾ گهر ڪري ويل بد رسمن ۽ سماجي براين جي خاتمي لاءِ ڪوشش وٺندي ڪين پنهنجا سماجي مسئلا پاڻ ۾ پنچات رستي حل ڪرڻ جهڙا بنياد وڌا ويا.

ان حوالي سان سن ۽ ان جي پسگردائي ۾ ڪم ڪرڻ بعد پاڻ علائقي جي سماجي ڀلائيءَ خاطر بغير مذهبي فرق جي راڄ مهاڄڻ جي هڪ تنظيم جوڙي، جنهن جو نالو 'هندو مسلم سڌارڪ بورڊ' رکيو ويو. ان سڌارڪ بورڊ جو پهريون اجلاس 26- آگسٽ 1927ع تي سن ۾ سڏايو ويو، جنهن ۾ چوويهه هندو مسلمان شريڪ ٿيا. جن جا نالا هن ريت آهن: سيد غلام مرتضيٰ شاهه، ڊاڪٽر پوهومل، مکي گياملداس، آخوند محمد شمن، سيد ميان محمد شاهه، سيٺ چمن داس، شيخ ميان حسين، ميان پکالي، سيٺ گيهي مل، ماستر پوهومل، محمد پريل، آئيداس مل ٻولارام، وڏيرو الهرکيه ساند، ريلومل پوچومل، گنگارام، محمد عثمان رجب، اوستو عطاءالله، ميان محمد صوف، ڏٽي بخش الهورايو، وڏيرو سومر خميسو پليجو، وڏيرو راڏڻ پليجو، حاجي شفي محمد قاضي، ميان خيرمحمد، مولچند ايسرداس، چاچي مل چينن مل.

اها ان بورڊ جي جنرل باڊي هئي جنهن ۾ هندن جي پنچات پاران هيٺيان نالا چوندي موڪليا ويا هئا: (1) ڊاڪٽر پوهومل، (2) مکي گياملداس، (3) چمنداس، (4) گيهي مل، (5) سيٺ آئيداس مل، (6) ماستر پوهومل، (7) چانڊومل، (8) ڏرمداس، (9) آئيداس مل ٻولارام، (10) جيٺومل نانڪداس، (11) ريلومل پوچومل، (12) گنگارام سونارو، (13) مولچند ايسرداس، (14) ٽيڪمداس گوڙومل، (15) چاچي مل چينن مل.

ساڳي طرح مسلمانن جي پنچات پاران هيٺ ذڪر ڪيل نالا موڪليا ويا:

1. آخوند محمد شمن، 2. شيخ ميان حسين، 3. ميان پکالي، 4. ميان محمد شاهه، 5. وڏيرو سومر، 6. وڏيرو راڏڻ، 7. محمد عثمان رجب، 8. ڏٽي بخش الهورايو، 9. وڏيرو الهڏنو ساند، 10. آخوند محمد موسيٰ، 11. اوستو عطا الله.

مٿي ذڪر ڪيل سڀني نالن کي متفق راءِ سان منظور ڪيو ويو، ان گڏجاڻي ۾ اتفاق راءِ سان ان سماج سڌارڪ بورڊ جي هيٺين باڊي چوندي وئي:

1. سيد غلام مرتضيٰ شاھ (جي.ايم.سيد) پريزيڊنٽ
2. ڊاڪٽر پوهومل وائيس پريزيڊنٽ
3. مکي گياننداس سيڪريٽري

ان اجلاس ۾ اتفاق راءِ سان هيٺ ذڪر ڪيل نون ڄڻن تي مشتمل هڪ مئنيجنگ ڪاميٽي ٺاهي وئي.

(1) پريزيڊنٽ، (2) ڊاڪٽر پوهومل، (3) آخوند محمد شمن، (4) سيد ميان محمد شاھ، (5) مکي گياملداس، (6) شيخ ميان حسين، (7) چمنداس، (8) گيهي مل، (9) ميان پخالي.

ان ڪاميٽيءَ لاءِ فيصلو ڪيو ويو تہ اها شهر جي مسئلن بابت صلاح مصلحت لاءِ اونهاري ۾ 6 بجہ ۽ سياري ۾ 5 بجي، هر ڇنڇر تي صدر صاحب جي درياءَ واري بنگلي تي گڏ ٿئي.

هندو مسلم ٽنڊيل ڪاميٽي راڄ مهاڻ واري هن اجلاس ۾ ان جا رولس (آئين) هن طرح پاس ڪيو ويو:

## آئين

ٽنڊيل ڪاميٽي راڄ مهاڻن

آئين

نالو — هن ڪاميٽي جو نالو [illegible] آهي —

ميمبر — هن ڪاميٽي جا ميمبر هندو مسلمانن جون [illegible] جن جي [illegible] ميمبر [illegible] ڪاميٽي جو ميمبر [illegible] —

قبوليت

(1) [illegible] ترقي لاءِ [illegible] آهر [illegible] ڪوشش ڪندي [illegible] مذهب [illegible] —

(2) شهر [illegible] جي [illegible] جي [illegible] لاءِ [illegible] ڪوشش [illegible] —

٣) هن ڪاميٽي جي ڪم ۾ هن جي پوري
پيروي ڪندي ۽ پيش ڪرڻ ڪرائڻ لاءِ سفارش ڪيا
تنظيم سان.

**مقاصد**

هن ڪاميٽي جو بنياد هيٺين مقصدن تي
آهي، هن جي حاصل ڪرڻ لاءِ هر ڪم
آيو ويو آهي:

١) سنڌ شهر جي ماڻهن جي حقن جي حفاظت
٢) عام ماڻهن جي حقن لاءِ سرڪاري ڪوشش ڪرڻ.
٣) صفائي ۽ عام تندرستي لاءِ عام ماڻهن کي
٤) شهر ۽ آس پاس (جيڪي شامل ٿيل ڪن)
جي ماڻهن جي جهيڙن لاءِ صلح ۽ فيصلو ڪرڻ
٥) انسان ذات جي بنا ڪنهن فرق جي مدد
۽ ملڪي مال جي بچاءَ لاءِ سماجي ڪم ۾
مدد ڪرڻ.
٦) تعليمي ترقي لاءِ ڪوشش ڪرڻ.
٧) اخلاقي حالت درست ڪرڻ تي غور ڪرڻ.
٨) اهڙا ٻيا ڪم جيڪي هن ڪاميٽي جي ٺهرايل

کي نقصان ٿيو ملڪي بدانتظامي ڪري جڏهن
جي به هي مسئلا نه ٿو سوچي —

### ڪميٽيون ۽ عملداري

مهيني صدر جي ميٽنگ
هوندي ڏينهن تي (٣٠)
بيهڪ هوندا ۽ سال ۾ (٤) دفعا
نه ٿيندي ۽ ان هنڌ ڪورم (٢٠) ميمبرن
جو هوندو — ۽ ڇهه مهينن جي ميٽنگ
جنهن جا (٩) ميمبر هوندا ۽ جا مرڪزي
ميٽنگ جي ڏهين آڏينهن ۾ ۽ ٻيهر ٿيندي
۾ هو سگهه نه ٿيندي ۽ هنڌي ڪورم ۾
(٥) ميمبرن جو هوندو — ۽ ڪاميٽيون
ڪٿ هن ٻه ڪوتاهي ٿيڻ تي —
انهي ڪميٽي لاءِ هڪ پريزيڊنٽ هڪ
وائيس پريزيڊنٽ ۽ سيڪريٽري ۽ خزانچي
مقرر ڪيا ويندا ۽ هڪ ليگل ايڊوائيزر
مقرر ڪبو —

**پرنٽ پريمنٽ جا ڪم**

مشينگ جي مدد سان ڪرڻ
مشينگون ٺهڻ کانپوءِ ٽڪا مشين جي
فائونڊي جي مدد نڪتل ٽڪا مشين جي مدد ڪرڻ
ٽڪي حساب ترتيب ڏيڻ ٽڪا ڏيڻ وارو انتظام جي
نظرداري ڪرڻ — ٻيو ڪم هن ڏسي ته
ٻن طرفن جا ڊيزائن برابر آهن ته ڏسڻ

**واپس پرنٽنگ جا ڪم**

پرنٽ پريمنٽ جي ڀيرو ڇاپڻ ۾
مشينگن جي مدد سان ڪرڻ
۽ جيڪي انهيءَ ڪري پرنٽنگ وقت به وقت
سو ٻيڻ وارو هي سڀ ڪم آهن —

**ميمبر**

مشين ۽ ٽڪا مشين جي مرادن جي مدد اندر
ڪي به ٽوڻ مشينگ ۾ پيش ڪري
سگهي ٿو —

**سيڪريٽري**

سيڪريٽري مشينگ جي ڪارروائي
منٽ بوڪ ۾ لکڻ —

**ٽوڻ**

جيڪي ٽوڻ ٽڪا مشين جي مرادن
جي مدد اندر هيڪن سڀ ٽي ٣ ڏينهن

آءُ سڀا ٻيتي اتان نئين ٻي ڪولڊ گهرجن
ڏيرسان ڀيمڻ جي حالت ۾ ودهي بي ڪاميٽي
تان جي ٽرسٽون ٻوڻ و ٻه تن جا ٻه قسم هوندا
هڪ راڄي ٻيوڻ نامي —
راڄي ٻيوڻ ميٽنگ ڪاميٽي پاس ڪري
سگهي ٿي ٻنامي لاءِ هرڪو من صرف ٽيڪسي
ته هنرڪ ٻوڌ آپيان آٽھيون —
هر هڪ سال نئون هوندو تيندوئن
لاما هي ٿو ڪان سواءِ لائسنو
ميٽنگ ڪاميٽي جي ڏس
تن ميٽنگن ۾ ڏس
صنرڪ ٻوڌ جي ميٽنگن ۾ ڪا اچڻ تي پرچيم
ڏنو ٻاء ته ٻطرف ڪيو ونڊ و —

تمهاري هو
من و

ممتاز شاهه بخاري



# سيد ميران محمد شاهه

سيد ميران محمد شاهه جا وڏا 12 صدي هجريءَ جي اوائل ڌاري پنهنجي گذر سفر جي سانگي مٽياريءَ مان لڏي اچي لاڙ ۾ رهيا. سندس پڙ ڏاڏو سيد محمد شاهه هڪ ڪامل بزرگ، ماهر طبيب ۽ قادرالڪلام شاعر ٿي گذريو آهي. شاهه صاحب جو ڏاڏو سيد ميران محمد شاهه وڏو بزرگ ۽ فاضل حڪيم هو. نثر ۽ نظم تي دسترس حاصل هئس. سندس ڪتاب 'سڌه تورو ڪده تورو' ۽ 'مفيد الصبيان' اڄ علم ادب جي ميدان ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهن. شاهه صاحب جو والد سيد زين العابدين پنهنجي وقت جو هڪ مشهور ماهر طبيب ٿي گذريو آهي.

سيد ميران محمد شاهه جي ولادت 11 مارچ 1898ع تي ٽکڙ ۾ ٿي. پاڻ ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ واري لوڪلبورڊ ورنيڪيولر اسڪول ۽ اي-وي اسڪول ڪوٽڙي ۾ ورتائين. ان ڪانپوءِ انگريزي پڙهڻ لاءِ فيبروري 1910ع ۾ سنڌ مدرسته السلام ڪراچي ۾ داخل ٿيو، جتان 1917ع ۾ مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيائين. مئٽرڪ پاس ڪرڻ ڪانپوءِ ڊي.جي- سنڌ ڪاليج ۾ داخل ٿيو، جتان 1921ع ۾ بي.اي جي ڊگري حاصل ڪيائين. سيد ميران محمد شاهه 1924ع ۾ ايل ايل بي جو امتحان پاس ڪري حيدرآباد ۾ وڪالت شروع ڪئي.

سيد ميران محمد شاهه وڪالت ڪرڻ سان گڏوگڏ مقامي سياست ۾ به حصو وٺڻ لڳو. 1924ع ۾ ڪيس حيدرآباد جي ميونسپالٽيءَ جو ميمبر منتخب ڪيو ويو. 1926ع ۾ حيدرآباد ميونسپل جو ميمبر ۽ پوءِ ڪيس ڊسٽرڪٽ لوڪل بورڊ جو چيئرمين چونڊيو ويو. 1928ع ۾ جڏهن سر غلام حسين هدايت الله ايگزيڪيوٽو ڪائونسل جو ميمبر مقرر ٿيو ته سندس جاءِ خالي ٿي پئي ۽ هيءُ صاحب شيخ عبدالمجيد سنڌي ۽ مرزا سڪندر بيگ جي مقابلي ۾ بمبئي ليجسليٽو جو ميمبر چونڊجي ويو. ساڳئي سال سرڪار 'سائمن ڪميشن' مقرر ڪئي. جنهن جي مدد لاءِ بمبئي ڪائونسل طرفان سر شاهنواز ڀٽي جي چيئرمنيءَ هيٺ هڪ صوبائي ڪاميٽي ٺاهي ويئي. ان تي سنڌ مان سيد ميران محمد شاهه کي



ميمبر ڪري کنيو ويو. جنهن ۾ پاڻ سنڌ جي عليحدگيءَ واري مسئلي تي سنڌ جي عوام جي مڪمل ترجماني ڪيائين. 1929ع ۾ ڪيس حيدرآباد ڊسٽرڪٽ لوڪل بورڊ جو پريزيڊنٽ منتخب ڪيو ويو. 1930ع ۾ ٻيو ڀيرو بمبئي ڪائونسل جو ميمبر مقرر ٿيو، ۽ پاڻ 1936ع تائين بمبئي ڪائونسل جو ميمبر رهندو آيو. پوءِ جڏهن سنڌ بمبئي کان ڌار ٿي ته 1936ع ۾ سر گراهم پهريون گورنر ۽ مسٽر ڪرپلاڻي پهريون چيف سيڪريٽري مقرر ٿي آيا،

تنهن وقت بمبئي ڪائونسل جا جيڪي به سنڌي ميمبر هئا، تن کي گورنر جي صلاحڪار ڪائونسل جو ميمبر نامزد ڪيو ويو ۽ ان ڪائونسل جو چيئرمين سرغلام حسين هدايت الله هو. شاهنواز ڀٽو، راءِ بهادر هيرانند کيم سنگهه، گورنر جا صلاحڪار هئا. سيد ميران محمد شاهه به ان 'ايڊوائيزر ڪائونسل' جو ميمبر هو.

1937ع ۾ جڏهن آزاد سنڌ جي اسيمبليءَ جون چونڊون ٿيون، ته مسٽر نور محمد وڪيل ۽ مرزا سڪندر بيگ جي مقابلي ۾ سيد ميران محمد شاهه حيدرآباد شهر ۽ تعلقي مان ميمبر چونڊجي ويو. ڪجهه وقت سر غلام حسين هدايت الله جي وزارت ۾ پارليامنٽري سيڪريٽري رهيو، ۽ پوءِ ديوان ڀوجسنگ اسپيڪر جي انتقال ڪرڻ تي 1938ع ۾ شاهه صاحب کي سنڌ اسيمبليءَ جو اسپيڪر چونڊيو ويو. جنهن عهدي تي 3 مئي 1948ع تائين فائز رهيو. ان کانپوءِ سنڌ سرڪار ۾ وزارت جي عهدي تي مختلف وڏن وزيرن جي وزارتن ۾ 1951ع تائين رهيو.

1. پير الاهي بخش جي وزارت ۾ مئي 1946ع کان فيبروري 1949ع ۾ خزانو صحت، مڪاني فوڊ حڪومت ۽ مهاجرن جي آباد ڪاري.
2. يوسف هارون جي وزارت ۾ فيبروري 1949ع کان مئي 1950ع ۾ مهاجرن جي آبادڪاري روينيو ۽ پي . ڊبليو .ڊي.
3. قاضي فضل الله جي وزارت ۾ مئي 1950ع کان مارچ 1951ع پي.ڊبليو.ڊي. ۽ مهاجرن جي آبادڪاري
4. خان بهادر محمد ايوب کهڙي جي وزارت ۾ مارچ 1951ع کان ڊسمبر 1951ع پي.ڊبليو.ڊي ۽ مهاجرن جي آبادڪاري.

1952ع ۾ پاڪستان سرڪار طرفان اسپين جو سفير مقرر ڪيو ويو. 1953ع ۾ حڪومت جي سفارتي عهدن تي سرڪاري عملدارن کي مقرر ڪرڻ واري پاليسي سبب ڪانئس اُهو عهدو واپس ورتو ويو. 1954ع کان 1957ع تائين ڪراچي امپرووومنٽ ٽرسٽ جو چيئرمين ٿيو.

شاهه صاحب ڪيتروئي وقت صاحبِ اقتدار رهيو ۽ پنهنجي ملڪ ۽ ملت جي خدمت دل و جان سان ڪندو رهيو. سنڌ جو هيءُ سياستدان، شاعر ۽ اديب 16 نومبر 1963ع تي وفات ڪري ويو. سندس علمي، ادبي ۽ سياسي خدمتن کي هميشه هميشه لاءِ ياد ڪيو ويندو.

علمي ۽ ادبي ميدان ۾ شاهه صاحب جن ڪيتريون ئي قابل قدر خدمتون انجام ڏنيون. 1938ع ۾ حيدرآباد ۾ جيڪا 'سنڌي ادبي سوسائٽي' قائم ٿي هئي، شاهه صاحب ان جو منتظم ۽ صدر هو. انهيءَ سوسائٽي ڪيترائي مفيد سنڌي ڪتاب شايع ڪيا، ۽ پڻ ادبي محفلون ۽ مشاعرا منعقد ڪري سنڌي ادب ۽ سنڌي شاعري کي زور وٺايو. انهيءَ ئي سوسائٽيءَ سنڌ ۾ پهريون زنانو مسلم هاءِ اسڪول کوليو جيڪو اڄ تائين حيدرآباد ۾ 'مدرسته البنات' جي نالي سان قائم آهي. 1958ع ۾ ڊاڪٽر دائودپوٽي سنڌي ادبي سوسائٽي قائم ڪئي ته شاهه صاحب انهيءَ جو مرڻ گهڙي تائين صدر ٿي رهيو.

1941ع ۾ سنڌ سرڪار سنڌي ادب ۽ ٻولي جي واڌاري ۽ سڌاري لاءِ هڪ سنڌي مرڪزي صلاحڪار بورڊ قائم ڪيو. شاهه صاحب 1951ع تائين ڏهه سال انهيءَ بورڊ جو چيئرمين ٿي رهيو. 1951ع ۾ اڳيون بورڊ بدلائي نئون بورڊ وجود ۾ آندو ويو. ميران محمد شاهه انهيءَ هاڻوڪي سنڌي ادبي بورڊ جو پڻ شروع کان وٺي ميمبر رهندو آيو.

پنهنجي وزارت واري وقت ۾ سيد ميران محمد شاهه، شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ رحه جي سالياني ورسيءَ ملهائڻ جي جيڪا شاندار روايت قائم ڪئي. سو سندس زندگيءَ جو هڪ جس جوڳو ۽ قابل يادگار ڪارنامو آهي. شاهه صاحب، شاهه لطيف يادگار ڪائونسل قائم ڪئي ۽ مرڻ گهڙي تائين انهيءَ جو صدر ٿي رهيو.

گرنه بيند بروزشپر چشم،
چشمءِ آفتاب راچه گناه

ترجمو: چمڙو جيڪڏهن سج جي روشنيءَ ۾ نٿو ڏسي سگهي ته ان لاءِ سج جي روشنيءَ ڪي ڪهڙو ڏوهه ڏبو!

انهيءَ ڪري سنڌ جيڪا امن جو گهر، صوفين، ۽ درويشن جي سرزمين هئي ۽ آهي، اڄ اتي دهشتگردي، ڦرلٽ، بيروزگاري، افراتفري، مهانگائي ۽ بدامني وڌي ويئي آهي، ۽ وڌندي وڃي ٿي. شاهه نريو جيلاني جتي اچي رهيو، اهو ڳوٺ، هن وقت غلام نبي شاهه جي نالي سان سڏجي ٿو. هيءَ ديهه قناداني سڏجي ٿي. ديهه تي اهو نالو قناديا قناترا ذات تان پيو آهي. چون ٿا هي ملاح آهن. خيرمحمد ٻرڙو سنڌ جي ذاتين جي انسائيڪلوپيڊيا، ص 1017، تي، لفظ (قناد) ”ڪ“ سان هن طرح لکيو آهي، ڪناد، ڪنادا ملاح آهن (والله اعلم).

سيد غلام نبي شاهه، ۽ يارمحمد شاهه، شعرو شاعري ۽ علم ادب سان شوق رکندڙ ۽ باقي عبدالله شاهه، بابو شاهه، نور محمد زميندراي ڪندڙ اوطاقي هئا. هنن مان امير علي شاهه وڏو عالم هو. هي ڳوٺ بس اسٽاپ جاڙا واهه کان ٻه ڪلوميٽر اوپر طرف اڄ به موجود آهي، جنهن ۾ سيد، مهندا، جماري، ملاح، ۽ لاشاري به هن ڳوٺ جي پر ۾ رهن ٿا. شاهه نريي بزرگ جو ميلو هر سال عوامي شاعر حاجي شاهه لڳرائيندو هو ۽ هر فنڪار کي گهرائيندو هو. حاجي شاهه مرحوم کان پوءِ اهو ميلو سندس پويان لڳائيندا اچن. هن تاريخي قبرستان ۾ 15،20، فوٽ ڊگهو منارو نهيل هو، جنهن کي مقامي ماڻهو ڏيوري چوندا هئا، جيڪا هاڻي ماڻهن ڊاهي، ان جون سررن ڪڍي ڪٽي ويا آهن، هاڻ صرف ان جا نشان باقي آهن. ڏيوري ڇا آهي ۽ هيءَ ڇو ناهي وئي آهي. ان بابت مقامي جهونن کان پڇا ڪيم، جن ٻڌايو ته، اهڙيون ڏيوريون سنڌ جي مختلف هنڌن انگريز سرڪار نهرايون، جيڪي رستي يا ماڳ جي نشاندهي ڪنديون هيون. ان ڏيوريءَ جي چوٽيءَ تي ٽنڊڙو جارو ناهي ڏيئو رکيو ويندو هو، جيڪو ماڻهن کي، ماڳ يا رستي جي سُڌ ڏيندو هو (والله اعلم). اهڙي هڪ ڏيوري مويا شهر جي ڏکڻ طرف ڳوٺ مرحوم قاضي احمد ڪاٺ ٻانيڻ پرسان هڪ وڏي قبرستان ۾ هئي، ان کان سواءِ سيد پور ٽڪر جي اُتر طرف ڳوٺ آچار گوپانگ جي پر ۾ هڪ تاريخي پراڻو ۽ ٻڌ دؤر جو ماڳ آهي، جنهن کي سُڌيرڻ جوڻل چون ٿا، اها ڏيوري وري مٽيءَ جي نهيل هئي، جيڪا هاڻ شايد ختم ٿي ويئي آهي. هڪ ڀيري مان ۽ منهنجو استاد محترم نيازمند ٻلڙائي، شاهه نريي جيلاني ۽ سندس اولاد مان پلوڙ ۽ عوامي شاعر سائين حاجي شاهه جو احوال وٺڻ لاءِ سندس ڳوٺ لڳ سعيد خان لنڊ کان ڏکڻ، اولهه طرف موجوده ٻلڙي شاخ جي اوپر ۾ اوطاق تي وياسين. جتي سائين حاجي جي پوٽي جي پٽ نوجوان فدا حسين شاهه اسان جو آدرڀاءُ ڪيو ۽ ڏاڍي سهڻي نموني خدمت پڻ ڪيائين. اسان ڪيس پنهنجي اچڻ جواحوال ٻڌايو ته ڏاڍو خوش ٿيو. پوءِ ٻاڌ ڇيائين ته بابا سائين، ٽنڊي محمد خان واري حويليءَ تي رهي ٿو، ٻارن جي تعليم ۽ پيو مريدن خاطر، مريد ڪافي اچن ٿا، هتي ڀهراڙيءَ ۾ اچڻ وڃڻ جي ڏکيائي آهي. انڪري ٽنڊي رهي ٿو. ڏاڏا سائين جو مواد هٿ سان لکيل بابا سائين وٽ محفوظ آهي، اوهان ٽنڊي ۾ بابا سان ملاقات ڪريو، باقي توهان کي منو ڪڇيءَ جي ڳايل ڏاڏا سائينءَ جي ڪافي ٻڌايان ٿو. استاد مني ڪڇي جي آوازم هيءَ ڳايل ڪلاسيل انداز ۾ ڪافي ڏاڍي وڻندڙ هئي، ڪافي ٻڌي

اسان ڪيس مشورو ڏنو ته شاهه صاحب جي شاعري ڇپرايو ته، بهتر ٿيندو، فدا، پنهنجي ادا سان مُرڪي چيو ته، ڪوشش ڪنداسين، ۽ پوءِ اسان فدا سائينءَ کان موڪلائي پنهنجي ماڳ موٽي آياسين. وري ڪجهه ڏينهن ڇڏي، مان ۽ مرحوم سائين اميد علي سنيو، گڏجي ٽنڊي محمد خان، شوڪت ڪالونيءَ ۾ سائين حاجي شاهه جي حويليءَ تي آياسين. 'ياد رهي ته هن جو نالو به حاجي شاهه آهي' ۽ حاجي شاهه شاعر سندس ڏاڏو هو شاهه صاحب ڏاڍي قرب سان مليو، ۽ شاهه صاحب سان، سندس ڏاڏي جي شاعري ۽ سندس احوال ڏيڻ جو ذڪر ڪيوسين، ۽ اهو به، چيوسين ته، تنهنجي ڳوٺ تنهنجي چوڪري فدا حسين وٽ ويا هئاسين، جنهن وري اوهان جو ڏس ڏنو. جنهنڪري هيءُ ڪشالو ڪڍي اوهان تائين پهتا آهيون. شاهه صاحب هڪدم ويو ۽ سائين حاجي شاهه مرحوم (شاعر) جو پاسپورٽ سائيز فوٽو کڻي آيو، ڏاڍو پلوڙ فوٽو هو، مٿي تي اڇي پڳ، سونهاريءَ سان سدا ملوڪ ٿي لڳو. ۽ ان کان پوءِ سائينءَ جي شاعري بابت پڇا ڪئي سون، ته چيائين ته، ڏاڏا مرحوم سائين جي شاعريءَ جو هٿ سان لکيل هڪ وڏو بُڪ هو، اهو هڪ سادات جي معرفت ٻي سادات سائين صالح محمد شاهه عرف ڏاڏي فتح خان جي حوالي ڪيم، پر جڏهن هينئر تازو ڏاڏي سائين جي شاعريءَ جو بُڪ وٺڻ ويس، ته پاڻ چيائين بابا اها ڪاپي خبر ناهي ڪٿي آهي، گهڻا ڏينهن ٿي ويا آهن، مون کي ياد نٿي پوي ته، مون ڪٿي رکي آهي. ايئن ڪري ٽاري ويو، مان مايوس ٿي موٽي آيس، پنهنجي شيءِ هٿ سان وڃائي ڇڏيم، ڏاڍو افسوس ٿيو، پرهاڻ ڇا ڪجي، بهرحال مان ڳاڻن ۽ مريدن کان جن وٽ سائين جو ڪلام آهي، هٿ ڪريان ٿو، جيئن ئي ڪجهه ذخيرو هٿ آيو ته، اوهان جي حوالي ڪندس، توهان جا لک قرب جو توهان مون وٽ ڪهي آيا.

اسين به- ٽي ڏينهن ترسي، وري ڪاهوڙين وارا ڪرڪٽا پائي، اڇي شاهه نريي واري قبرستان ۾ سائين حاجي شاهه شاعر جي قبر هٿ ڪئي سون، ان جي سِري کان قبر تي جيڪو وصال جو ڪتبو لڳل هو، ان تي 9 ذي الحج 1371هه لکيل هو، ان حساب سان عيسوي سن، 22 جمع آگسٽ 1952ع ٿيندو. اسان فيصلو ڪيو ته، سائين حاجي شاهه جي جهونن مريدن سان ملاقات ڪجي، جن شاهه صاحب سان رهاڻيون ڪيون هيون. ان سلسلي ۾ ڏيري مرحوم حاجي علي محمد ڪاتيار باني هاءِ اسڪول عبدالرحيم ڪاتيار سان هڪ ڏهاڙي، مان ۽ سنڌم ساٿي اميد علي سنيو ملڻ وياسين، ڳالهين ۽ رهاڻ جي رس ۾ اسان ڪانئس حاجي شاهه بابت احوال پڇيو، پاڻ چيائين: اسان جو قبرستان شاهه نريو آهي، اسين ان گاديءَ جا مريد آهيون، حاجي شاهه سان ڪافي رهاڻيون ٿينديون هيون، پاڻ ڪڏهن ڪڏهن هتي اسان وٽ به ايندو هو، وڏو اوطاقي ماڻهو هو، سُهڻي صورت وارو ۽ سُني پوشاڪ پائيندو هو، هر وقت سندس اوطاق تي رس رهاڻيون ٿينديون رهنديون هيون، ذات ڳاٽو سندس حاضري ڀريندو هو. وري ٻي جهوني جيلاني خاندان جي مريد ڊاڪٽرايوب جت جي والد حاجي آدم جت سان ملڻ وياسين، هي جهونو اسي سالن جو پوڙهو هو، پر ڳالهائڻ جو پڙ هو. ان جهوني چيو ته: اسين جيلاني سيدن جي پير قادر بخش شاهه واري خاندان جا مريد آهيون، مون حاجي شاهه ڏٺو هو، مون کان ڄمار ۾ وڏو هو، ڏاڍو خوش اخلاق ۽ سُهڻو هو، ڪپڙي لٽي جو شوقين هو، سخي دل انسان، مهمان نواز، رهاڻين جو شوقين، صوم صلات جو پابند هوندو هو. مرحوم عاجز عثمان جماري جيڪو پاڻ به سنو شاعر هو، ان به سائين حاجي شاهه جون ڳالهيون ۽ ان جي شاعري ٻڌائي.

بهرحال منهنجي ڪوشش سان شاهه جو مختصر احوال ۽ سندس شاعري جيڪا مون کي ماڻهن کان، ڪيسٽن تان ۽ سندم استاد مرحوم يوسف شيديءَ جيڪي اٺ، ڏهه هڻ سان لکيل ڦوٽو اسٽيٽ پنا ڏنا، ان ۾ حاجي شاهه جا به- ٽي ڪلام هئا ۽ ان سان گڏ، هينئين شاعرن جا هڪ يا ٻه ڪلام هئا، جن ۾(1) اميد علي شاهه (2) عثمان اوٺو (3) صاحبڏنو شاهه بلڙيءَ وارو (4) اعجاز (5) مهدي شاهه (6) عاقل فقير (7) فيض محمد، فيض فقير، (8) خوش خيرمحمد فقير، (9) پنو (10) عثمان درزي، (11) صالح شاهه، (12) درگاهي فقير، (13) عارب فقير، (14) علي نواز صابراڻي نظاماڻي. مون صرف حاجي شاهه جي شاعريءَ جي چونڊچاڻ ڪئي ۽ ان کي سنواريو، جنهن مان معلوم ٿيو ته، شاهه صاحب جو اڪثر ڪلام مجازي ۽ عوامي آهي، سندس ڪوڙ ڪافيون ۽ بيت جن کي ڳائيندا ڏوهيڙو چوندا آهن، اهي به هئا، پر انهن ڏوهيڙن مان ڪوبه صحيح سلامت ڪونه ملي سگهيو. جيئن ته حاجي شاهه حُسن جو شاعر هو، ان ڪري حَسِينن جي ساراهه گهڻي ڪئي اٿس، هڪ ٻه سٽون حُسن جي واکاڻ بابت آهن ته:

”حُسن ’حاجي شاهه‘ حبيب آهي، هرڪو ان جو عزيز آهي، واري ڏس تون ورق ڪٽي“ سليمان شاهه جي آواز ۾ ٻه هڪڙو اهڙي قسم جو ڏوهيڙو آهي، ”محبوب آهي، ته ملڪيت آهي، نه ته ملڪيت ڇا ڪندي، حسينن کان سواءِ حاجي شاهه ڇني حياتي ڇا ڪندي.“ هُو حسن پرست شاعر هو، چون ٿا ته، جوانيءَ ۾ ڪنهن نينهن جي شينهن ڪيس ڦٽي وڌو هو، جنهن نندون ڦٽائي ڇڏيون هُيس، اها ڪٿا مون کي غلام رسول ٻڌائي هئي، جنهن چيو ته، اها سُهڻي من موهڻي مورت مون به ڏٺي هئي، جهور پوڙهي هئي، پر سندس سُونهن جا آثار اڃا به ڪجهه منجهس موجود هئا، اکيون ڏاڍيون سُهڻيون هئس. ڳالهه ڪرڻ وارو اڃا حال حيات آهي، ڪراچيءَ ۾ رهي ٿو. وري عوامي رنگ ۽ ڍنگ ۾ جڏهن مقامي ڳائڻن ڳايو ته، عوام ۾ مشهور ٿيو.

انهيءَ ڪري سائين حاجي شاهه جي تمام گهڻي مشهوري ٿي. حاجي شاهه جي شاعري مجازي کان سواءِ لوڪ داستانن تي به آهي، جيئن ته، عمرمارئي ۽ نوري ڄام تماچيءَ تي تمام گهڻو شعر چيو اٿس. ان کان سواءِ ڪربلا جي شهيدن جي شان ۾ سندس بهترين شاعري آهي، افسوس جي ڳالهه آهي ته، هن پلوڙ ۽ عوامي شاعر جو احوال ۽ شاعري ’ڦافيون‘ ڪتاب ۾ چونه ڏنو ويو آهي. ”ان وقت جيڪڏهن ڪوشش ٿئي ها ته، هن شاعر جو ڪلام هڻ اڃي وڃي ها“ جڏهن ته ’ڦافيون‘ ڪتاب جا ٽي جلد شايع ٿيا آهن. حاجي شاهه جو ڪلام ڪيترن ئي فنڪارن ڳايو آهي، جن ۾ نمايان استاد منو ڪڇي، عثمان، هاشم ڪڇي، پيرو نومڙيو، عثمان اوٺو بنورائي، جيڪو پاڻ به سُنو شاعر هو. سائين سليمان شاهه، ۽ ان جو استاد بچو شيخ، مائي الهوسائي، مائي نوربانو، هن جي ۽ بن ڀين ماين جي باري ۾ پير علي محمد راشدي پنهنجي ڪتاب، ’اهي ڏينهن، اهي شينهن‘، جلد، 3، ص 316 کان 318 تي لکي ٿو ته، ’مائي جيوٽي، مائي پاڳي ۽ مائي نوران، جيڪا هاڻ نوربانو سڏائڻ لڳي آهي‘، منهنجي اها راءِ آهي ته، سنڌ جون اهي ٽي ڳوڻائيون مايون اسان جي زماني ۾، سنڌ جي حقيقي روح جون ترجمان هيون. مائي جيوٽي، اُتر جي، مائي پاڳي ٿر جي، ۽ مائي نوران نج لاڙ جي نمائندگي پئي ڪئي، ٽنهي جو آواز سبحان الله، مائي نوران جو مان خاص مداح آهيان. مُنهن ۾ نه، ته به مُک ۾ هڪ قسم جو نور ضرور اٿس. سنڌ ۾ جيڪي سُر ۽ لاتيون مون اڄ کان سٺ ورهيه اڳ ٻڌيون، تن جي اڄ اڪيلي

امانتدار اها مائي صاحبہ آهي. پهريون دفعو، اڄ کان پنجويھ سال اڳ، منهنجي اڳيان هڪ ڳوناٽي پورهيت جي حيثيت ۾ ڌرتيءَ تي ويهي، گهڙي تي ڳايائين، آواز ٻڌندي ئي مون چيو تہ ”هيءَ مائي ڪنهن ڏينهن قهر ڪندي“ ساڳي مائي هاڻي نوربانو آهي. واقع سچ چيو سائين راشدي صاحب، مائي برابر غضب جي هئي. مون 1971ع ۾ روبروڪيس ڏٺو ۽ ٻڌو هو. مان ان زماني ۾ سنڌ جي سخي مرد ۽ مهمان نواز حاجي محمد اشرف ٽيٻي مرحوم جي ڳوٺ رپ ۾ نائين درجي ۾ پڙهندو هوس، هاسٽل ۾ پرديسي شاگرد ۽ استاد رهندا هئا، فري بورڊنگ هئي، بورچي رکيل هو، سائين محمد اسماعيل چانڊيو بدين جي پاسي جو هاؤس ٽيچر هو ۽ مون کي هاسٽل جو مانيٽر مقرر ڪيائين، مون سان مڃاري ڳوٺ جيڪو رپ کان اولهہ طرف ميل اڌ پنڌ تي هو، ان ڳوٺ جا چانگ گڏ پڙهندا هئا، انهن جي شادي هئي، جنهن ۾ هي مون کي استاد کان موڪل وٺي، وٺي ويا، وڏي شادي هئي، اهڙي وڏي شادي مون پهريون دفعو ڏٺي هئي، اتي مون هن مائيءَ کي پهريون دفعو ڏٺو ۽ ٻڌو هو، تڏهن سندس ڦوهہ جواني هئي. سڄي رات ڳايائين، مصري شاهہ جي هڪ ڪافي جيڪا اڄ بہ مون کي ياد آهي، ٻول آهن، ”کهڙي سبب ڏاڍا ڏينهڙا لڳا، پينرڙي ڪڏهن پيڙا ٽيندا“ مون کي ان زماني ۾ ڪا ايتري سُرت سمجهہ ڪونہ هئي، پرپوءِ بہ مون کي اها ڪافي ڏاڍو وڻي. مائي ذات جي گوپانگڻ هئي، رپ ڳوٺ جي رهاڪڻ هئي ۽ پوءِ چون ٿا تہ لڏي وڃي تلهار ويٺي، (والله اعلم)

امينا، جنهن جي آواز ۾ مشهور ڪافي:

”سمان ڄام سلطان، منهنجي ذات مهاڻي،
مڇيون روز ماريون، ڏنيرا ڏيهاڻي.“

ان کان سواءِ عابده پروين، قاسم مگڻهار، ڊول فقير جي آواز ۾ ڳايل مشهورڪافي:

عمر مون نٿا وسرن، ويڙهيچن جا واڙا،
پڄي پورٽيني ئي، ڪنجون ڪلف تاڙا.
تنهنجون محل ماڙيون، بنگلا بيماريون،
اسين قيد ڪوٽن ۾ گهڙي ڪين گهاريون
پٽن جي پرن ۾، آهن پنهوارن جا پاڙا.
پڄي پور ٽيني ئي ڪنجون ڪلف تاڙا.

نالي واري مصرع: عمر ڪر عدالت، پاؤ ٿي نہ پورو، حاجي شاهہ چئي هردم ٿئي مُيءَ تي ٿورو، وڃي آئون اکين سان، ڏسان اين جا اواڙا. پڄي پور ٽيني ئي ڪنجون ڪلف تاڙا

اها ساڳي ڪافي نئين انداز ۾ آل انڊيا جي سنڌي سروس تان، ڪلاڪاره ڀڳونتي ناواڻيءَ جي آواز ۾ ڪڏهن ڪڏهن ٻُڌڻ ۾ ايندي آهي. هڪ ٻي ڪافي بہ شايد ڊول فقير جي آواز ۾ آهي، جنهن جا ٻول آهن:

”اڳ نہ ڏٺيون مون، عمر تنهنجيون ماڙيون،
اسان جي گهرن کي آهن، وڏيون وڏيون واڙيون.“

هيءَ حاجي شاهہ جي مشهور ڪافي آهي، پر مون کي ان ڪلاڪار جو نالو هن وقت ياد ناهي، اها ڪافي ’ڪڍ ڪوٽ منجهان، عمر مير مون کي هتي آندو ڪٿي آ، تقدير مون کي‘ (نوٽ) هيءَ ڪافي

ٻہ ڊول فقير ڳائي آهي، ’دلبر آيس در تنهنجي تي، نهار مون ڏي نيڻ کڻي.‘ هن عوامي شاعر جو ڪلام مون کي، سندس پوين کان ته، ڪونہ ملي سگهيو، حاجي شاهہ جيڪو سندس پوٽو هو، اهو اوچتو گذاري ويو، پلوڙ ۽ سخي ماڻهو هو، هڪ ڀيري اسان کي شاهہ ٽريي جي ميلي جي دعوت ڏنائين، خوب خدمت ڪيائين، ڏاڍيون رس رهاڻيون ٿيون، جڏهن ڪانئس موڪلايوسين ته، منائي، ڦلن ۽ ڪشمش جي ڀري ٻڌي ڏنائين ته، اولياء صاحب جي ڏيهاڙي جي وَٽ آهي، مهرباني ڪري کڻي وڃو، ان جي وفات کان پوءِ مواد لاءِ جڏهن ان جي پٽ فدا شاهہ سان رابطو ڪيم ته، ان سائين صرف ها ها تي ڪئي، اڄ نہ سڀاڻي، پوءِ آسرو لاهي مون کي هِتان هُتان، ڪجهو ڦڪو جيڪو مواد هٿ آيو، جنهن جو مون مٿي ذڪر ڪيو آهي، ان کي سنواري سڌاري، علم دوست ۽ ذوق رکندڙن شاعرن، جن کي شاعريءَ سان اُنس آهي، تن سڄڻن جي علم جي اضافي لاءِ ڏجي ٿو.

**ڪافي**

دلبر دل لُٽڻ جو، قابل نہ کهڙو آهين
ڪاتي بنا ڪُهڻ جو، قاتل نہ کهڙو آهين.
رقيبن سان ٿو راهين، مون سان نٿو ڳالهائين،
منهنجا سُهڻا اوسائين، رل مل نہ کهڙو آهين.
ڳالهيون ڪيئي ٻين سان، مون تي ٻڌيون ڪنن سان،
منهنجي تہ دشمنن سان، شامل نہ کهڙو آهين.
”حاجي شاهہ“ چئي هر هر، عاشق رلائين دردر،
ساجاهہ ڏيئي سرور، غافل نہ کهڙو آهين.

**ڪافي**

دلبر در تنهنجي جو، دربان آهيان.
جي وڪڻي ڇڏين تہ، قربان آهيان.
سر ساهہ کپئي تہ، هلي گهوري ڏيان،
جي نوڪر رکين تہ، هلي ٻُوهاري ڏيان،
تون تخت ڏٺي، آئون غلمان آهيان.
حسن ”حاجي شاهہ“ کٺي، قيد ڪيس،
ڏس بنا سمن جي، ڪيئڻ ونجي ويس،
تڏهن ڪيس انهيءَ منجهہ چالان آهيان.

**ڪافي**

جيئري جاني آئين نہ مون وٽ، پوءِ ساري ڇا ڪندين.
پنهنجي هٿن سان مڙهہ منا، پوءِ سينگاري ڇا ڪندين.
يار ٻُڌندين اڄ سُڀاڻي، موت منهنجي جي خبر،
پوءِ پڇاڙي ڪفن ڪولي، مُنهن اُگهاڙي ڇا ڪندين.

پاڻي پرڻ نئڙو پير هليو، جنهن کي گلي مان لنگهي تکو تير ويو،
لُڇندي لال ڏسي عالي عرش ويو، حورن هار ڇني ڪٽي اڇليا پري.
”حاجي شاهه“ چئي سوين سور ٿيا، ڪري ٻچڙا عليءَ جا ڪوفي قيد هليا،
جن کي هٿن پيرن ۾ آهن زنجير پيا، ڏسو شان سيد جو ڏيان ڏري.

(نوٽ) هيءَ مٿين ڪافي مرحوم عمر سولنگيءَ پنهنجي آواز ۾ 17 آگسٽ، 2017ع، سندس ڳوٺ لڳ فاران شوگرمل رات جو رهاڻ ۾ ٻڌائي، پاڻ به سنو شاعر هو ۽ آواز به پلو هوس، ڪيترن ئي شاعرن جو ڪلام ڪيس ياد هو، خاص ڪري سانوڻ فقير گهڻو ياد هوس، حافظ لقمان عالماڻي جي صحبت ڪري ان جي ڳائڻ جو رنگ مٿس گهڻو هو. ان رهاڻ ۾ مولانا الهڏنو ”آزاد“ ملاح، اشرف سولنگي ميزبان، پرائمري استاد عبدالرحيم، انور سولنگي ۽ ٻيا ڳوٺاڻا هئا.

## ڪافي

مومن اوهان کي ٻڌايان، قصو ڪربل قهر جو.
هي ڪنو ٿي ڪوفين اولاد سرور جو.
لاهيندي هٿن پيرن کي ميندي ڏنم، رئندي جڄ سڄي ساري ڏنم.
هڪڙوٻچڙو قيد عليءَ جو قيد، ٻيو ڏکيو پنڌ سفر جو.
شاهه قاسم جي سيج وڇاڻي ٿي، ڪوفين ڪيو بند پاڻي ٿي،
اها رئندي ڏنم راڻي ٿي، ماريو گهوٽ انهيءَ جي گهر جو.
مومن هاڻ هتي اوهان جو چاهي، وڃو سڀ ڪربل ڏي ڪاهي،
هردم ”حاجي شاهه“ چئي آهيان، نوڪر نبيءَ جي درجو.

ٻي سندس مشهور ڪافي هئي، جنهن جا ٻول آهن،

اي مرد تنهنجي هن دنيا ۾، باقي وڃي ڪا ڳالهه رهندي.

اها ڪافي منو ڪڇي جي سدا بهار آواز ۾ مون ٻڌي هئي، پر گهڻي ڪوشش جي باوجود به اها سڄي ڪافي مون کي هٿ اچي ڪونه سگهي، هن مضمون لکڻ وقت سيد عبدالسلام شاهه فون تي ٻڌايو ته، اها ڪافي نيٽ تي قاسم علي شاهه جي آواز ۾ موجود آهي، پر مون کي هٿ نه آئي.

”هشمت ”حاجي شاهه“ چئي تنهنجي هستي نه هر حال رهندي“.

سو سائين آخر سڀ فنا آهي، باقي مردن جون ڳالهيون پيون ڳائبيون آهن.

**حوالا ۽ روايتون:**

(1) سومرو ڊاڪٽر عبدالغفار، صوفي لا ڪوفي، ڀاڱو: ٻيو، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو.
(2) سنڌي محمد ابراهيم ڊاڪٽر: (بلڙي ۽ ان جي ڀرپاسي وارا تاريخي، ماڳ ۽ شخصيتون) حصو ٻيو: ماهوار نئين زندگي، آڪٽوبر، 2001ع.
(3) راشدي، پير علي محمد، اهي ڏينهن، اهي شينهن، جلد ٽيون، سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو.
(4) مرحوم سائين استاد يوسف جا ڏنل هٿ سان لکيل، فوٽو اسٽيٽ اٺ، ڏهه اڌ ڇپيل پنا.
(5) شاهه عبدالسلام، جي ميسيج ۾ موڪليل معلومات.
(6) روايت: مرحوم وڏيرو حاجي علي محمد ڪاتيار.
(7) روايت: مرحوم آدم جت: ۽ مرحوم عاجز عثمان جماري.

حسيب ناياب منگي



# صوفي ٻيدل فقير

اُتر سنڌ جي صوفي بزرگن ويدانت جي وائي عام ڪرڻ ۽ تصوف جي پرچار يا حق جي ڳالهه کي بلندين تي پهچائڻ لاءِ انيڪ خدمتون سرانجام ڏنيون آهن. روحاني رمز جي موج ۽ مستيءَ ۾ صوفي بزرگ جيڪو آفاقي پيغام سرجي ويا آهن، تنهن جي ثمر مان ڪيترائي ماڻهو فيض وٺي ان راهه جا راهي ٿيا آهن، جنهن راهه تي جابجا محبت ۽ امن جي ڳالهه آهي. اتر سنڌ جي انهن صوفي بزرگن واري ڏگهي فهرست ۾ ٻيدل فقير هيري جيان چمڪي رهيو آهي، ڪيس جيڪا مڃتا ۽ محبت ملي آهي، اها اتر سنڌ ۾ ڪنهن ٻي صوفي بزرگ کي مشڪل سان ئي نصيب ٿي هجي.

مطالعي جي آڌار تي اهو اظهار ڪري سگهجي ٿو ته ٻيدل سائينءَ جي حياتي سادگيءَ جو مظهر رهي آهي. سندس ڪلام ٻين صوفي بزرگن جيان تمام گهڻو مقبول ٿيو آهي. پاڻ شاعريءَ ۾ ڪافي ۽ بيت جهڙي صنفن تي تمام گهڻو لکيو اٿائون. سندس ڪلام ۾ اها به خاصيت ملي ٿي ته پنهنجي ڪلام کي ڪنهن به خاص موضوع تي پابند نه رکندي ڪلاسيڪي داستانن کي به ڳايو اٿس. سندس ڪلام روايتي لحاظ کان پابند ۽ موسيقيت سان ڀرپور آهي. ان ئي سبب اتر سنڌ ۾ سندس ڪلام تمام گهڻو ڳايو وڃي ٿو.

شڪارپور شهر کان ڏهه ڪلوميٽرن جي فاصلي تي ريلوي اسٽيشن لودرا آهي، جنهن جي اوڀر پاسي ڇئن ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي ڳوٺ بخشي انڙ واقع آهي، جنهن کي اڄ ڪلهه ٻيدل فقير جي درگاهه جي نالي سان پڪاريو وڃي ٿو. ان ئي ڳوٺ ۾ هن صوفي بزرگ جو جنم 1865ع(1) ڌاري ٿيو. اها روايت پڻ عام آهي ته سندس والد عبدالواسع انڙ، سالن کان اولاد لاءِ سڪايل هو، ڪنهن بزرگ جي دعا اڳهامي ۽ سندس جهوليءَ ۾ هڪ اهڙو لعل آيو، جنهن جو فڪر، شعور جي ڦهلاءَ ۽ محبت جي عام واري هام تي پورو لٿو ۽ هن پنهنجي لافاني پيغام سان ٻوساٽيل ماحول کي موهي ڇڏيو.



فقير ٻيدل سائينءَ جي حياتيءَ جي احوال مان اها پروڙ پوي ٿي ته فقير سائين جيترو والدين جو سڪيلڌو پٽ هو، اوترو ئي سادو هو. سادگيءَ جو اهو به مظهر هوندو هو ته پنهنجي ئي ڳوٺ ۾ مال چارڻ ويندو هو ته پٽ تي ويهي رهندو هو، وڻن جي هيٺيان سمهي پوندو هو. سوچن ۾ گم رهڻ ۽ مالڪ جي

هتي هڪ نشاندهي ڪرڻ ضروري ٿو سمجهان ته ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي ترتيب ڏنل ڪتاب 'ڪافيون' جلد پهريون ۾ بيدل سائينءَ جي هڪ اهڙي ڪافي نظر کان گذري آهي، جيڪا ڪنهن به ڇپيل رسالي ۾ شامل نه آهي. منهنجو خيال آهي ته هڪ ڪافيءَ جو رهجي وڃڻ اهو خدشو ٿو ظاهر ڪري ته ممڪن آهي سندس ٻيو به ڪلام ڪٿي ڪنهن قلمي نسخن ۾ شامل هجي، جنهن تي نئين سر تحقيق ٿيڻ گهرجي. ڊاڪٽر صاحب جيڪا ڪافي ڏني آهي سا هيءَ آهي:

الٽي بازي عشق جي آهي، درد بنا ٻيو سمجهي ڪير،
هيءَ جا ڪار ڪسڻ جي آهي، راند ڪٽي ڪو شير دلير،
باهه برهه جي ٻرڪا ڏيوي، مچ ۾ گهڙي ڪو مرد مٺير،
جيئري پنهنجي جان جلائي، ٻڙ ۾ پائي ڪو ڪو پير.
سمجهه "بيدل" تون ڳجهه جون ڳالهيون، لاهوتيءَ ري لکنو ڪير.(12)

سنڌ ڌرتيءَ جي ڪيترن ئي قلمڪارن وقت به وقت بيدل فقير جي سوانح ۽ ڪلام تي قلم ڪڻي پاڻ ملهايو آهي. ان سلسلي ۾ مختلف ليکڪن جا مضمون ۽ مقالا ڇپيل آهن، جن تي تفصيل سان لکڻ جي ضرورت آهي. هتي اهو ذڪر ڪرڻ لازمي ٿو سمجهان ته بيدل سائين متعلق غلام محمد بلوي 'ڪليات بيدل فقير' جي عنوان سان ايم.اي سنڌيءَ لاءِ 1961ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ لاءِ مونوگراف لکيو هو(13). جنهن کي شايع ڪرايو وڃي. ان کان علاوه سنڌي ادب جي تاريخن ۾ بيدل فقير جو تذڪرو ڏسنداسين ته معلوم ٿيندو ته لعل سنگهه اجواڻي 'سنڌي ادب جي تاريخ' ۾ بيدل سائينءَ جو مختصر تذڪرو ڪيو آهي ۽ 'قطب شاهه جي ڪلام' جي مقابلي ۾ بيدل سائينءَ جي شاعري ۾ گوناگونيت سرس هجڻ جو اعتراف ڪري رهيو آهي (14)."

سنڌي ادب جي ٻين تاريخن ۽ ان سان وابسته موضوع جي ڪيترن ئي ڪتابن ۾ بيدل فقير کي نظر انداز ڪيو ويو آهي. محمد صديق ميمڻ 'سنڌ جي ادبي تاريخ' ۾ بيدل سائينءَ جو تذڪرو نه ٿو ڪري، حالانڪ سندس همعصر مرحوم عبدالغفور 'مفتون' همايوني جو ٿذڪرو ڪتاب جي صفحي 482 تي ڪيو آهي (15).



درگاهه

حيرت جهڙي ڳالهه آهي ته ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي 'سنڌي ادب جي مختصر تاريخ' ۽ 'سنڌي ادب جو تاريخي جائزو'، ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو مرحوم 'سنڌي ادب جي مختصر تاريخ' ۽ 'سنڌي ادب جي تاريخ' (ٽي جلد) ۾ به بيدل فقير جهڙي صوفي شاعر کي نظرانداز ڪيو آهي. اها وڏي ناانصافي آهي جو اڪبر لغاري واري 'سنڌي ادب جو مختصر جائزو' ۽ مختيار احمد ملاح جي لکيل 'سنڌي ادب جي تاريخ جو جديد مطالعو' جهڙن ڪتابن ۾ به بيدل فقير نايا آهي. ڊاڪٽر عبدالجبار'عابد' لغاري جي لکيل 'سنڌي شاعريءَ جي مختصر تاريخ' (16) جهڙي وشال موضوع واري مختصر مجموعي ۾ به صفحي 77 ۽ 78 تي به پيرا هن بزرگ شاعر جو نالو ظاهر ڪيو ويو آهي. اهي ڪتاب جيتوڻيڪ شاگردن جا مونجهارا دور ڪندڙ ثابت ٿين ٿا، اتي مشڪلاتون پيدا ڪرڻ جو ذريعو پڻ آهن. جيتوڻيڪ هن بزرگ شاعر جي ڪلام کي مختلف ادبي شخصيتن ڪنو ڪري شايع ڪرايو آهي، جنهنڪري هن بزرگ جو فڪر اعليٰ ادبي منزل تي پهتو آهي، جيڪو سندس حق آهي.

## حوالا ۽ وضاحتون


1- راجاڻي آنند رام طوطلداس: 'رسالو بيدل فقير'، منظور بڪ اسٽور، شڪارپور ڇاپو ٽيون 1999ع، ص 4

2- ساڳيو، ص 18

3- سرڪي، نياز: (مرتب) 'رسالو بيدل فقير'، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، ڇاپو پهريون 2005ع، ص 18

4- سڏايو، غلام نبي، ڊاڪٽر: (مترجم و مرتب) رسالہ بيدل فقير 'نعرہ حق' اردو، بيدل فقير مئنيجمينٽ ڪميٽي شڪارپور، اشاعت اول، نومبر 2008ع، ص 80

5- بلوچ، نبي بخش خان ڊاڪٽر: (مرتب) 'ڪافيون' جلد پهريون سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو، ڇاپو پهريون 1985ع ص 288.

6- ڏسو حوالو 2، صفحو ساڳيو.

7- نياز سرڪي ۽ ڪان ورتل معلومات جي آڌار تي.

8- سنڌي، ميمڻ عبدالمجيد، ڊاڪٽر: 'سنڌي ادب جو تاريخي جائزو'، ڇاپو پهريون 2002ع، ص 183 ۽ نعرہ حق تان مدد ورتل.

9- بيدل سائين جي ولادت جي سال جي تصديق لاءِ هينيان ڪتاب ڏسجن:

- 'تذڪرہ شعراءِ سکر': ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، سنڌي ادبي سوسائٽي سکر، ڇاپو پهريون اپريل 1965ع، ص 188.

- 'تاريخ سکر': رحيم داد خان مولائي شيدائي، سنڌي ادبي بورڊ، ڇاپو پهريون 1992ع، ص 499.

- 'سنڌي بيت ۽ ان جي ارتقا': حبيب الله ڀٽو: حبيب پبليڪيشن شڪارپور، ڇاپو پهريون 1995ع، ص 219.

- 'منهنجو وطن منهنجا ماڻهو': لوڪ رام ڏوڏيجا: نيو فيلڊس پبليڪيشن، ڇاپو ٻيو، جون 1993ع، ص 120.

- 'مارو جي ملير جا': خادم حسين چانڊيو، گنج بخش ڪتاب گهر حيدرآباد، ڇاپو ٻيو، 05- 2004ع، ص 139.

- 'انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا': جلد پهريون، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، ڇاپو پهريون، آگسٽ 2009ع، ص 560.

10- سڏايو، غلام نبي، ڊاڪٽر: مقالو 'بيدل جي شاعريءَ ۾ عشق جو تصور' (ڪتاب) 'عشق ڪيم اظهار' مرتب: ڊاڪٽر ڪليم لاشاري، بيدل يادگار ڪاميٽي روهڙي، ڇاپو پهريون 2001ع، ص 117.

11- جوڻيجو عبدالجبار ڊاڪٽر: 'سنڌي ادب جي تاريخ'، (جلد ٻيو) سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، ڇاپو پهريون 2005ع، ص 200.

12- ڏسو حوالو 5، ص 289.

13- ڪينجهر (تحقيقي جرنل) سنڌي شعبو، سنڌ يونيورسٽي 1987ع ص 154.

14- اجواڻي، لعل سنگهه، هزاري سنگهه: 'سنڌي ادب جي تاريخ' (سنڌيڪار: هيرو شيوڪاڻي) سنڌي ساهت گهر حيدرآباد، ڇاپو ٻيو 2007ع ص 114.

15- ميمڻ الحاج محمد صديق خانبهادر: 'سنڌ جي ادبي تاريخ' (ٻئي ڀاڱا گڏ) مهراڻ اڪيڊمي شڪارپور، ڇاپو ٽيون جون 2003ع ص 482

16- ڄاڻايل ڪتابن کي سامهون رکي لکيل معلومات.






ميرزا ڪاظم رضا بيگ

# ميرزا سلطان حيدر بيگ جي غزل گوئي جو مختصر جائزو

سنڌي ادب جي تاريخ ۾ ميرزا سلطان حيدر بيگ مرحوم جون علمي ۽ ادبي خدمتون ۽ سرگرميون نمايان حيثيت حاصل ڪري چڪيون آهن، سندن خاموش، مخلص، بي لوث ۽ سرگرم علمي شخصيت جي زندگي ۽ علمي ڪارنامن تي تبصري لاءِ هڪ مختصر تحرير ناڪافي آهي. پاڻ فڪر و نظر، علم و ادب ۽ شعر و فن جي دنيا ۾ بيمثال شخصيت جو مالڪ هو. بلڪ هو اسان جي شعري روايت ۾ وڏي مقام جو حامل هو. آءٌ چند سرسري جملن ۾ سندس مقام کي متعين ڪرڻ جي ڪوشش ڪونه ڪري سگهندس، پر ائين ضرور چوندس ته پنهنجي دور ۾ ڪنهن شاعر کي اهڙي همه گير مقبوليت حاصل نه ٿي سگهي آهي، جهڙي ميرزا صاحب جي حصي ۾ آئي آهي ۽ اهلِ ذوق جي دل ۾ جيڪو مقام ڪيس مليل آهي، سو سراسر سندس حق هو.

ميرزا سلطان حيدر بيگ ولد مرزا علي محمد بيگ مظفر، 16 سيپٽمبر 1927ع مطابق 19 ربيع الاول سنه 1346هه بروز جمع ٽنڊو آغا، حيدرآباد ۾ پيدا ٿيو. ميرزا سلطان حيدر بيگ جي ڏاڏي ميرزا قربان علي بيگ، سال 1932ع جي سندس رسم بسم الله جي ادائگي ڪري، ڪيس پرائمري تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ آسودي مل پرائمري (هاٿوڪو سيٺ حافظ پرائمري اسڪول) ڦليلي لڳ داخل ڪرايو ۽ ڪيس رات جو پاڻ درس ڏيندو رهندو هو. درسي تعليم سان گڏ ديني تعليم به حاصل ڪندو پئي آيو.

ميرزا صاحب پنهنجي ئي جاءِ تي، ۾ ڪيس شاعريءَ جي اصلاح لاءِ نهايت جاڻو ۽ شفيق استاد مليا، جن مان پهريون سندس ڏاڏو ميرزا قربان علي بيگ 'قربان'، ٻيو والد ميرزا علي محمد بيگ 'مظفر'، ٽيون ميرزا علي بخش 'بيگ ڪوثر' ۽ چوٿون ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم 'خليل' هئا. شاعريءَ جي شروعات، 1- محرم 1361هه مطابق 19 جنوري 1942ع کان ڪيائين. هيءُ اهو سال هو، جنهن ۾ پوري ٽنڊي ڪنڊ ۾ "تيرهن سؤ صد سالہ يادگار حسيني" جي ياد ۾ جلسا ۽ مشاعرا ٿيڻ لڳا. امام بارگاهِ علي آباد ٽنڊي آغا ۾ پڻ اهڙو مشاعرو ٿيو. ان وقت مرزا سلطان حيدر بيگ جي عمر تقريباً 15 سال هئي، جڏهن پاڻ هي سلام:

مظلوميت جو صبر نه آهي شمار ۾.

لکي والد کي اصلاح لاءِ ڏنائين، جنهن سلام تي ضروري اصلاح ڪئي ۽ فن عروض متعلق ڪيس ضروري سمجهاڻيون به ڏنيون. ميرزا سلطان حيدر بيگ وقتاً فوقتاً اردو شاعري ۾ سيد نثار حسين جعفري کان به اصلاح ورتي. مطلب ته هن کي وڏن وڏن استاد شاعرن جي رهنمائي حاصل ٿي، سندن پهريون تخلص "ظفر" ۽ پوءِ "سلطان حيدر" هو.

ميرزا سلطان حيدر بيگ کي ننڍي هوندي کان گهر ۾ ئي علمي ۽ ادبي ماحول نصيب ٿيو، ۽ هن جي ذوق ۽ شوق جي تڪميل ٿيندي رهي. فارسي ۽ اردو جي تعليم پنهنجي والد بزرگوار کان حاصل ڪيائين. ڪيس شعرگوئيءَ سان گڏ مشاعرن ۾ شريڪ ٿيڻ جو بيحد شوق هوندو هو. اهڙن مشاعرن ۾ ڪورين جي پڙ ۾ بزمِ خليل، بزمِ طالب المولىٰ، (هالا ۾ لطيف آباد) ۽ ٻين هنڌن تي ٿيل مشاعرا شامل آهن. جنهن ۾ ان وقت جا ناميارا شاعر شريڪ ٿيندا هئا. ازانسواءِ هو، ٻين پاسن تي ٿيل ادبي ڪانفرنس ۾ به شعر ڳاهي موڪليندو رهندو هو. مطلب ته شاعري ۽ مشاعرن جو ذوق، چوٽ چڙهيل هوس. پاڻ نه رڳو مشاعرا پڙهيا، پر ٽنڊي آغا امام بارگاهِ علي

آباد ۾ بزمِ ڪوثر پڻ قائم ڪئي، جنهن ۾ ميرزا عباس علي بيگ ’عباس‘، ميرزا حامد علي بيگ، ميرزا غلام مصطفيٰ بيگ ’عاشق‘، ميرزا غلام عباس بيگ ’وفا‘، ۽ ميرزا سڪندر علي بيگ شريڪ ٿيندا هئا.

1970ع ڌاري پاڻ پنهنجي والد جي نالي سان ”بزمِ مظفر“ جو بنياد رکيو، جنهن ۾ سيد حيدرشاهه، سيد احسن الهاشمي، ميرزا عباسي علي بيگ، ميرزا حامد علي بيگ، ميرزا غلام مصطفيٰ بيگ ’عاشق‘، ميرزا سڪندر علي بيگ، ميرزا فتح علي بيگ ’شاهد‘، ميرزا قربان علي بيگ مختار، مرزا فياض علي بيگ، ميرزا علي تقي بيگ، ڊاڪٽر ميرزا امام علي بيگ افسر ۽ ميرزا ڪاظم رشا بيگ ’ڪاظم‘ ڪندا رهيا ۽ اهو سلسلو اڄ ڏينهن تائين قائم و دائم آهي.

هر ڪنهن ذي حسن کي منزلِ حيات پوري ڪرڻي آهي، اهڙيءَ طرح ميرزا سلطان حيدر بيگ 6-فيبروري 2005ع ۾، پنهنجي حياتيءَ جي منزل پوري ڪري دارالفنا کي ڇڏي، دارالبقا ڏي راهي ٿي، پوين کي داغ مفارقت ڏيئي هليو ويو.

ميرزا سلطان حيدر مرحوم پنهنجي علمي ۽ ادبي نُڪتهء نظر سان، خصوصاً سنڌي غزل جو معياري شاعر ۽ ناقد مڃيو وڃي ٿو، جو پاڻ فن علم عروض جي فني اصولن، موشگافين جو پابند آهي: غزل، پنهنجي هيئت جي اعتبار سان نج فارسي صنف آهي، ان جي لوازمات ۽ فني متعلقات کي ادب ۾ هڪ انفرادي حيثيت حاصل ٿي چڪي آهي. سنڌي شاعريءَ ۾ فارسي ۽ اردو غزل جي ترويج ۽ نشر و اشاعت ۾ ميرزا سلطان حيدر بيگ جي علمي ۽ ادبي خدمتن جو وڏو عمل دخل رهندو آيو آهي. غزل ۽ ان جي فن متعلق اردو دان ناقدن جيڪي عروضي فني موشگافيون پيدا ڪيون، اهي ميرزا سلطان حيدر بيگ سنڌي اديبن سان گڏجي روشناس ڪرايون. تغزل ۽ ان جا لوازمات، عروض ۽ ان جا اصول، حرڪات، سڪنات جا قاعدا، عربي ۽ فارسي بحر، عيوبا ۽ فڪِ اضافت، تنافر، تنقيد ۽ تحقيق جا مباحث، سنڌي ادب ۾ مروج ڪرائڻ تي ميرزا سلطان حيدر بيگ جو اهو ڪردار رهيو.

ميرزا سلطان حيدر بيگ، سنڌي، اردو، فارسي ۽ انگريزي زبانون ڄاڻندو هو. هڪ مشاق ۽ استاد شاعر به هو ۽ بلند پايه جو اديب به هو، بلڪ هڪ سخن سنج، فهم، سخن گستر ۽ سخن گو ۽ نقاد به هو. ايترين خوبين جو هڪ هنڌ گڏ هجڻ پنهنجي جاءِ تي ڪرامت کان گهٽ نه آهي. ڪيس شاعريءَ ۾ هڪ انفرادي مقام حاصل هو. سندس ڪلام ۾ زبان سليس ۽ رنگين آهي. هڪ قادرالڪلام ۽ ڪهنه مشق شاعر هجڻ جي ثبوت ۾، سندس مرثيه، سلام، حمد، نعت، مثنوي، منقبت، رباعيون، نوحه، قصيدا، قطعات پيش ڪري سگهجن ٿا. سندن غزليات ۾ تخيل جي بلنديءَ سان گڏ استعاري ۽ ڪنايي جو صحيح استعمال ۽ بندش جي چستي ۽ برجستگي نمايان خوبيون آهن.

بقول مرحوم عبدالقيوم صائب جي، ته عام طور تي اهوسمجهيو ويندو آهي ته ٽنڊي آغا جا ميرزا صاحبان، مرثيه گوئي ۾ مهنمڪ رهندا پيا اچن، پر ميرزا سلطان حيدر بيگ جي ڪلام کي پڙهي اِها راءِ بدلائڻي پوي ٿي. آءٌ ته ائين چوندس ته ميرزا سلطان مذهبي شاعري، يعني، مرثيه، سلام، نوحه وغيره سان گڏوگڏ غزل جو به دلداده آهي. اڇو ته ان ڏس ۾ سندن شاعريءَ، خاص طور تي غزل جو جائزو وٺون.

غزل، هڪ اهڙي صنف سخن آهي، جنهن پنهنجي قالب ۾ ڪيترين انقلاب آفرين تبديلين کي جاءِ پئي ڏني آهي. سندس جهوليءَ ۾ هڪ طرف حسن ۽ عشق جون شوخيون ۽ شرارتون آهن ته ٻي طرف عشق جون سرمستيون ۽ سرشاريون به، غزل هر دور ۾ زنده رهيو آهي، ڇاڪاڻ ته هي هر دور جي بدلجندڙ قدرن جو ساٿ ڏئي ٿو، غزل کي فقط داخليت زده صنفِ سخن سمجهڻ هڪ وڏي بي انصافي ۽ تنگ نظر آهي.

غزل اسان جي شعر ۽ ادب جو ناقابل فراموش سرمايو پڻ آهي، اسان جي متقدمين ۽ نون

عشق کي چئو تہ کٽي شربتِ ديدار اچي،
درد دل جو متان محتاج دوا ٿي نہ پوي.

ان طرح اينٺو غور سان تون چنڊ کي نہ ڏس،
تنهنجي ٿي حسن کي متان تنهنجي نظر لڳي.

غزل جي صنف ايراني شعر جي ذريعي سنڌ ۾ مروج ٿي. اهوئي سبب آهي جو سنڌي غزل جو مزاج گويا فارسي غزل جو عکس آهي، ائين جيئن آواز جو پڙاڏو. يعني سنڌي غزل ايراني غزل کان متاثر آهي ۽ انهيءَ جي ئي رنگ ۾ رڱيل آهي. ايراني غزل جو هڪ مخصوص مزاج آهي ۽ ان جون مخصوص ترڪيبون ۽ تشبيهون آهن. سنڌي غزل جي شاعرن بہ اهي ئي ساڳيون ئي تشبيهون ۽ تمثيلون، ترڪيبون ۽ محاورا استعمال ڪيا آهن، گل ۽ بلبل، شمع ۽ پروانو، ساقي ۽ شراب، جام ۽ مينا، فارسي غزل جون مخصوص خصوصيتون آهن. سنڌي شاعرن بہ اهي ئي علامتون ۽ تمثيلون عام جام استعمال ڪيون آهن. مرحوم ميرزا سلطان حيدر جيتوڻيڪ سنڌي زبان جو هڪ منفرد غزل گو شاعر هو، ان هوندي بہ هو غزل جي انهن مخصوص علامتن کان پنهنجي غزل کي پري رکي نہ سگهيو آهي. سندس غزل ۾ انهن علامتن ۽ تمثيلن، ترڪيبن ۽ محاورن جو استعمال نظر اچي ٿو. البتہ ايترو آهي تہ هن ان رنگين غزلن ۾ هڪ نئون رنگ ۽ ڍنگ پريو آهي، جنهن ڪري سندس غزل ۾ روايت سان گڏ انفراديت بہ پيدا ٿي پئي آهي. هيٺين شعر ۾ هو پنهنجي محبوب کي "شمع جي مانند" ڪوني ٿو ۽ چوي ٿو تہ، شمع، محبوب جي عشق ۾ مون کي آهي، تڏهن هرڪو ڀڏي چوي ٿو الحذر:

جلايو شمع جي مانند جي مون کي هن عشق،
چوي ٿو هرڪو ڏسي الحذر ڪڏهن نہ ڪڏهن.

ايراني شاعريءَ ۾ گل ۽ بلبل جو ذڪر عام آهي، سنڌي شاعرن بہ انهيءَ روايتي انداز ۾ گل ۽ بلبل جو ذڪر ڪيو آهي، انهيءَ روايت ڏانهن اشارو ڪندي ميرزا صاحب چيو آهي:

والله حسن و عشق جي هي ڪاميابي ڏس،
گل محو عندليب تہ بلبل نثار گل.

سنڌ جي شاعرن انهيءَ روايت کي فقط روايت ڪري قبول ڪيو آهي، ۽ پڻ حقيقت جي نظر سان نہ ڏٺو آهي. حقيقت اها آهي تہ، سنڌ ۾ بلبل، گل جي مٿان ڦيرا پائيندي نظر نہ ايندي آهي. ميرزا سلطان حيدر روايت پسندي سان گڏ حقيقت پسند شاعر آهي. هن انهيءَ حقيقت تي سوچيو آهي، هو چوي ٿو تہ منهنجو مشاهدو انهيءَ ڳالهہ جي تصديق نہ ٿو ڪري تہ بلبل ڪڏهن گل تي ساهہ صدقو ڪيو آهي. انهيءَ ڪري هوسنڌي شاعرن تي تعجب جو اظهار ڪندي چوي ٿو تہ اهڙيءَ حالت کان پوءِ سنڌ جا شاعر ڪيئن انهيءَ ڳالهہ جو اظهار ڪن ٿا تہ، گل تي بلبل فدا آهي:

ڪين ڪي بلبل فدا گل تان آهي سلطان ٿي،
باغبان چئي ٿو، ٿيو گل جانِ جانِ عندليب.

ساقي، مئخانو، جام ۽ مينا ايراني ثقافت جا اهڃاڻ آهن. ايراني غزل جيئن تہ ايراني ثقافت جي ترجماني ڪري ٿو، انهيءَ ڪري ايراني غزل ۾ انهن ڳالهين جو ذڪر ملي ٿو. سنڌي شاعرن بہ مئي ۽ مئخانو، جام ۽ مينا جون علامتون استعمال ڪيون آهن. حالانڪ محفلن ۾ شراب پيئڻ جو اهو نمونو نہ هو، جيڪو ايران ۾ هو، سنڌيءَ شاعري ايران غزل جي روايت جي پابندي ڪندي شراب ۽ ساقي، مينا ۽ جام جون علامتون ۽ تمثيلون آنديون آهن. مرزا سلطان حيدر مرحوم بہ پنهنجي غزل ۾ اهڙو روايتي رنگ پيدا ڪيو آهي. البتہ ايترو آهي تہ، هو ان ۾ جدت ۽ انفراديت پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. مثلاً هيٺين شعر ۾ مينا ۽ شراب جو ذڪر ڪيو، هو چوي ٿو تہ:

شرابِ ڪنهہ آڻن ٿا نوان ساغر بہ آڻن ٿا،
ٿي اڄ آهي تہ مئخاني ۾ ڪنهن ميڪش جي مهماني.

غزل جي معنيٰ آهي حسن ۽ عشق جو ذڪر. انهيءَ ڪري تغزل، غزل جي جان سمجهيو

وڻندو آهي. تغزل کان سواءِ غزل بي روح، ڦڪو ۽ ٻُسو ٿي پوندو آهي. حسن ۽ عشق جي ذڪر جي سلسلي ۾ به غزل جون مخصوص روايتون آهن، نه فقط ايترو، پر سنڌي شاعرن تشبيهون به گهڻي قدر ايراني غزل جون روايتي تشبيهون استعمال ڪيون آهن. ايراني غزل جي روايت موجب، محبوب کي سنگدل، ستمر ڪندڙ، گهائل ڪندڙ ۽ قاتل سڏيو ويو آهي. محبوب جي لاءِ صنم جو لفظ به غزل ۾ تمام گهڻو استعمال ٿيندو آهي، جيڪو ابروءَ جي سان پنهنجي عاشق کي گهائل ڪري ڇڏي ٿو، مثلاً:

ستم، آزار، ظلم و جور بس تنهنجي وفا آهي،
صنم آخر صنم آهي، نڪي هرگز خدا آهي.

ٻيا ٿيو شور غل ان واسطي جي ڪوچي ۾،
ڪيو دلدار هٿ خنجر خبر ناهي ته ڇا ٿيندو.

غزل ۾ محبوب جو جيڪو تصور پيش ڪيو ويندو آهي، ان ۾ ڏيکاريو ويندو آهي ته شاعر ان جو سچو عاشق آهي، پر هو پنهنجي سچي عاشق کي ته نڪرائي ڇڏيندو آهي، يا ان کي تڪليفون ڏيندو آهي، ان جي مقابلي ۾ ٻئي ماڻهوءَ سان کِلي خوش ٿي گذاريندو آهي، حالانڪ اُهو هن سان مخلص ۽ سچو نه هوندو آهي. غزل جي روايتن موجب هن کي رقيب سڏيو ويندو آهي. شاعر رقيب کي ننديندا ۽ پٽيندا آهن ۽ ان جي بدگوئي ڪندا آهن. اسان جا سنڌي شاعر به غزل جي انهن روايتن جا پابند آهن، ميرزا سلطان حيدر روايتي انداز ۾ رقيبِ "روسيہ" يعني "منهن ڪارو" سڏي ٿو، ۽ محبوب کي مخاطب ٿي چوي ٿو ته، ان کي روسيہ رقيب کان آڏي پڇا ڪرڻ کپي:

فرياد تي رقيب جي، آڏو حبيب،
ان روسيہ رقيب کان آڏي پڇا ڪجي.

غزل جي اها خوبي آهي ته، محبوب جي حسن کي مختلف تشبيهن ذريعي وڌيڪ حسين، وڌيڪ پُرڪشش ۽ وڌيڪ پُراثر ڪري بيان ڪيو ويندو آهي. ان سلسلي ۾ نهايت خوبصورت تشبيهون استعمال ڪيون وينديون آهن. ميرزا سلطان حيدر رنگين شاعر آهي ۽ ان جي شعر ۾ جا بجا حسن ۽ رنگيني نظر ايندي. هن پُرڪشش ۽ رنگين تشبيهن جي ذريعي شعر ۾ حسن جي خوبصورتي آندي آهي، گل هڪ خوبصورت شيءِ آهي، جنهن کي هرڪو چاهيندو آهي، پر ميرزا سلطان پنهنجي محبوب کي چوي ٿو ته مڪڙيون غمگين آهن ۽ پتہ به خشڪ ٿي ويا آهن، جو ڪنهن مہ لقا جي هجر گل جي دل فگار آهي:

خاموش غنچہ گل به ته پزمرده برگ خشڪ،
ڪنهن مہ لقا جي هجر ۾ ٿي دل فگار گل.

هينئين شعر ۾ محبوب جي جلون جي فراواني ۽ دلبر جي تنگ داماني کي ڪهڙن نہ خوبصورت لفظن ۾ بيان ڪيو اٿس:

ڏسي هرهڪ طرف تنهنجي ٿي جلون جو فراواني،
محال آهي ٿئي دلبر نظر جي تنگ داماني.

۽ وري ڪٿي محبوب جي زلفن جي تصور ۾ شاعر جي دل اٽڪيل آهي ۽ هُتي محبوب پنهنجي زلفن وانگر پريشان آهي:

زلفن جي تصور ۾ سندم دل آهي اٽڪيل،
زلفن جي طرح پاڻ پريشان نظر آيو.

انهيءَ روايتي انداز جي باوجود ميرزا سلطان حيدر جو غزل منفرد رنگ رکي ٿو. هن نہ فقط حسن ۽ عشق جو ذڪر ڪيو آهي، پر پنهنجا تجربا ۽ مشاهدا، جذبات ۽ احساسات به بيان ڪيا اٿس، ته ماحول جي مايوسين ۽ محرومين جو به ذڪر ڪيو اٿس. اخلاقي نڪتا به نروار ڪيا اٿس، ته تصوف جا راز ۽ رمزون به بيان ڪيون اٿس. هو قادر جي قدرت تي غور فڪر ڪري حيران ٿي وڃي ٿو ۽ بي اختيار ٿي چوي ٿو ته:

استاد لغاري



# تِلا شاھ جي تباھ ٿيندڙ تاريخ

بزرگ تِلا شاھ وارو ماڳ مڪان ۽ قبرستان، ضلعي سانگهڙ جي شهر ڪنڊياري کان اولھ طرف، نئين آباد کان ڏکڻ ۽ پاڻويون شهر جي ويجهو موجود آهي. گرامر موجب، لفظ 'تِلا شاھ' اسم خاص، عدد واحد ۽ جنس مذڪر آهي. هيءُ لفظ ٻن گڏيل لفظن جو مجموعو آهي، يعني 'تِلا' + 'شاھ'. تِلا، عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن جي لغوي معنيٰ آهي- تِلاوت يا تلاش وغيره. شاھ، فارسي ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن جي لغوي معنيٰ آهي- بادشاھ، حاڪم يا وڏو وغيره. ٻنهي لفظن کي ملائي، هڪڙو لفظ ٺاهبو، تہ ان جي معنيٰ ٿيندي تلاوت ڪرڻ جو شاھ ڪاريگر. بزرگ تِلا شاھ جي باري ۾، ڪنهن بہ قسم جي خاص ۽ بنيادي معلومات ملي ڪونہ سگهي آهي. صرف ايترو ٻڌايو وڃي ٿو، تہ هي بزرگ، خراسان مان آيو هو ۽ هتي اچي سڪونت اختيار ڪيائين. ڪهڙي سن يا ڪهڙي دور ۾ آيو؟ يا سندس پونئرن جو تعلق ڪهڙي قبيلي ۽ خاندان سان هو؟ اهڙي قسم جي ڄاڻ ڏيڻ کان، هتي جا رهواسي ۽ خدمتگار، ڪُلي طور تي قاصر آهن. اندازو آهي تہ هيءُ بزرگ، ٻارهين صدي هجريءَ ۾ هتي آيو هوندو. استاد محمد خان مري سروري صاحب ٻڌائي ٿو، تہ خراساني بزرگ، ڪلهوڙن جي آخري ايامن ۾ يا ٽالپرن جي اوائلي دور ۾، خراسان مان لنگهي، هتي سنڌ ۾ اچي آباد ٿيا. انهيءَ نسبت جي ڪري، کين 'خراساني' سڏيو وڃي ٿو. ٻڌائي ٿو مري بلوچ اڳ ۾ ڪلهوڙن جا مريد هوندا هئا، جيڪي بعد ۾، خراساني سيدن جي ڪرامتن سببان، سندن مريد ٿيا. بزرگ تِلا شاھ جي پيڙهيءَ منجهان، هن وقت سيد امجد علي شاھ خراساني سجاده نشين آهي. تِلا شاھ واري ماڳ مڪان کان ڪجھ مفاصلي تي اوڀر طرف، هڪ ٻئي بزرگ حضرت سيد لشڪر شاھ خراساني رحہ جن جي درگاھ بہ موجود آهي، جنهن جا پڻ ڪيترائي مري بلوچ ۽ ٻيا قبيلا ۽ ذاتين وارا مريد ۽ معتقد آهن.

منهنجو فرزند اياز علي لغاري صاحب، تِلا شاھ جا تباھ ٿيندڙ مقبرا روبرو ڏسڻ کان پوءِ، تحقيقي نڪتي کي اڳ رکندي ٻڌائي ٿو تہ: "هي مقبرا ۽ ٿُل، مري بلوچن جي سردارن جا جوڙايل آهن". البت اهو قوي گمان آهي، تہ هي مقبرا ۽ ٿُل، مري بلوچن جي قبيلائي سردارن، نوابن، اميرن ۽ اُمرائن، کان سواءِ، عباسين (ڪلهوڙن)، مغلن يا انهن جي فوجي سپہ سالارن، ڪمان ليڊرن ۽ بهادرن جي قبرن مٿان جوڙايل آهن. هر هڪ مقبري جي ماپ الڳ الڳ آهي. ايتريقدر جو انهن جي ڊزائين ۾ بہ ٿورو ٿورو فرق محسوس ٿئي ٿو. مقبرن جي اندر ٺهيل چٽسالي ۽ تصويرن جو بہ هڪ وڏو جهان ۽ سلسلو موجود آهي. جيڪو گلڪاريءَ کان ٿيندو، گهوڙي سواري، تير اندازي، مجلس بادشاهي، شينهن جي شڪارگوئي، مختلف ميون جي جنسن، مثلاً: انگورن جي ڇڳن، ڪيلي جي ڦرين، گدرن، ناريلن ۽ نارنگين وغيره تائين وڃي ٿو. اهي ميوات جون سموريون جنسون، روپري ٿالهن، يعني چانديءَ جي پليٽن ۾ رکيل ڏيکاريون ويون آهن. مقبرن جي اندر ديوارن تي، ڪاشيءَ جون رنگين سرون لڳل هونديون هيون، جيڪي گهڻي ڀاڱي هاڻي ڳر ٿي چڪيون آهن. ان کان علاوه عربي ۽ فارسي ٻولين ۾ لکيل عبارتون پڻ پڙهڻ جي لاءِ ملن ٿيون، جن ۾ مقدس قرآني آيتن کان علاوه، ڪلمہ طيب ۽ خُلفاء راشدين (يعني چئن يارن) جا اسم گرامي بہ اڪريل ۽ آويزان ڪيل آهن. البت ڪهڙو مقبرو، ڪهڙي نامور حاڪم، امير يا وزير وغيره جو آهي؟ ان بابت نالن ڳولڻ جي گهڻي ڪوشش ڪئي ويئي، جيڪا ڪنهن حد تائين ڪاميابيءَ سان همڪنار ٿي نہ سگهي. صرف ٻن مقبرن تي، بہ عدد نالا پڙهڻ ۾ آيا. انهن ۾ هڪ نالو آهي 'عمل نعمت الله معمار' ۽ ٻيو نالو آهي 'ساخت حسين معمار'. جيئن تہ 'معمار' عربي ٻوليءَ جو لفظ

آهي، جنهن جي لغوي معنيٰ آهي، تعمير ڪندڙ، اڏيندڙ، ناهيندڙ، رازو يا مستري وغيره. انڪري اندازو لڳائجي ٿو، تہ اهي اسمِ گرامي شايد انهن مسترين جا هجن، جن اهي مقبرا تعمير ڪيا ۽ جوڙيا. ليڪن انهن مقبرن ۾ ڪير ڪير مدفون آهن؟ انهن بابت پڪي ثابتي يا اصلي اسمن جو، ڪوبہ نالو نيشان وغيره نہ ٿو ملي. هن علائقي ۾ مري بلوچن جا ڪيترائي قبيلا آباد آهن. اگر اهي سمورا مقبرا ۽ ٿُل، صرف مري بلوچن جا هجن ها، تہ هتي جا مري بلوچ انهن جي سار سنڀال ۽ ضرور ڪن ها. هيءُ ٿُل ان ڪري بہ نظرانداز ٿيل آهن، جو سندن ويجها عزيز قريب هتي وينل ڪو نہ آهن. ماڻهن خزاني، ملڪيت ۽ دنيا جي ديڳن هٿ ڪرڻ جي لاءِ، ٿُلن جي اندران قبرون کوٽي، اهي ختم ڪري ڇڏيون آهن. هاڻي اسان کي اهو ڏسي ڏاڍو ڏک ٿئي ٿو، تہ هنن ٿُلن جي، تمام گهڻي بي حرمتي ٿي رهي آهي. ٿُلن جي اندر، واندن نوجوانن، موالين ۽ مجازي ماڻهن پاران، بينڪون ۽ نڪاٽا ناهي، پاڻي ۽ نشي آور بوتلون اڇلايون ويندون آهن. هيءُ تباهہ ٿيندڙ تاريخي ٿُل، هن وقت عاشقن جي اجهي، پناهہ گاهہ ۽ آرام جي طور تي استعمال ٿي رهيا آهن. شيخ اياز ڪيترو نہ خوب فرمايو آهي، تہ:

"اڄان بہ ٿُل تي هئا نڪاٽا، اڄان ڪي سنڪ سار ۾ ها.
سڳي وڳي ٿي، سنئين لڳين ڪي، بہ چار پکشو وهار ۾ ها.
جڏهن اسان خاڪ ٿي وياسي، تڏهن وسي ماڪ مئڪدي تي،
رنو صراحي، ڏٺو نہ ساغر، پياڪ پنهنجي خمار ۾ ها".



ٿِلا شاهہ جي قديمي قبرستان ڏسڻ ۽ گهمڻ جو موقعو بہ ٻي دفعا ميسر ٿيو آهي. آخري پيري تحقيق جي خيال سان، 25 مارچ سال 2019ع بروز سومر تي وڃڻ ٿيو، تہ ٿِلا شاهہ بزرگ جي مجاور، فقير غلام علي بن غلام محمد بن الهہ رکيو بن محمد فقير بن گلو فقير بن محمد فقير، ذات خاصخيليءَ سان ملاقات ٿي. حال احوال مان معلوم ٿيو، تہ هيءُ خدمتگار صرف روزي روٽي جي خيال سان هتي وينل آهن. باقي ڪين ڪنهن بہ قسم جي، ڪا بہ ڄاڻ يا معلومات مهيا ڪرڻ کان ڪُلي طور قاصر ۽ ڪورا آهن.

هڪ ڪان ڏيڍ ڪلوميٽر همچورس هن قبرستان جي اندر، تاريخي مقبرا ۽ ٿُل تعمير ٿيل هوندا هئا. هنن ٿُلن جي اندر مزارون بہ موجود هونديون هيون، پر هن وقت سمورا مقبرا ۽ ٿُل، قبرن کان خالي ۽ بلڪل پڙپانگ لڳا پيا آهن. چيو وڃي ٿو، تہ هنن ٿُلن جو تعداد 49 هوندو هو. جن مان 40 ٿُلن جا پُريل پڙا ۽ ڳاڙها دڙا ڏسڻ ۾ اچن ٿا. انهن جي ڪُٽپ ۽ سڃاڻپ ڪرڻ بہ مشڪل آهي. باقي ثابت سالم اٺ ٿُل وڃي بچيا آهن، جيڪي بہ هاڻي آخري ۽ پوين پساهن ۾، سڏڪي سڏڪي ساهہ ڪٽي رهيا آهن. هنن تعمير ٿيل مقبرن ۽ ٿُلن جي سِرن جي ساخت مان معلوم ٿئي ٿو، تہ هي ٿُل ڪلهوڙا دور جا جوڙايل آهن. ٿُلن جي تعمير ۾ استعمال ٿيندڙ سرن جي ماپ، درسگاهہ چوٽياري، درسگاهہ سريواري، درسگاهہ ديهہ پوپي ۽ ڪپرو لڳ مير آدم خان مريءَ جي جوڙايل قبي واري ساڳي آهي. هرهڪ سر جي ديگهہ سالم 9 انچ، ويڪر 7 انچ ۽ ٿولهہ صرف ڏيڍ انچ پتريڪ آهي. هيءُ سرون ڪنهن لوهي ڪارب سان تيار ڪيل، صفا سڌيون ۽ لسيون ناهن ۽ ڪهريون ۽ کُرتريون آهن. انهن جي ماپ بہ ڪجهہ ڪجهہ گهاٽي واڌي معلوم ٿئي ٿي. هن سائيز جون سرون، ميان نور محمد ڪلهوڙي جي گهر واري، سماج سڌارڪ مائي چامان جي جوڙايل مسجدن، مدرسن، مسافر خانن، خانقاهن ۽ ڪوٽايل کوهن ۾ استعمال ٿيل آهن. واضح هجي، تہ ميان نور محمد ڪلهوڙي جو دور، 1131 هجريءَ 1719ع کان وٺي، 1167 هجريءَ 1753ع تائين هو. شايد مذڪوره ٿُل انهيءَ دور جي درميان ۾ ئي جوڙايل هجن.

سنڌي شاعرن، ڪهاڻيڪارن توڙي نثرنگارن جي ايڪيهين صديءَ ۾ سامايل ٽهي، ويهين صديءَ جي آخري اڌ وارين سمورين ٽهين کان پنهنجي شعور، نظريي ۽ فن جي لحاظ کان تمام گهڻي مختلف آهي. اڄوڪي ٽهي سنڌ کي جيئن ڏسي ٿي، سنڌ جي ماڻهن، سنڌ ۽ دنيا جي باري ۾ جيڪو ڪجهه سوچي ٿي، ۽ جنهن طرح پنهنجي ردِعمل جو اظهار ڪري ٿي، اُن ۾ به هڪ وڏو فرق آهي، ۽ هن ٽهيءَ جو اهو سمورو لقاءُ ۽ ورتاءُ فطري آهي. اِن سموري سوچ ۽ عمل جي جڙاوت ۾ سماجي، سياسي ۽ معاشي حالتن جو مرڪزي عمل دخل آهي. تنهنڪري سنڌي ليکڪن جي اڄوڪي ٽهي، جيتوڻيڪ ماضيءَ جهڙي ماحول مان پَچي راس ٿي ناهي نڪتي، تنهن هوندي به ان پنهنجي طور موجوده سياسي، سماجي ۽ معاشي حالتن سبب گهڻو پوکيو آهي. اڄوڪي ۽ پراڻي ٽهيءَ ۾ هڪ فرق اهو به آهي ته، اڳوڻيون ٽهيون ڏاڍاين جو گهڻي ڀاڱي سڌو شڪار ٿيون هيون، جڏهن ته اڄوڪيون ٽهيون نسل پرستي ۽ دهشتگرديءَ جو تجربو ۽ مشاهدو ڪري رهيون آهن. جڏهن ته سماجي ۽ معاشي حالتون هنن ٻنهي لاءِ ٿوري گهڻي فرق سان ساڳيون رهيون آهن.

**انور ابڙو**

ڪتاب: 'ايڪيهين صديءَ جو ادب'، ص 205_206 تان کنيل

## امداد حُسيني



### غزل

ڪَچي ٿي پَڪي ٿي، بُري ٿي ڀلي ٿي،
محبت ۾ جيڪا بہ ٿي سا چڱي ٿي.

دِٺل بُرج ڍيھر بہ اڄجي سگھي ٿو،
ڍِڳل دل بہ آهي ڪڏهن ڪا سجي ٿي!

جتي پَڳ ڌريو تو تِتي گُل ٽِڙي پيو،
جتي تو ڏٺو هو تِتي روشني ٿي!

سُگھڙ جنهن ڳجھارت ڏني جَر پڪيءَ جي،
نہ تنهن کان سَلي ٿي، نہ ڪنهن کان سَلي ٿي!

گھٽيا ڏينهن ٿي ويا نہ غم هو مليو ڪو،
اوهان سان ملي يارَ ڏاڍي خوشي ٿي!

اُها جا ڪهاڻي هئي پانهنجي ٻِا،
نہ توکان لڪي ٿي نہ مون کان لڪي ٿي!

### گيت

هيءَ شام
سانوري شام تارن جا ڏيئا ٻاريندي آئي آهي!
هيءَ رات
سُهڻي رات
چانڊوڪيءَ جي گهاگهر هاريندي آئي آهي!

چانڊوڪيءَ جي ڇيلي تان
واپس وَر ڪنهن حيلي سان

هيءَ شام......
هيءَ رات......

چانڊوڪيءَ جا چنگ ڇُريا
هر هر تنهنجا هورَ هُريا

هيءَ شام......
هيءَ رات......
چانڊوڪيءَ جي چاري تان
موٽي آ لاباري تان

هيءَ شام......
سانوري شام
تارن جا ڏيئا ٻاريندي آئي آهي!

هيءَ رات......
سُهائي رات
چانڊوڪيءَ جي گهاگهر هاريندي آئي آهي!



انجم قاضي

## غزل

مون ڏٺو پائي ليئو آڪاس جو،
بند دروازو هُيو آڪاس جو.

ٻاڪري پئجي رُنو ڪلهه شام جو،
مون ڏٺو ڳوڙهو اُگهيو آڪاس جو.

زلزلي جي اوچتي آواز تي،
چرڪ ئي نڪري وَيو آڪاس جو.

آ قبر اولياءَ جي اُنَ جي مٿان،
ٿو ٻَري هڪڙو ڏيو آڪاس جو.

يا خدا! هيڏي وڏي، مان، چانوَ لئه،
ٽوڙو ڏي بس ذرو آڪاس جو.

سڀ مخالف ٿي وَيا منهنجا جڏهن،
مون گهُريو پنهنجو حصو آڪاس جو.

آءُ 'انجم' آءُ تڪڙو ٿي هلون،
هُون اِجهوئي دَرُ کليو آڪاس جو.

## غزل

هئين اسان کي وقت تون ٽڪرا نہ ڪر،
ٻوڙ اکڙين جا سپئي سپنا نہ ڪر.

ڏي رعڻ ٽورا، ٿڪا هي ياخدا!
زندگيءَ جا رنگ سڀ ميرا نہ ڪر.

سانت جو ڦاٽي پوي نہ هنيانءُ هئين،
اي هوا ائين زور سان سڏڪا نہ ڪر.

آنءُ جيئري ٿو فنا ٿيندو وڃان،
سرچ ٽورو هجرَ جا چرچا نہ ڪر.

ڪير آ مظلوم جو توڪانسواءِ،
درد پنهنجا بند دروازا نہ ڪر.

ڪونہ ايندي هاڻ 'انجمن' هوءَ وري،
تون اجايا رات جو اُلڪا نہ ڪر.

## رحيمداد جوڳي



### منهنجو ننڍپڻ

آئون گهر مان
موٽرسائيڪل تي
ٻاهر آيس
ٽوروئي اڳتي ٿيو
هوندس
پويان
ڳوٺ جي گهٽيءَ مان
آواز آيو
بابا پئسا ڏي
کنڊ ورائي
ڏسان ٿو
مُنهنجو ننڍپڻ روئي رهيو آهي!

### نظم

چوڪرا-
راند ڪيڏندي
سبق پڙهندي
گهر ايندي
وڙهي پوندا آهن!

چوڪريون-
پرت پريندي
پوچي ڪندي
ڪِلندي ڪِلندي
روئي پونديون آهن!

شاعر-
ننڊ ڪندي
پنڌ ڪندي
شعر لکندي
نظم پڙهندي
چڙي پوندا آهن!

گُل-
روز ٽڙندا
روز مرجهائجي ويندا آهن!



## امر اقبال

## نظم

### (اوهان کي بس پڪاريو سي)

جواني، جو رسيل ميوو،
ڪتابن ۾ ڏسيل ميوو،
پري ڪان ئي نهاريوسي،
اوهان کي بس پڪاريوسي.
سمونڊن جون سچيون ڳالهيون،
اسان ۾ ئي بچيون ڳالهيون،
سڀو ئِي ڪجهه وساريوسي،
اوهان کي بس پڪاريوسي.
صحيفن جيان سٽون آيون،
اسان سي ئي دليئون ڳايون،
پنو دل جو پٽاريوسي،
اوهان کي بس پڪاريوسي.
ٽڙيو من جو جو ٽانگر هو،
لڳو ڏن ڏوڙ وانگر هو،
اسان چونڊي ڏڪاريوسي،
اوهان کي بس پڪاريوسي.
پنهنجا يرا! حال هيٺا ها،
لڳن جا لال جهيٺا ها،
اکين کي ئي اڏاريوسي،
اوهان کي بس پڪاريوسي.
وطن جي واٽ تي هلندي،
پکي؛ تنهن ٻاٽ تي هلندي،
اميدن کي اجاريوسي،
اوهان کي بس پڪاريوسي.

## وائي

پنهنجي اکين ۾ هيڪر،
آٿي ڇڏيوسي توکي،
...... ماٿي ڇڏيوسي توکي!

اڄاڻ ٿياسي خود کان،
ڇاٿي ڇڏيوسي توکي،
...... ماٿي ڇڏيوسي توکي!

اڳ ۾ ڇڏي سي دنيا،
هاٿي ڇڏيوسي توکي،
...... ماٿي ڇڏيوسي توکي!

هينئون ڇڳو پيو هو،
واٿي ڇڏيوسي توکي،
...... ماٿي ڇڏيوسي تِوکي!



## ڪوثر هالائي

# غزل

سوال ڪهڙا جواب ڇا جا؟ اوهين ٻه آجا اسين ٻه آجا،
هاڻي اکين ۾ خواب ڇا جا؟ اوهين ٻه آجا اسين ٻه آجا.

دوار دل جا کُليا نه کُلندا، پروانا ائين سدائين جَلندا،
وفا جا رکيا حساب ڇا جا؟ اوهين ٻه آجا اسين ٻه آجا.

نظر اوهان جيءَ ڏڪار بخشي، پيڙائن جي پُڪار بخشي،
اجان چئون ٿا عذاب ڇا جا؟ اوهين ٻه آجا اسين ٻه آجا.

رڻن جو راهي الائي ڪهڙي ديار جي آ منّيءَ مان موٽيو،
اوهان لئه رڻ پٽ سراب ڇا جا؟ اوهين ٻه آجا اسين ٻه آجا.

وقت جي ويرين تحريرن ۽ تصويرن جا رنگ رلايا،
ڪتاب خط پٽ گلاب ڇا جا؟ اوهين ٻه آجا اسين ٻه آجا.

سماعتن جو نه سلڪ ٻڌيا خاموشيءَ جي نذر ريا ٿي،
گيتن جي اکين ۾ آب ڇا جا؟ اوهين ٻه آجا اسين ٻه آجا.

# وائي

پوپيان انڌيرا لاٽ جي، پيرا ڳولين ٿا،
جياپو چاهين ٿا.

ٻهروپيءَ ڪي من جا، ميرا ڳولين ٿا،
جياپو چاهين ٿا.

پکي اويرو آئيا، آکيرا ڳولين ٿا،
جياپو چاهين ٿا.

نيڻ نه ٻوٽيا رات سڄي، سويرا ڳولين ٿا،
جياپو چاهين ٿا.

وچڙيل هڪٻئي کي ڪئين، ڀيرا ڳولين ٿا،
جياپو چاهين ٿا.

گُل کي ڪوئي امانَ ڏي، ڪانڌيرا ڳولين ٿا،
جياپو چاهين ٿا.

متارا اڌ رات جي، ويرا ڳولين ٿا،
جياپو چاهين ٿا.

ستار

## غزل

ڏئي ويا ڏکيءَ کي ڏيرا، او ڏيرا!
جان جگر کي ڪئي چيرا، او چيرا!

ڪيچي ڪيچ کھي ڪالھ جي ويڙا،
مان اڄ پئي نھاريان پيرا، او پيرا!

مون سان هوتن هاڙهي ڪئي هيڏي،
سڀ خيال ڪڙي ٿيا ٿر ڪيرا، او ڪيرا!

ساهه سڪي ٿو ساجن ساري ٿو،
جان جلائي ويا ٿر جيرا، او جيرا!

ڏاهيون ڏاهه ڏيو ڪو ڏسڙو،
واهر ڪري ورونھن ويرا، او ويرا!

پسون پَسي پاھڻ پٻ ڏران،
اڳ نه ڏٺا مون ها ڳيرا، او ڳيرا!

دل کي دلاسو دوست ملڻ جو،
جنهن دل ۾ ڪيا کي ديرا، او ديرا!

جالڻ جال جبل پيم ڙي جيڏيون!
اٿن لڳا ڪين مون پيرا، او پيرا!

پهچي پنهل پيادين پَسنديون،
ڪڏهن ڪين ملن من ميرا، او ميرا!

من ٿو چاهي محب ملين تون،
ڳچيءَ وجهان ٻانهن گهيرا، او گهيرا!

## غزل

عشق اسان وٽ آيو يارو!
گهانگهو گلا جو پايو يارو!

ويندي واٽ ويسلو هويُس،
ٿُرت ٿنهين ترسايو يارو!

نورا پائي، مان ناچو بڻجي،
يار ائين ئي ريجهايو يارو!

ساهه ٿو ساري ويل سموري،
پرت پيار سان پرچايو يارو!

جاڳئي سُتي، هوش خواب ۾،
ڪو پيچڙو پيارل پايو يارو!

آهه اسان وٽ ساجن آيو،
ميندي هٿن مون لايو يارو!

پانيان باغ بهاريون دل ۾،
چُست چنبن ۾ چايو يارو!

مُرڪي مون ڏي يار نهاريو،
مون نير اکين مان نايو يارو!

ويجهو ويهي اڄ پاڻ پرين،
ڳوڙها اکهي مون پرچايو يارو!

ڪين وجي جو ماري وچوڙو،
ترس ڪري ائين ترسايو يارو!

ٻاجهه ڪريو، ٻاجهارل مون تي،
نينهن نه توهان لايو يارو!



**فدا تالپر**

## بيت

### (سُر راڻو)

راڻو رات رُسي ويو، ڪوڙي ڪاڪ ڪَري!
مومل اِنهيءَ مامري، ڳِڙتيءَ منجهه ڳري،
ساعت ڪين سَري، راڻي ريءَ رتول ۾.

راڻو رات رُسي ويو، ڪوڙي ڪري ڪاڪ!
سوڍي ڪارڻ سرتيون، چڪي پيئڙم چاڪ،
مومل مُنهي ماڪ، پئي اوتي اڄ اکين مان.

راڻو رات رُسي ويو، ڏکن ڏيئي ڏاڻ!
هٿي ويو هنياءُ ۾، هن پئي ڪي ہاڻ،
پنهنجو ڪري پاڻ، شل سوڍو اچي سرتيون.

راڻو رات رُسي ويو، سرتيون کهڙي سانگ!
ريہارا رَمي وجو، ۽ ڪوڙين اُڏاريو ڪانگ،
چوريون ڪري چانگ، راڻو ريجهائي اچو.

راڻو رات رُسي ويو، ڏئي وِرهه ۽ ويراڳ!
موٽي ويو مينڌرو، نہ جيڏيون ٽٽڙم جاڳ،
سوڍي ريءَ سرتيون، چا چُري ڪندي چاڳ،
محل ماڙيون هي ماڳ، راڻي بنا رڻ پانئيان.

راڻو رات رُسي ويو، ڪري ڪاڪ ڪَڙي!
’فدا‘ هن فراق ۾، ويندم ساهه سَڙي،
منهنجي جان جَڙي، سورن سان اڄ سرتيون.

راڻو رات رُسي ويو، سوڍل ڪري سُڄ!
ڪانڌ هي منهنجو جيڏيون، من ڪري ويو مُڄ،
راڻي بنا رُڄ، سرتيون منهنجو سُڪ ٿيو.

راڻو رات رُسي ويو، سوڍل سياڻو!
جيءَ منهنجو جيڏيون، ڪوري جيئن ڪاٺو،
مومل اڄ ماٺو، ڪندي ڪنهن سان ڪانڌ ري.

راڻو رات رُسي ويو، ڪري سيج سُڃي!
’فدا‘ مون فراق ۾، پينر وَيم پُڃي،
آهيان اڄ اُڃي، پرينءَ جي پريت لئہ.

راڻو رات رُسي ويو، مون ڪان موڙي مُک!
’فدا‘ ويو فراق جا، ڏاڍا ڏيئي ڏُک،
ساعت نہ پانئيان سُک، سوڍي بنا سرتيون.

راڻو رات رُسي ويو، پينر ڏئي مون باهه!
’فدا‘ ويو فراق ۾، سوڍل ساڙي ساهه،
ماڙين اندر ماهه، روح راڻي وٽ جيڏيون.

راڻو رات رُسي ويو، مون ڪان مُنهن موڙي!
”فدا“ ڪان فراق جو، ويو خان، اندر ڪوڙي،
جان منهنجي جوڙي، سورن سان ويو سرتيون.

راڻو رات رُسي ويو، سرتيون مون ساڙي!
رُنم رات رتول ۾، ڳوڙها ڳل ڳاڙي،
پرين شل پاڙي، وچن وفائن جا.

راڻو رات رُسي ويو، سُڃي ڪري سيج!
’فدا‘ اڄ فراق ۾، روئي ڪيئڙم ريج،
ڏُکن سندو ڏيج، ڏئي ويو مون کي مينڌرو.

راڻو رات رُسي ويو، ڪانڌ رکي اڄ ڪام!
رُني رات رتول ۾، مومل پَسي مام،
ماڙين ۾ ماتام، راڻي ڪاڻ رچي ويو.

راڻو رات رُسي ويو، مومل کي ماري!
سوڍي جو هي سَرتيون، ڳجهه اندر ڳاري،
واڳ وَري واري، شل موٽي اچي مينڌرو.

◙



استاد محسن علي شر 'محسن'

## سلام بحضور امام عالي مقام

راهہ هديٰ جو هادي رهبر حسين آ،
نائب وحيء مرتضيٰ انور حسين آ.
بابو سندس ابوتراب ۽ نانو مصطفيٰ ٿيو،
سيدة النساء العالمين جو پيارو پسر حسين آ.
بعد از حسن جهان ۾ نائب ثلاثِ مصطفيٰ،
احسان اسان تي ايزدي اکبر حسين آ.
مشڪل ۾ جو پڪاري يڪدم سندس مدد ٿئي،
دشمن نواز دائم سرور حسين آ.
سوالي اگر جو آيو خالي ڪڏهن نہ موٽيو،
ساقي سخا جو صاحب سڪندر حسين آ.
دشمن اچن ٿي قيدي ڪري ان گڏ قيام آقا،
رحمت للعالمين ابن حيدر حسين آ.
عاصي ٿي أمت، احمد، عاجز نگاه دارد،
درگرد آب ڪشتي بيڪسان لنگر حسين آ.
خالق خلاق پنهنجو ڪيو محبوب مصطفيٰ کي،
مشهور مصطفيٰ جو ٿيو دلبر حسين آ.
سر مال يار ٻچڙا قربان ڪري سڀئي،
قيامت تائين اسلام کي ڪيو برتر حسين آ.
هم شڪل پيغمبر نوشہ شهزادو علي اڪبر ڪُٺو،
مڙني مرسلن چيو مڙي وه واه پسر حسين آ.
چوطرف تيرن جي بارش ٿي حضرت حسين تي،
قضا نہ ڪيو نماز کي صابر حسين آ.
حسين مني و انا من الحسين آهہ فرمان مرسل سندو،
دلبند مرتضيٰ جو ۽ زهريٰ جو لختِ جگر حسين آ.
قربان ڪربلا ۾ ڪري يار انصار ويو سڀئي،
روئي چيو ملائڪن رڻ ۾ ڪُٺو اصغر حسين آ.
پياسي پنجن تنن جو محسن مدح خوان آ،
دين نبيء جو دائم دفتر حسين آ.



امين پتو

## غزل

ڪُليل گهر جون دريون آهن ۽ ٻاهر مينهن آهي،
چڻيء ۾ چوڪريون آهن ۽ ٻاهر مينهن آهي.

هو بيٺل مالهٽيون هن روڊ سان ڪيئي نڪوريل،
گُلن جون ٽوڪريون آهن ۽ ٻاهر مينهن آهي.

وڃن پيون خوب ڪِلنديون گهٽيء مان شوخ چنچل،
لڳو مون کي پريون آهن ۽ ٻاهر مينهن آهي.

مسافرخاني ۾ ويهن نٽيون چو هو ۽ چا لئہ،
صفا ڪي ڇيڳريون آهن ۽ ٻاهر مينهن آهي.

اڇي ڪاليج مان واپس هوء ڪمري ۾ سمهي پيون،
لڳو ڪونجون وريون آهن ۽ ٻاهر مينهن آهي.

ٽري چالئہ نٽو هينئڙو نڪر وانگي هي منهنجو،
هي يادون ڀي چريون آهن ۽ ٻاهر مينهن آهي.



رسول ميمڻ



بهادر ٽالپر



نور حسين ڪلهوڙو



يار محمد چانڊيو

# ڪهاڻيون

سنڌي ڪهاڻيءَ جو ارتقائي سفر 1914ع ۾ لال چند امرڏني مل جي ڪهاڻي 'حر مکيءَ جا' ۽ مرزا قليچ بيگ جي ڪهاڻي 'شريف بيگم' کان شروع ٿيو. جيڪو پختي صورت ۾ 1930ع ۾ امرلعل هنگوراڻيءَ جي "ڦلواڙي" مخزن ۾ شايع ٿيل ڪهاڻي 'ادو عبدالرحمان' جي صورت ۾ ظاهر ٿيو. وڏي ڳالهه ته سنڌي ڪهاڻيءَ جي هن سفر ۾ سنڌي ساهت سوسائٽي حيدرآباد سنڌ جي 1914ع جنوري کان جاري ٿيندڙ امرلعل 'ساقي' جي رسالي 'ڦلواري' ۽ ماهوار رسالي، ٻولچند راجپال جي 'سنڌو' رسالي (1932ع) جديد ڪهاڻيءَ جي اوسر ۾ بنيادي ڪردار ادا ڪيو. 1942ع کان اڳ جي مجموعن ۾ 'چمڙا پوش جون آکاڻيون'. جيٺمل پرسرام گلراجاڻي 1923ع، لطف الله بدوي جو 'دسته گل' 1930ع، عثمان عليٰ انصاريءَ جو 'پنج' 1937ع، 'جيوت پريم ۽ پاپ جون ڪهاڻيون'، آسانند مامتوراءِ 1939ع، اهم آهن. ياد رهي ته سنڌي ڪهاڻيءَ جي شروعات ترجمي جي ذريعي ٿي، ترجمي ذريعي جن ڪهاڻين جي چونڊ ڪئي وئي انهن جا اڪثر موضوع ترمي، اخلاقي ۽ سماجي سڌاري بابت هئا. جن جو اثر گهڻي عرصي تائين طبعزاد ڪهاڻيڪارن تي به رهيو. انهن موضوعن ۾ دولت جي لالچ، گهريلو مسئلا، ننڍي عمر جي ڇوڪريءَ جي وڏي عمر واري مرد سان شادي، ڪئي عورت جي ٻار سان شادي، يعني ٻي جوڙ شاديون وغيره نمايان موضوع هئا.

انهيءَ دور ۾ ڪهاڻيءَ جو پس منظر ۽ موضوع، اخلاقي، سماجي، معاشي ۽ تاريخي رهيو. جنهن ۾ حقيقت نگاري به شامل هئي. بعد ۾ يعني 1936ع ڌاري هندستان ۾ ترقي پسند تحريڪ جو اثر سنڌي ڪهاڻي تي پيو. عالمي جنگين، هندوستان جي آزادي، جاگيردار ۽ سرمائيدارن جي ظلم، سماجي اڻ برابري ۽ ٻين اهڙن موضوعن کي ڪهاڻيءَ ۾ آندو ويو. سياسي، سماجي، قومي، معاشي ۽ فڪري سجاڳيءَ جهڙن موضوعن کي ڪهاڻين ۾ پيش ڪرڻ جي شروعات ٿي.

**ڊاڪٽر نواب ڪاڪا**
'سنڌي ٻولي [تحقيقي جرنل]'،
ص 135-136 تان کنيل



رسول ميمڻ

# عجيب وارتائون

مون سان عجيب وارتائون ٿي رهيون آهن، لڳي ٿو ڪي غيبي قوتون آهن، جيڪي منهنجي چوڌاري موجود آهن، پر يقين نہ ٿو اچي تہ اهي لقاءَ پنهنجو پاڻ ڪيئن ٿا ٿين؟

ڪمري ۾ هئس، ڏٺم تہ پکي جو بٽڻ بند هو، مون کي ياد آهي جڏهن مان ڪمري ۾ داخل ٿيو هئس، تہ بٽڻ کوليو هئم.

مان هڪ منجهيل ماڻهو آهيان، عقيدن ۾ ايمان نہ آهي، پر اهو سڀ ڏسي لڳي ٿو، فطرت مون کي يقين ڏيارڻ جي ڪوشش ڪري ٿي تہ ڪي قوتون اهڙيون بہ آهن جيڪي توهان جي حواسن جي دائري ۾ نہ آهن.

ڪلهہ جي ڳالهہ آهي، مون پليٽ ۾ ماني رکي هئي، اها کر ڪائي ويو. ان کان اڳ ائين بہ ٿيو هو جو مون ماني ڪاڍي هئي ۽ پليٽ ۾ ڏٺم تہ ماني رکيل هئي.

ڀلا اهڙي حرڪت ڪير ڪري سگهي ٿو؟ جيڪڏهن ڪا غيبي قوت آهي تہ اها اهڙيون ٻاراڻيون حرڪتون ڇو ڪندي؟ مڙس ماڻهوءَ جيئن سامهون اچي تہ ڪيس مڃان. منهنجو ايمان بہ پختو ٿئي، قبر بہ سنوارجي، قيامت ڪاري نہ ٿئي ۽ جنت بہ ملي.

شايد ڪاري ٻلي آهي، اوندهہ ۾ نظر نہ ٿي اچي يا اهڙو ڪوئو آهي جو پيرن جي ڪڙڪي تي گُر ٿي وڃي ٿو.

مان منجهيل ماڻهو، ڏاڍو منجهي پيو آهيان، غيب کي جانورن سان تشبيهہ ڪيئن ڏئي سگهجي ٿي. ڪوئا ۽ ٻليون اهڙا ڪم نہ ڪندا آهن.

چانهہ پيئڻ کان اڳ پاڻيءَ جو گلاس ڀري ٽيبل تي رکندو آهيان، ڪيترائي دفعا گلاس ڀرڻ کان اڳ، ڀريل گلاس ٽيبل تي رکيل هوندو آهي، هڪ دفعو سڄو گلاس ڀري ٽيبل تي رکيو، ٿوري دير کان پوءِ ڏٺم گلاس اڌ ڀريل هو. ڀلا ڪير آهي، جيڪو ائين مون مٿان مهربان ٿي سگهي ٿو؟

سندس من ۾ مون لاءِ اينو احساس آهي، ڇو جو سوچيان ٿو تہ ميرا ڪپڙا بدلايان، ٿوري دير کان پوءِ نظر ڪيان ٿو تہ ڌوتل ڪپڙا پاتل آهن.

روز رات جو ٽي دفعا اُٿي ڏسڻ ويندو آهيان، تہ ٻاهريون در بند آهي. ڪيترائي دفعا کُليل در پنهنجن هٿن سان بند ڪيو اٿم، ڏسڻ ويندو آهيان تہ در کُليو پيو آهي. هڪ دفعي ياد آيو ٻاهريون در بند نہ ڪيو آهي، ڏٺم تہ در بند هو.

توهان سمجهندا هوندا تہ مان ڪنهن نفسياتي مرض ۾ ڦاٿل آهيان، پر نفسيات تي ڪافي ڪتاب پڙهيا اٿم، جيڪڏهن ڪو خلل هجي ها تہ اهو ائين حقيقت نہ هجي ها. خلل حقيقت نہ هوندو آهي، اهو وهم هوندو آهي، پر مون سان جيڪي ڪجهہ ٿي رهيو آهي، اهو سڀ حقيقت آهي.

هڪ دفعي ان غيبي قوت مون کي مارڻ جي ڪوشش ڪئي، مون شگر جي گوري ڪڍي

ٻاهر رکي، پاڻي پرڻ ويس تہ گوري ڳُر ٿي وئي. ٻي گوري ڪڍي ٻاهر رکي، پاڻي پرڻ ويس تہ وري ڳُر ٿي وئي. چار گوريون ڳُر ٿيون. پنجين مان هٿ ۾ جهلي پاڻيءَ سان اڳري ويس. ٿوري دير ۾ سڄو پگهرجي ويس، دل ائين هلڻ لڳي جيئن وقت کي تڪڙ هجي، جسم ڏڪيو پئي، چڪر آيو ۽ کٽ تي ڪِري پيس. ڪارڪون کيسي ۾ رکندو آهيان جيئن شگر گهٽجي تہ کائي سگهان. هٿ وجهي کيسي ۾ ڳولهيم، هڪ بہ ڪارڪ نہ هئي. اٿي برنيءَ مان کنڊ ڪاڍم ۽ برنيءَ کي کٽ ۾ لِڪائي ائين ليٽي پيس تہ مٿان ڪو ڪسي نہ وڃي.

مان اهڙي غيب کي ڇا ڪندس جيڪو ساهہ ڪڍي. عزرائيل بہ غيب جو اهڙوئي قسم آهي، جيڪو ماڻهوءَ جي مرضيءَ بنا سندس ساهہ ڪڍي هليو ويندو آهي. منهنجو عزرائيل ۾ يقين نہ آهي، پر ههڙا هاڃا ڏسي لڳي ٿو مٿان عزرائيل هجي. ٻلا ان ڪان وڌيڪ حيرت جي ڳالهہ ڪهڙي ٿي سگهي ٿي جو مون رومانا جي ڏک ۾ ست ڏينهن شيو نہ ڪئي، اڄ صبح سان اٿيس تہ شيو ٿيل هئي ۽ جڏهن لکڻ لاءِ پين ڪيم، ان ۾ مس ڀريل هئي. مان هاڻي بہ فونٽين پين استعمال ڪندو آهيان، لکڻ کان اڳ مس ڀريندو آهيان، پر ائين لڳو. پين ۾ مس ڀريون ٿي ڀريل آهي.

مان ڪجهہ ٻيو لکڻ پئي چاهيو، پر الائي ڪيئن لکجي ويو.

”رومانا کي ذهن مان ڪيئن ڪڍي سگهان ٿو؟“

---

”ادب جو اولين فرض اهو آهي تہ دنيا مان قوم، وطن، رنگ، نسل، طبقي ۽ مذهب جي بنياد تي پيدا اڻيل تفريق کي مٽائڻ جي تلقين ڪري. ۽ ان جماعت جو ترجمان بڻجي، جا ان نصب العين کي اڳيان رکي، عملي طرح سان ڪم ڪندي هجي. انسانيت سان دشمني رکندڙ قوتن سان دشمني رکڻ، اصل ۾ انساني درد جو هڪ دليل آهي. اڄ تائين اسان جو ادب، زندگيءَ جي بي ثباتيءَ ۽ انسان جي ويچارائپ جو ماتم ڪندو آيو آهي. هاڻي ڪيس ان بزدليءَ جي جذبي کان نڪري، ائين چوڻ گهرجي تہ زندگي ابدالآباد تائين آهي. انسان ان جو ڪارساز ۽ ڪارڪشا آهي. انسانيت ۽ ادب جو مسلڪ الڳ نہ آهي. ٻنهين جي نجات جو رستو هڪ آهي. اهو هيءُ آهي تہ ستم رسيده انسانيت، ٻنهنجي حق کي سمجهي، ۽ ان سان گڏ انهن جي غاصبن کي پروڙي ۽ انهن سڀني پابندين کي ٽوڙي، جي سندس ارتقا ۾ حائل آهن.“

**- مولانا غلام محمد گرامي**

ٽماهي ”مهراڻ“ 3، 1964/2ع، ص 294

مون کي هن کان ٽوڙڻ لاءِ ڪنهن پڙهڻ کان پليو....؟!" هوءَ هاڻ پنهنجي ڪاٻي پاسي سيني تي هٿ رکي، هُن جي سامهون ويجهو بيٺل هئي....!! چپن تي خشڪي هيس.... ۽ اکين ۾ ٿر جو صحرا....!!

"تون ايترو وقت ڪٿي هئين ناصر....!؟"

هوءَ هن کان پڇي رهي هئي! پر هُو ڪوبه جواب نه ڏئي رهيو هو. هوءَ هن جي پيرن وٽ ويهي، انهن تي هٿ گهمائڻ لڳي....!! مجازي خدا جي اکين ۾ پٿر جا تارا هئا ۽ مٿان گذري ويل وقت جو اُداس آسمان هو! جيڪو ڪيس وڌيڪ نوڙڻ کان جڻ روڪي رهيو هو.... پر روزينه جا چپ پيرن تائين پهچي چڪا هئا.... ۽ گذري ويل وقت جي آڪاس ۾ رکيل محبت جي رحل وارو ڪتاب اُداس ٿي ويو هو....!!

هوءَ چپن کي مٿي ڪري ڪجهه چئي وري پيرن تي رکي رهي هئي....! مجازي خدا جا ڪن ڪجهه ٻڌي رهيا هئا يا نه....!! ڪيس ڪابه سُڌ نه هئي....!! هوءَ ته بس نئين وقت جي ليليٰ ۽ مجازي خدا ته الاءِ ڇا هو....!؟

"مون پڇاڙان آرٽس فيڪلٽيءَ ۾ ڪيتريون بهارون آيون.... ۽ ڪيتريون خزائون...." هن جي چپن مان جهيڻو آواز ٿورو وڌو ٿي اڀريو ته مجازي خدا جي پيرن ۾ ڪيس اٿلڪي جنبش محسوس ٿي.... ۽ جلد ئي ساڪت ٿي ويا....!! هوءَ اُٿي بيهي مجازي خدا جي پٿريلين اکين کي چمڻ لڳي.... ۽ پوءِ پنهنجي ڪنڌ وارو ڏاڳو ناصر جي ڪنڌ ۾ وڌائين....!

گذري ويل وقت جي آڪاس مان نئون جنم وٺي ڪو مصور هٿ ۾ برش کڻي مختلف رنگن سان اهو منظر پينٽ ڪري رهيو هو.... ۽ ڪيس يقين هو ته هُو سچي محبت جي باري ۾ پنهنجو عظيم فن پارو وجود ۾ آڻي ڇڏيندو....!! ۽ وري روزينه کي ناصر پاران ساڻس ڳالهايل لفظ ياد اچي رهيا هئا: "تون منهنجن ڳالهايل لفظن کي سهاڳ رات واري سيج تي ڳالهايل لفظن جيان سمجهه....!! سهاڳ رات ۾ ڳالهايل لفظ ڪي معمولي هوندا آهن ڇا....!؟ سهاڳ رات ۾ ڳالهايل لفظ ڪنوار جي نڪ ۾ چمڪندڙ ڪوڪي جيان هوندا آهن.... ۽ جن کي هوندي آهي پنهنجي روشني....!!" ۽ پوءِ ناصر ائين چئي پنهنجي پاسي واري ڪيسي مان لاٽر ڪڍي، هنيو هو روزينه جي اکين ۾.... ۽ هن ڇاٽي واٽي اکيون ٻوٽي، ناصر کي لاٽر بند ڪرڻ لاءِ چيو هو، پر هُو اڃا به وڌيڪ روزينه جي اکين ۾ لاٽر هڻي رهيو هو.

ائين ناصر هن سان ٻيا به ڪيترائي مذاق ڪيا هئا، جيئن هڪ ڀيري هوءَ لان ۾ پنهنجي ئي ڪنهن سوچ ۾ گم هئي ته ناصر پويان اچي سندس اکين تي هٿ ڏئي، عورتاڻي نوع ۾ ڪجهه پڇي رهيو هو.... ۽ هوءَ ڪيس ڪجهه ٻڌائي رهي هئي....! پريان کي ڇوڪرا ڪين ڪن خاص نگاهن سان تاڙي رهيا هئا....!! ان ڏينهن ٻنهي کان ٻي هر ڳالهه، ماڻيءَ ڳيي سميت وسري وئي هئي....!! پيرن کان چوٽي تائين، ان ڏينهن هنن خوشي هڪبئي ۾ ائين اوتي هئي، جيئن سانوڻيءَ ۾ ڪڪر هڪ ٻئي سان ساز باز ٿيندا آهن....!! ان ڏينهن ئي هن ڪيس چيو هو: "محبوبه ۽ ملڪ ٻيئي هڪ ئي درجي جا مستحق هوندا آهن....!!" ائين چئي ناصر نوڙي پنهنجي ۽ روزينه جي پيرن هيٺان ٿوري ٿوري مٽي کڻي، ان کي چميو هو ته هوءَ به نوڙي هئي، ۽ پنهنجي ۽ هن جي پيرن هيٺان مٽي کڻي چُمي هئائين....!!

روزينه جي سوچن جو لغڙ ٽٽو، ته پاڻ کي گهر پٽر ۾ ئي بيٺل ڏٺائين.... ۽ پنهنجو رئو وري به پٽ تي ڪريل نظر آيس.... جنهن جي گلابي بدن تي مٽيءَ جا ذرڙا حسين لڳي رهيا هئا....! هن نوڙي پنهنجي پيرن هيٺان مٽي کنئي.... ۽ ان کي چميو.... ۽ پوءِ سندس چپن تي بي اختيار شاهه جو شعر: "سڄڻ ۽ ساٿيهه، ڪنهن اٿاسي وسري....!!" اُچارجڻ لڳو!!

■

وڏيري جي پيهر فون ايندي ئي، نئين صوبيدار پنهنجي دابي کي وڌيڪ تيز ڪري، ٻنهي نوجوانن کي ائين ڪُٽيو، جيئن اُڪ پَٽڻ تي ڪُٽبو آ. ٻنهي نوجوانن جا خوبصورت چهرا تشدد سبب سُڄي رتورت ٿي ويا، پر ڪُڇيا ٻڙڪ به نه....! هن جي بهادر صوبيدار جي هار ثابت ٿي!!

ڪلاڪ ڏيڍ جي وِٿيءَ کان پوءِ. صوبيدار موبائل ۾ نوجوانن جي پيرسن پيءُ کي ڪنبي ڪٿي آيو، چيائين: "مُنشي هن ڪراڙي کي به اگهاڙو ڪري سچو پتر هڻ... پوين خبر، وڏيرن سان ويڙ جي....!!"

ٻئي نوجوان تڙپي اُٿيا، چيائون "صوبيدار صاحب، تڪڙ نه ڪر.... نه هوندو بانس نه وڄندي بانسري....!!"

"ڇا مطلب؟" صوبيدار جي مُنهن ۾ عجيب سوڻ پيجي وئي!

"اسان وڏيري کي زمين لکي ڏينداسين!!"

ننڍي ڀاءُ جي اکين ۾ ڳوڙها تري آيا، چيائين: "جنهن بلپي جي محنت سان اسان جون زندگيون تبديل ٿي ويون، اُن بلپي جي تذليل اسان کان برداشت نه ٿيندي... اسان قرباني ڏيڻ لاءِ تيار آهيون.....!!"

"اُن جي ضمانت ڪير ڏيندو؟"

"اسين پاڻ ڏوهاري پاڻ ئي ضامن آهيون.... اڄ کان پوءِ وڏيري جو ڪوبه فرياد نه ايندو."

اهو ڏينهن خيرن سان گذري ويو.

ٻيو ڏينهن ٿيندي ننڍو ڀاءُ ٿاڻي تي موٽي آيو، هن جا ڪپڙا رت ۾ رڱيل هئا.

"ڇا ڪري آيو آن....؟ پاڻ کي رت ۾ ڇو وهنجاريو ٿئي؟؟"

صوبيدار جي آواز ۾ گهبراهٽ هئي، پر هو فيصلي تي اٽل بيٺل هو، چيائين صوبيدار صاحب! وڏيري کي پنهنجي زمين لکي ڏئي آيس!!"

"ڪيتري زمين؟"

"جيتري وڏيري کي گهربل هئي، سوا ڪانو!!"

نوجوان جي اکين ۾ ڪوبه خوف نه هو ۽ هُو ٿاڻي جي سيخن پويان وڃڻ لاءِ منتظر هو!!

"سنڌي موسيقي هڪ نهايت سهڻي، دلپذير، فني ڪمالات واري، ۽ پنهنجيءَ جاءِ تي انفرادي حيثيت رکندڙ موسيقي آهي، جا پنهنجي فن جي لحاظ سان دکن، پنجاب، آگري ۽ مرهٽا اسڪول کان جداگانه رنگ رکي ٿي. افسوس اهو آهي ته ان تي ڪا مستقل تاليف سنڌي زبان ۾ ڪانه ڪئي ويئي آهي."

"اها به ضرورت آهي ته سنڌي راڳ جي نه فقط تاريخ مرتب ڪجي، پر ان جي حاصلات ۽ تربيت لاءِ ڪو معياري اسڪول ۽ ادارو به قائم ڪجي، جنهن ۾ قابل ۽ استاد ڳائڻا رکجن، جي هن فن کي سيکارين."

"اسان جا فنڪار ڏاڍين سهڻين صلاحيتن وارا آهن، پر افسوس اهو آهي جو فن ۾ ڪنهن به قسم جي جدت نٿا پيدا ڪن. اڪثر پراڻيون طرزون، پراڻي نموني ۾ ڳايون وڃن ٿيون. اگر اهو سلسلو قائم رهيو ته پوءِ اسان جو سنڌي راڳ ڪابه ترقي نه ڪري سگهندو."

"شاعر وقت جي زبان آهي، ته ڳائڻو شاعر جي زبان آهي؛ تنهنڪري ڪوشش ڪري، شاعرن جو نئون ڪلام نين طرزن ۾ ڳايو وڃي ته بهتر."

"اڪثر ڪلام غلط حيثيت سان ڳائجي ٿو، حالانڪ شاعر جو ڪلام سندس صحيح لفظن ۾ ڳائڻ گهرجي، عام ماڻهن جي غلط لفظن جو نقل نه ڪرڻ گهرجي."

**مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ**

(مهراڻ 2/1962ع)

# چونڊ ادب

هڪ ڳالهه هيءَ به ته صاف آهي ته جيڪڏهن اسان وٽ پنهنجي دؤر جو نئون زنده ادب نه هوندو، ته اسين پنهنجي ماضيءَ جي ادب کان به ڇڄي وينداسون. جيستائين اسين ادب جي اوسر جو هيءُ سلسلو قائم رکنداسين، تيستائين اسان جو ماضيءَ جو ادب به اسان کان جيئن پوءِ تيئن هٽندو ۽ پري ٿيندو ويندو، تان جو اُهو اسان لاءِ اجنبي ٿي ويندو- جيئن ڪنهن ٻيءَ ڌارينءَ قوم جو ادب؛ ڇو ته اسان جي زبان بدلجندي رهي ٿي، ۽ اسان جي رهڻيءَ ڪهڻيءَ جو نمونو، اسان جي ماحول ۽ بدلجندڙ مادي حالتن جي اثر ۽ دٻاءَ سبب، هر وقت ۾ هر طرح بدلجندو رهي ٿو. ۽ ان حالت ۾ جيڪڏهن اسان وٽ ڪي اهڙا ماڻهو نه آهن، جيڪي پنهنجي غيرمعمولي احساس ۽ شعور کي، لفظن تي غيرمعمولي قدرت رکندي، ظاهر ڪرڻ ۽ پختگي بخشڻ جي صلاحيت رکندڙ هجن، ته ان صورت ۾ نه فقط اسان جي پنهنجي اظهار جي صلاحيت، بلڪ، سواءِ خسيس کان خسيس محسوسات جي، ٻيءَ ڪنهن شيءِ جي محسوس ڪرڻ جي طاقت به نيست ۽ نابود ٿي ويندي.

**ٽي.ايس.ايليٽ**

ٽماهي ”مهراڻ“ 1997/4-3ع

الجمال' جو، وغيره وغيره. ٻيو تہ پاڙيسري بلوچي ادب ۽ تمدن جي اثر هيٺ (جتي بلوچي داستان سرندي ۽ رباب جي ميلاپ سان ڳائجن ٿا) سنڌ ۾ هن 'ڏکهي سنڌي بيت' ۾ چيل قصن کي 'نڙ' جهڙي ساز جي درديلي لئي تي بلند آواز سان ڳائڻ جي رسم وجود ۾ آئي، جنهن ڪري 'نڙ ۽ بيت' جڻ تہ لازم ملزوم جز بڻجي سنڌ جي عام ڪچهرين جو سينگار ٿي پيا، جنهن ڪري عام سنڌي بيتن جي شهرت ويتر وڌي وئي.

اسان جي خيال ۾ شيخ ابراهيم ۽ سيد ڪبير شاهہ انهن عام سنڌي بيتن جا پهريان ماهر ۽ وڏا استاد هئا. جيئن تہ ڪبير شاهہ جي زندگيءَ جو گهڻو عرصو ڪوٽڙيءَ ۾ گذريو آنهيءَ ڪري سنڌ جي عام شاعرن تي سندس وڏو اثر پيو. ڪبير شاهہ جي بيتن جي مطالعي مان سندس بيتن کي هيٺين خاص ڀاڱن ۾ ورهائي سگهجي ٿو: (1) مجاز ۽ سچڻ جي حسن ۽ سينگار جا بيت (2) قصن جا بيت جن ۾ قصي جي بيان ڪانسواءِ شاعر جي شخصيت کي دخل آهي، جنهن ڪري سندس ذاتي محبت ۽ مجاز، سوز ۽ درد بہ قصي سان ڳنڍ سمايل آهي. (3) قصن جا اهي بيت جن ۾ مارئي، سسئي، نوري، مومل وغيره کي صرف بياني طور ڳايو ويو آهي. سندس انهن خاص پهلوئن جو اثر سنڌ جي عام شاعرن جي بيتن ۾ بہ نمايان آهي.

(1) ڪبير شاهہ بعد گهڻن ئي شاعرن عشق ۽ درد، مجاز ۽ محبت کي ڳايو مگر هت صرف سيد راڄن شاهہ جو پنهنجي طرز جو اڪيلو ۽ ممتاز شاعر هو تنهن جو مختصر ذڪر پيش ڪجي ٿو: سيد راڄن شاهہ کي گذر ئي ٽري گهٽ سؤ سال کن ٿيا. اڪثر عمر ميرپورساڪره تعلقي ۾ گذاريائين. محبت ۽ مجاز ۾ راڄن شاهہ جي شعر ۾ قدري ڪبير شاهہ جي خيالن جي جهلڪ نظر اچي ٿي، مثلاً ڪبير شاهہ چوي ٿو تہ:

نينهن پرين ناتو، توڙان تو نہ ڪرڻ هو،
پرعشق جي الول جو جڏهن پيچ پرين پاتو،
ڪسي ساهہ سنگين پرين جڏ چشمن سان جاتو،
تڏهڪڙي هئي خبرخدا کي اي من اندر مان ت،
تڏڇڻ جي ڇاتو، ڪرين 'ڪبير شاهہ' چئي.

راڄن شاهہ چوي ٿو تہ:

هڏ نہ ياڻتم هيئن، اڳ اوهان ڪان سپرين،
پهرين ريهي ريب سان، منهنجي دل ڏتاريو جيئن
جيئن ڏينهن جي جاءِ پئي منهنجو تن وئي نيپ تيئن،
سا رهي تہ راڄن شاهہ چوي، تنهنجو ترت طبو ڪج تيئن
مان بہ توئي سين، هي ڳنيڻ چنڻ لاءِ نہ ڪيو.

راڄن شاهہ سنڌ جو اڪيلو شاعر آهي، جنهن پنهنجي بيتن جي مضمون کي قصن ڪهاڻين جي ذريعي نہ، پر سڌو سنئون صرف محبوب جي ذڪر اذڪار سان مخصوص ڪيو آهي. هن نہ صرف مجاز جو ساز ڇيڙيو آهي، مگر مجاز جون لوليون ڏئي ڇڏيون آهن. چوي ٿو تہ:

عشق جو احوال، چوڻ ڪان چئوٽو ٿيو،
هڪ تون ٿو سمجهين سپرين ٻيو هادي ڄاڻي حال،
تو سماءَ ناهي سور جو تہ ڪو هنئين سين هي حال،
سڪ جو موريو ساهہ تي سندو نينهن نهال،
تنهن ۾ ڦر ڦٽي طلب جو سو پچي ڦٽو پيمال،
تنهنجي ريشي ڪان روح تي ڪنهن ڳڻ نہ تڪي ٿي ڳالهہ
هاڻي سگهو موٽ سقيم تي وري ڪر و صال

(3) قضن جي ڏکڻ بياني بيتن ۾ بہ سانوڻ ساڳي ڪبير شاهہ جي واٽ ورتي. سر سسئي ۾ ڪبير شاهہ ۽ سانوڻ جا هيٺيان ٻہ بيت ملاحظہ هجن، جن ۾ سانوڻ نہ صرف اندروني قافيي جي وارو وار ۾ ڪبير شاهہ جو تتبع ڪيو آهي، مگر ڪبير شاهہ جو 'لنگهن ڏگها وڄن سگها' وارو ساڳيو اصطلاح پنهنجي بيت ۾ بہ آندو آهي:

ڪبير شاهہ:

باري بلوچن جون هيون ارڙهن ويهون ائن،
تن ڪاري ڪڪر ڏونگرتان اچي گس ٻتو گؤنرن،
تن ائونرن، گؤنرن، لبن ليڙن، ڏاگهن ڏيرن پوڙهن ٺوڙهن،
گهٽن گهيڙن، لاهن چاڙهن، مون سان جيڏي ڪي جتن،
جن جون پوچون پلاڻن سين، جماتون جتن،
ڳاڙهي چندن ڪاٺ جون، ناڪيليون نڪن،
ٺنگن ڏگها وڄن سگها، ڪہ ۾ ڪين ڪڇن،
ڪچيءَ نوڙي ٻڌا، چوريءَ ويا، جن جا ڪر نہ ڪڙڪو ڪن،
منزل مارڻ، پوءِ نهارڻ، اهو عيب ائن،
چرن چاريون، ورہ ويچاريون، مدي نہ پئي منجهن،
پچن پيارا، سدا سونهارا، جيريا جپ چرن،
سي ڪڇن ڪين 'ڪبير شاهہ' چئي، تا نرمل ننگ ڪٽن،
اهي بندي بلوچن، ڏاڙي خاطر ڏاريا.

سانوڻ:

ٻاروچي ٻولي ۾ ڪيون ٺي سيٽن صلاحون،
پوءِ ميا مون منيءَ ڏي، وڃي مخفي مُڪائون،
سي ٺنگن ڏگها وڄن سگها، ليڙا ڏين لاهون،
اهي اٺ بہ اوري، ڏنر ڏوري، ڊريا ڊوري، چانگا ڏيئي چاهون،
سير چير چانئي، هليا رانئي، گهٽ بہ گهائي، بديون بخشائي،
ان جي ٽيڏيس گولي غلامون،
سي جبل جوڙ، ٻڌيو موڙ، ڪٽيو ٻوڙ، هليو لوڙ، ايندر اٺ بہ اوراهون،
سي بغدي برہ، پڇي پرہ، نيندا نرہ، ٻانيڙا! تنهنجون ٻانهون،
تنهنجو آري ايندو، ڪين ڇڏيندو، وٺي ويندو، ڏک بہ نيندو،
لهنديءَ سورن سيراهون،
هوءَ هڪ حرفن، چئني طرفن، ماري شرفن، ڏيئي برہ جون ٻاهون،
تنهنجو پنڌ پري، وک نہ وري، ڪامڻ ڪري اڄ پئي درد منجهان دانهون
توڏن تئونس، لاٽين غوث، وڄن هونش، منهنجا. پرديسي پاهون
ستي منيءَ ڪي 'سانوڻ' چئي، ڏيئي ويا وير بہ ويساهون
هاٽي سسئي صلاحون، پئي ڪري ڪيچ وڃڻ جون.

هنن بيتن مان ظاهر آهي تہ سانوڻ ساڳئي ڪبير شاهہ واري واٽ ورتي ۽ سندس طرز ۽ اسلوب بيان کي سنڌ ۾ عام رائج ڪيو. ساڳئي طرح ڪوهستان جي شاعر مريدپالاري بہ ڪبير شاهہ واري نقش قدم تي هلي، هن طرز کي ٻين سنڌي شاعرن لاءِ هڪ نمونو بنايو. جيئن تہ مريد عمر ۾ وڏو هو، انهيءَ ڪري هن پاڻ

سانوڻ لاءِ هي رستو صاف ڪيو. سانوڻ کان سواءِ سندس همعصر ساٿياري ۽ سندس مد مقابل بچائي فقير رند جو اجا حيات آهي، تنهن به اها ساڳي واٽ ورتي. ازانسواءِ مولابخش خاصخيلي، جنهن سان جوانيءَ ۾ ئي حياتيءَ وفا نه ڪئي، سو به سانوڻ جي نقش قدم تي هليو. گذريل پنجاهه سالن ۾ هن سلسلي ۾ پانڌي پنوهر ۽ محمد ءالپر ٽنڊي باگي جا لعل محمد ڪوسو ۽ عثمان پرهياڙ بدين جا، پاهڙ دل ۽ مغل فقير، عالم پلي ۽ منٺار پلي، ٿرپارڪر ضلع جا، سونهارو فقير ۽ سالار وريائي مانجهند جا، يوسف موندرو لس جو، مريد پالاري، ٻبر سونهيرو ۽ خميسو سهٽو ٽاٽي بولاخان، جي طرف جا، صالح گراٽو، حاجي طاهر گراٽو، محمد علي ٻبر ۽ صالح ٻبر سال، محمود شيخ ڳوٺ ڪرم نظاماڻي هالن جي ٿر جو، الهڏني نوناري ۽ جمعو ٻارچ حيدرآباد جي تر جا جمعو خاصخيلي، حاجي ۽ ٻاجهي خاصخيلي سنجهوري جي طرف جا مشهور ۽ مقبول شاعر ٿي گذريا آهن. هن وقت انهن بيت گو شاعرن ۾ بچايو فقير رند (جهول تعلقي سنجهورو جو) هن سلسلي جو شايد آخري چراغ آهي. ءالانڪ ڪانئس سواءِ هن سلسلي جا ٻيا شاعر جهڙوڪ سانوڻ جا طالب توڏو فقير مري، ملو فقير نظاماڻي، موريو خاصخيلي ۽ سليمان مير بحر اجا 'نڙ بيت' جي ڪچهرين جا مور آهن. جي اسان پڙهيلن جي نرالي ادبي ذوق ۽ بي توجهي جي باوجود سنڌ جي هن خالص دهقاني ادب جي هن اهم حصي يعني عام سنڌي شاعريءَ کي سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ وڏائي ويجهائي رهيا آهن.

نج سنڌي ادب جي ٻئي حصي يعني سنڌي ڪافين متعلق گهٽو ڪري هر ڪنهن کي قدري واقفيت آهي ۽ هر ڪو ڄاڻي ٿو ته ڪافي ۽ ڪلام هن ملڪ جي گوشي گوشي ۾ ڪيتري قدر مقبول آهن ۽ اها اسان جي احساسات ۽ جذبات ۽ سوز ۽ درد جي ڪهڙي نه چٽي تصوير آهي.

**عام سنڌي سگهڙپائي:**

هاڻي اسان پنهنجي ادب جي ٻئي پاڱي يعني 'عام سنڌي سگهڙپائي' جو مختصر جائزو وٺون ٿا. 'عام سنڌي سگهڙپائي' جي فن جي گهري مطالع جي بنا تي ان فن کي هيٺين ڇهن مکيه شعبن ۾ ورهائي سگهجي ٿو:

(1) پرولي (2) ڏور (3) دوراهو (4) هنر (5) ڏهسنامو ۽ (6) سينگار. انهن شعبن مان پرولي، دراهو ۽ هنر ساڳئي نوع يا ڪلاس (Class) ۾ اچي وڃن ٿا، ڇاڪاڻ ته مڙني جو محور يا مرڪز 'صنعت تجنيس' آهي، جنهن جي مختلف ترڪيبن ۽ استعمالن تي انهن شعبن جي سِٽا سٽيل آهي. 'ڏور' جو شعبو هڪ علحيده نوعيت جو آهي جنهن جو تعلق اسلامي روايات، خصوصاً نبي صلي الله عليه وآله وسلم ۽ سندن صحابه جي معجزات سان آهي. آخرين ٻه شعبا، يعني 'ڏهسنامه' ۽ 'سينگار'، درحقيقت شاعري جي دفعي ۾ به شمار ڪري سگهجن ٿا، مگر 'ڏهسنامه' ۾ خالص لغات جو استعمال ۽ 'سينگار' ۾ محبوب جي حسن جو بيان ۽ ان سلسلي ۾ تشبيهات جو تلازم انهن شعبن کي هڪ خاص فني نوعيت ڏين ٿا، جنهن موجب سندن سٽاءَ ۽ قالب کي سموهڻ لاءِ ارادي عمل جي ضرورت آهي ۽ جنهن جي لاءِ تڪلف ۽ تصنع لازمي آهي، انهيءَ ڪري انهن شعبن کي فن سگهڙپائي ۾ شمار ڪرڻ وڌيڪ مناسب آهي. درويش فقير الهه ڏني، سگهڙپائيءَ جي انهن مڙني شعبن کي پنهنجي هڪ بيت ۾ يڪجا جمع ڪيو آهي ته:

ڳهي ڳجهارت ڪي ڪي ڳوليندڙ ڳولين
هنر جي حساب جو خزانو کولين
ڏهسنامه ڏور ڪي، فلڪ سان ڦولين
درائو دل سان الله ڏنا! اولين
ڪي وير وڙولين، سينگار کي سوچ سان.

انهن مان وري هر هڪ شعبي کي ان جي لفظي ۽ معنوي سٽاءَ جي لحاظ سان مختلف مخصوص انواع ۽ اقسام ۾ ورهائي سگهجي ٿو. هن موقعي تي انهن جملي شعبن جي ماهيت تي روشني وجهڻ طوالت جو باعث ٿيندو انهيءَ ڪري هن وقت اسان صرف شعبي 'پرولي' تي مختصر طور روشني وجهون ٿا.

چوڏهن ۽ چار، ارڙهن مون ايندا ڏنا،
هئن قيمتي ڪپڙا ويا ٿي دوساٽي دربار
هاٿي دلو! ڪر ويچار- ته هو ڪير هئا ڪيڏانهن ويا؟
ولو: جي چوڏهن چار تو ڏٺا-ارڙهن ٿي اورنگ جن جو،
چاهه چڪ سين- تن جا مور نه ميرا
انگ تو جي ڏٺا ڪنگ- تن کي ڏٺا واحد ويس دلو چئي.

هاٿي هت به دلشاد ارڙهن ڍنڍ جا ڪنگ اڏامندا ڏٺا مگر سندن اچڻ ۽ ڪارڻ ڪنهن کي قيمتي ڪپڙا سمجهڻ ۽ سندن رخ کي 'دوساٽي دربار' ڏانهن وڃڻ سان تعبير ڪرڻ اهو سگهڙ طرفان خاص ذهني اضافو آهي.

(ج) ڪي سگهڙ معما کي اجا به زياده مشڪل ۽ ڳوڙهي بنائڻ لاءِ ان کي رڳو ڪنهن ذهني خيال تي مبني ڪندا جنهن جو مشهور مثال هيءُ خيالي تصوير آهي ته: نر هرڻ تلاءُ تي بيٺو هجي ۽ هوڏانهن ٽوبو پکي گهٽ هٽي مڇي ڇهنب ۾ جهلي مٿي اڏامي، ان وقت شڪاري هرڻ کي بندوق هٽي، بندوق لڳڻ سان هرڻ ٻل ڪاٽي ۽ ان ٻل ۾ سندس سنگ ٽوبي پکي کي چيري ماري ۽ هرڻ به ڪري مري پئي. هوڏانهن شڪاريءَ کي بندوق هڻڻ وقت نانگ ڪاٽي، ماري نانگ ماري ۾ پوءِ پاڻ به ڪري مري پوي ۽ اهڙي طرح مڇي، پکي، هرڻ، نانگ ۽ ماري پنجئي گڏ مري پون. انهيءَ ذهني تصوير تي مختلف سگهڙن مختلف نمونن تي معمائون سٽيون آهن، جن مان هڪ جيڪا وڌيڪ سليس آهي سا مثال طور هت ڏجي ٿي:

معما: هڪ مرندي به مئا ٻه مرندي ٿي، چوٿين پنجون ماريو- پنجئين چوٿين کي.
مواد: جر مڇي، ٿر مرون، پکيڙو انگاس، شڪاري ۽ نانگاس- پسو جي پنجئي مئا.

(3) **سلوڪ:** سلوڪ به فن پرولي جي شاخ آهي، جنهن جي سٽاءَ نه صرف لفظي گهڙ پيچ، عقلي ڪچ وهٽ يا ذهني دلچسپي تائين محدود آهي، مگر ان جي خاص خصوصيت هي آهي ته ان ۾ ڪا نه ڪا نئين ڄاڻ، نصيحت يا حڪمت سمايل هجي. سلوڪ جو سرچشمه هندي ادب آهي، مگر سنڌي ادب ۾ ان جي اوسر ۽ ارتقا خاص طرح سنڌ جي سگهڙن جي ذهن جي پيداوار آهي. 'سلوڪ' جا ٻه مکيه پهلو آهن: (الف) گرو چيلي جا بيت ۽ (ب) حڪمت ۽ ڪاريگري.

(الف) گرو چيلي جا بيت حالانڪ هندي مارواڙي زبان ۾ چيل پيا معلوم ٿين مگر انهن جو گهرو مطالعو ڏيکاري ٿو ته انهن ۾ ڪي نج سنڌي الفاظ استعمال ٿيل آهن ۽ جنهن مان ظاهر آهي ته اهي سنڌي سگهڙن جي ذهن جي پيداوار آهن. البت اهي گرو چيلي جا سوال جواب اول ۾ هندي مان 'جوڳ جي شاعري' جي ذريعي سنڌ ۾ پهتا آهن ۽ دراصل اهي سوال جواب گرو پنهنجي چيلي کي سکيا ڏيڻ ۽ آزمائڻ لاءِ ڪانئس پڇندو هو ۽ چيلو پنهنجي پختي ڄاڻ ۽ قابليت کي ثابت ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪري هڪ لفظ ۾ ئي ان جو جواب ڏيندو هو. سنڌ جي سگهڙن انهن سوالن جوابن جي اصلوڪي مذهبي ۽ تبليغي پهلوءَ کي ترڪ ڪري ان کي خاص سگهڙپائي جي سانچي ۾ سموهيو. هنن سوالن جوابن جو دارومدار پرولي تي آهي. گرو چيلي جا اهي سوال جواب سنڌ ۾ مشهور آهن. هت صرف هڪ مثال ڪافي ٿيندو: گرو: چلم رسيلي نه رهي، تري ٽپ نه ڪاءِ، ڪتا هرٽين نه پڇي، ڪهو چيلا ڪس ڀاءِ؟ چيلو: گروجي! 'تازي' نهين.

يعني ته چلم رسيلي ناهي چاڪاڻ ته تازي نهيل ناهي، گهوڙي چال نه ٿي ڏئي چاڪاڻ جو تازي يعني عربي نسل جي ناهي ۽ ڪتو هرڻ کي نٿو پڇي سو به چاڪاڻ جو تازي نسل جو ناهي. وري به هن نقطي کي واضح ڪرڻ لاءِ ته اهي سوال جواب سنڌ جي سگهڙن جي ذهن جي پيداوار آهن، اسان نموني طور لاڙ جي مشهور خوش طبع ڪليٽي لغارين جو اهڙو ناهيل هڪ سوال جواب، باوجود ان جي ذرا غير شائستگي جي پيش ڪريون ٿا. ولي محمد خان لغاري وٽ نورو، غلام ۽ ڏني نالي شخصن پئي ڪمايو ۽ ڪانئن مان ڏلهن تي

ڄاڻو ماڻهن، ٻاهران آيل اهڙن قابل هنرمندن ۽ فنڪارن جي صحبت ۾ رهي.انهن کان گهڻو ئي ڪجهه وڌيڪ حاصل ڪيو. هونئن تہ هُو پاڻ بہ هنرن ۽ فنن جي ڌار ڌار شاخن ۾ اڳ ئي ماهر هئا، پر ٻاهران آيل هنرمندن ۽ فنڪارن جي صحبت ۾ رهي، هنن "سنڌي مصوريءَ" جي فن ۾ نواڻ ۽ جدت آندي.

(ب) ارغونن ۽ ترخانن جي دؤر ۾، خاص طرح مرزا جاني بيگ ترخان ۽ اُن جي فرزند، مرزا غازي بيگ ترخان جي زماني ۾، سنڌ جي درٻار جا دهليءَ جي مغليہ شاهي درٻار جي حاڪمن، خاص ڪري شهنشاهہ اڪبر اعظم ۽ شهنشاهہ جهانگير جي درٻار سان گهاٽا رشتا رهيا، انهيءَ ڪري "مغل فن مصوريءَ" جو بہ سنڌ جي فن مصوريءَ تي گهڻو اثر ٿيو. دهليءَ، آگري، لکنو ۽ دکن جي فنڪارن کان سواءِ ڪن ٻين شهرن جا فنڪار بہ لڏي سنڌ ۾ اچي آباد ٿيا. اِهي فنڪار ٺٽي، بکر، روهڙي، نصرپور، خدا آباد ۽ سيوهڻ ۾ اچي ويٺا.

اُن کان سواءِ سنڌ جي ترخان حاڪم، مرزا جاني بيگ جي شهزاديءَ جي شادي، مغل شهزادي خسروءَ سان ڪرائي وئي هئي، ۽ مرزا محمد باقي بيگ ترخان ۽ اُن جي فرزند مظفر بيگ جون شاديون، راجپوت شهزادين سان ٿيون هيون، انهيءَ ڪري ائين چوڻ ۾ ڪوبہ وڌاءُ ڪونهي تہ سنڌي چترڪاريءَ جي فن تي مغليہ فن چترڪاريءَ جو تمام گهڻو اثر ٿيو هوندو، ۽ ائين بہ ممڪن آهي تہ مغليہ فن مصوريءَ جي همعصر، راجپوت فن مصوريءَ جو بہ، سنڌي مصوريءَ تي اثر ٿيو هوندو؛ ۽ ائين بہ ممڪن آهي تہ سنڌي چترڪارن، اُنهن فنڪارن کان اُتساهہ ورتو هوندو. يقيناً سنڌي چترڪارن، مغليہ چترڪاري ۽ راجستاني چترڪاريءَ جي خاص خاص نمونن کي، پنهنجي سنڌي چترڪاريءَ جي فن سان ملائي، سنڌي چترڪاريءَ جي فن ۾ نوان تجربا ڪيا هوندا، ۽ سنڌي چترڪاريءَ جي روايت ۾ تبديلي آڻي، اُن کي پنهنجي خاص "سنڌي طرز" (Sindhian Style) ۾ پيش ڪيو هوندو. پاڪستان جي آرڪيالاجي کاتي جو هڪ وڏو ماهر شيخ خورشيد حسن، پنهنجي هڪ مقالي "Paintings in Muslim Sindh" ۾ لکيو آهي تہ:

"راجپوت ۽ مغل چترڪاريءَ جي روايت، سنڌ جي چترڪارن ۽ فنڪارن تي بہ نہ فقط پنهنجا اثر ڇڏيا، انهن (سنڌي چترڪارن) ۾ اُتساهہ پڻ پيدا ڪيو، ۽ منجهن جيڪو فنڪارانہ جذبو هو، اُن جذبي کي وڌيڪ جاڳايو. اُن جو نتيجو هيءُ نڪتو جو سنڌي مصورن ۽ چترڪارن، پنهنجيءَ چتڪاريءَ جي فن جا خاص خاص نمونا (Styles) ايجاد ڪيا، جنهن جا ثبوت، ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن جي دؤر ۾ سنڌي چترڪارن طرفان ٺاهيل تصويرن ۽ چتڪاريءَ جي نموني ۾ نمايان طور نظر اچن ٿا."

شيخ خورشيد حسن، پنهنجي ساڳئي مقالي ۾، اڳتي لکي ٿو تہ:

"تاريخن ۾ ڄاڻايل آهي تہ مرزا غازي بيگ ترخان، ٺٽي ۾ بہ محلات ٺهرايا، جن جي ڀتين کي چترڪاريءَ جي چوڪٺ يعنيpanel سان سينگاريو ويو هو. اِهي ديوارون يقيناً چترڪاريءَ جي چوڪٺن سان، اهڙيءَ طرح ئي آراستہ ڪيون ويون هونديون، جيئن آگري ۽ لاهور ۾ مغليہ دؤر جي عمارتن جي ديوارن کي، چتڪاريءَ جي مختلف نمونن سان آراستہ ڪيو ويو هو.

جيتوڻيڪ مرزا غازي بيگ جا تعمير ڪرايل اُهي ٻئي محلات هن وقت موجود تہ نہ آهن، پر اهو اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ اُنهن محلاتن جي چوڪٺن تي ڪيل مصوريءَ تي، مغليہ فن مصوريءَ يا راجپوت فن مصوريءَ جي اثر نمايان هوندو. اِن ڪري جو مغلن ۽ ترخان حاڪمن جا هڪ ٻئي سان شاديءَ مراديءَ وارا رشتا ۽ ناتا هئا، ۽ راجپوت نوابن سان بہ شاديون مراديون ڪيون هئائون."

شيخ خورشيد حسن اڃا بہ اڳتي لکي ٿو تہ:

"اِها تعجب جي ڳالهہ آهي تہ سنڌ ۾، خاص ڪري ٺٽو شهر جيڪو 1520ع کان 1739ع تائين، يعني چار سؤ سال، سنڌ جي گاديءَ جو هنڌ رهيو، ۽ جيڪو اسلامي تعليمات، هنرن جو مرڪز رهيو هو، اُن شهر ۾ هاٿي فن مصوريءَ جي باري ۾ ڪو گهڻو مواد ڪونہ ٿو ملي.

هيٺ مصوريءَ جي جنهن مواد تي گفتگو ڪئي ويندي، اُن مواد جي مطالعي مان اهو پڪيءَ

طرح معلوم ٿو ٿئي ته سنڌ ۾، فن مصوريءَ جو 'پنهنجو مڪتب فڪر' هو، جيڪو مغليه فن مصوريءَ کان گهٽ آڳاٽو، راجپوت، فن مصوري ۽ دکني فن مصوريءَ جو همر عصر هو."

شيخ خورشيد حسن لکي ٿو ته:

"اسان کي تحفة الڪرام ۾ ڇپيل ڪاري ۽ اڇي رنگ ۾، چترڪاريءَ جا نمونا نظر آيا، جيڪا ڏاڍي دلچسپ ڳالهه آهي. تحفت الڪرام کي، سيد حسام الدين راشديءَ ايڊٽ ڪيو آهي. تحفة الڪرام ۾ ڏنل اُنهيءَ چترڪاريءَ جا تفصيل هن ريت آهن:

(1) مرزا غازي بيگ ولد مرزا جاني بيگ (وفات 1062هه/1644ع) ترخان جي "مغليه لباس، ۾ تصوير ڏنل آهي. هن تصوير ۾ ڏيکاريو ويو آهي ته مرزا غازي بيگ جو شهنشاهه جهانگير جي دربار جي آدرڀاءَ ڪيو پيو وڃي. هيءَ تصوير يقيناً مغليه فن مصوريءَ جي مڪتب فڪر جو نمونو آهي ۽ مغليه فن مصوريءَ کي نمايان ڪري ٿوي.

(2) ساڳئي ڪتاب (تحفة الڪرام) ۾ مرزا غازي بيگ جي جسم جي اڌ حصي جي، اُڇي ۽ ڪاري رنگ ۾ تصوير ڏني ويئي آهي. هيءَ تصوير 'منوهر' نالي مصور جي ناهيل آهي. هن تصوير ۾ به مرزا بيگ 'مغل ويس' ۾ ڏيکاريو ويو آهي. سندس (مرزا غازي بيگ جي) ڪابي هٿ ۾ گل جهليل آهي. مرزا صاحب کي مٿي تي مغليه طرز جي پڳڙي پهريل آهي، انهيءَ ڪري اهو پڪ سان چئي سگهجي ٿو ته هيءَ تصوير اُن مصور جي ناهيل آهي، جيڪو مغليه مصوريءَ جي نموني جو چڱيءَ طرح ڄاڻو هو.

(3) ساڳئي ڪتاب (تحفة الڪرام) ۾، مرزا غازي بيگ ترخان جي پوري جسم جي، سفيد ۽ ڪاري رنگ ۾ تصوير ڏني وئي آهي. هن تصوير جو نمو، بلڪل اُهوئي ساڳيو آهي. جهڙو تصوير نمبر ٻئي ۾ بيان ڪيو ويو آهي.

(4) مذڪوره ڪتاب ۾، مير ابوالبقا امير خان، جيڪو ٺٽي جو سن 1039هه کان 1601هه تائين ۽ وري 1052هه کان سن 1057هه تائين گورنر رهيو هو، اُن جي اڌ جسم جي تصوير، اڇي ۽ ڪاري رنگ ۾ ڏنل آهي. اها تصوير به مغل فن مصوريءَ جي نمائندگي ڪري ٿي. امير کي مغليه طرز جو لباس پهريل ڏيکاريو ويو آهي.

(5) هڪ ٻي رنگين تصوير جيڪا شهزادي ميان عطر خان ڪلهوڙي جي آهي. هن تصوير جي اِپياس مان معلوم ٿو ٿئي ته سنڌي چترڪار، چترڪاريءَ جي فن ۾ وڏا ماهر هوندا هئا.

ميان محمد عطر خان جي اِها تصوير عالي جناب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، اڱواٽيءَ بهاولپور رياست جي شهر صادق آباد جي ويجهو رهندڙ، ڪنهن عباسي ڪٽنب وٽان، هڪ ڳوٺ مان هٿ ڪئي هئي. بقول ڊاڪٽر صاحب جن جي، اهو عباسي ڪٽنب پاڻ کي "ڪلهوڙا خاندان" جي شاهي گهراڻي جي پونيرن مان هجڻ جي دعويٰ ٿو ڪري. مذڪوره تصوير، سنڌالاجيءَ طرفان شايع ٿيندڙ "بليٽن" ("Bulletion" vol II, No: 1, 1972) ۾ شايع ڪئي وئي هئي، ۽ بعد ۾ "ڪلهوڙا انٽرنيشنل ڪانگريس" (ڪراچي، 1996ع) جي موقعي تي ڊاڪٽر بلوچ صاحب جن جي نگرانيءَ ۾ شايع ٿيل ڪتابن مان ڊاڪٽر صاحب جي ڪتاب "باقيات از احوال ڪلهوره" ۾ به درج ٿيل آهي. اِهي ڪتاب ڪانفرنس جي روح روان انجنيئر يعقوب علي زرداريءَ وڏي اهتمام سان شايع ڪيا هئا.

هن تصوير ۾ ميان محمد خان کي سنڌي پهراڻ (چولو) ۽ شلوار پاتل ڏيکاريو ويو آهي. ميان صاحب جي "پهراڻ" (چولي) تي شڪارپوري نموني جو پرت پريل آهي. شهزادي کي ڪلهي تي وڏو رومال (scrnf) رکيل آهي، جنهن تي به سنڌي پرت پريل آهي ۽ اُن جي ڇيڙن تي ڦندڻ نهيل آهن.

شهزادي محمد عطر خان جي ڇهري جي آرڪاٽا، اُتر - سنڌ ۾ آباد بروهي قبيلي جي آرڪاٽن جهڙا آهن. ميان محمد عطر خان جي ڏاڙهيءَ جو خط به سنڌي نموني جو آهي. تصوير ۾، جنهن وهاٽي تي شهزادو ٽيڪ ڏيئي وينل ڏيکاريو ويو آهي، اُهو وهاٽو ڇُريل سنڌي ڪپڙي مان نهيل آهي. وهاٽي جي چوَ واري

شهر ۾ شهداداڻي ميرن جي قبن اندر ديوارن تي ڪيل نقش نگاري، فنون لطيف سان دلچسپي رکندڙ ماڻهن، خاص ڪري مصوريءَ جي فن سان دلچسپي رکندڙن جو ڌيان ڇڪائي ٿي.

7 ـ (الف) سنڌي مصورن، 'سخت ڪپڙي' (canvas) تي به مصوري ڪئي آهي. "ڪئنواس" تي سنڌي مصورن طرفان ڪيل رنگين مصوريءَ جا بهترين نمونا 'مير شهداد خان' (وفات 1875ع)، حيدرآباد جي هڪ ٽالپر حاڪم، جي تصويرن جا مثال طور ڏسي سگهجن ٿا. هن تصوير ۾، مير شهداد خان کي گهوڙي تي سوار ٿيل ڏيکاريو ويو آهي. مير صاحب 'پور' (grey) رنگ جي گهوڙي تي، ٽالپر شهزادي جي خاص لباس ۾ ملبوس ڏيکاريل آهي. هيءَ مصوري، انساني قد يعني life-size ۾ آهي. مير صاحب جي چوڌاري سنڌي ماڻهن جو ميڙ ڏيکاريل آهي. هر ماڻهوءَ جي مٿي تي ڍال سان گڏ ڪجهيءَ جي ڦڙهن جو دلبو رکيل آهي. مير صاحب جي ساڄي طرف، سندس ڇيلهه تي جواهرن سان جڙيل تلوار لٽڪيل آهي. گهوڙي جي ٽنگن جي بيهڪ ۽ گهوڙي جي باقي جسم جي بيهڪ ۾ هم آهنگي آهي. گهوڙي تي سنجن مٿان، مير شهداد خان ويٺل آهي. اهي سنج سون جي ڌاڳي سان ڀريل، سنڌي ڀرت سان سينگاريل آهن. هن مصوريءَ جي ماپ '39"X33.4 آهي. هن مصوريءَ جي اڀياس مان پتو پوي ٿو ته اها مصوري اُوڻيهين صديءَ عيسويءَ ۾، حيدرآباد ۾ ناهي وئي هئي.

(ب) اهڙيءَ طرح سيد آغا اسماعيل شاهه اصفهاني، جيڪو مير ڪرم علي خان ٽالپر جي حڪومت واري زماني ۾ وزير خارجه هو، اُن جي پورٽريٽ جي ڪيل مصوري به ٽالپر دؤر جي مصوريءَجي فن جو هڪ بهترين نمونو آهي. اُنهيءَ تصوير ۾، سيد آغا اسماعيل شاهه کي گلم تي ويٺل ڏيکاريو ويو آهي. اُنهيءَ تصوير ۾، سيد آغا اسماعيل شاهه کي گلم تي ويٺل ڏيکاريو ويو آهي. ان گلم جا ڪنارا به اُڻيل آهن. ۽ آغا صاحب جي هٿ ۾ گلاب جو گل آهي. ڪيس خاص نموني جي سنڌي ٽوپي پاتل آهي، جنهن جو رنگ "هلڪو قرمزي" (maroon) آهي. ڪيس ڦڪي رنگ جي شال اوڍيل آهي. هن پورٽريٽ جي ماپ "x7.2" 10.6 آهي، اهو پورٽريٽ به اُوڻيهين صديءَ عيسويءَ ۾ ٺهيل ٿو لڳي.

(ت) حيدرآباد ۽ خيرپور جي ٽالپر حاڪمن جي پونيرن وٽ باتصوير قلمي نسخن جو به وڏو تعداد موجود آهي. اهي قلمي نسخا پڻ مصوريءَ جي فن جي تاريخ بيان ڪن ٿا. اُنهن قلمي نسخن جي ڏسڻ سان سنڌ ۾ فن مصوريءَ جي ارتقا جي باري ۾ تمام گهڻي معلومات ملي ٿي. انهن نسخن جي اڀياس کان پوءِ چئي سگهجي ٿو ته سنڌ ۾ سمن، ارغونن ۽ ترخانن جي دؤر کان وٺي ڪيترائي مصور موجود هئا، جيڪي مصوريءَ جي فن ۾ هميشه رڌل رهيا.

(ث) سنڌ ۾ قديم زماني کان وٺي جيڪي مصور ٿي گذريا آهن، اُنهن مان ڪن جا نالي ملي سگهيا آهن. مثال طور ترخانن جي دور ۾، جيڪو مصور گهڻي قدر مشهور هو اُن جو نالو "منوهر" هو. هن مصور جي سوانح حيات بابت گهڻي خبر پئجي نه سگهي آهي. اهڙيءَ طرح مغل نوابن ۽ ڪلهوڙن جي حڪومت واري زماني جي مصورن جي نالن جي خبر نٿي پوي، البت ٽالپرن جي دؤر ۾ جيڪي مشهور مصور هئا، اُنهن مان ڪن جا نالا هي آهن:

(1) مرزا علي اڪبر غازي: مصوُر، مير محمد نصير خان جو 'واٽر ڪلر' ۾ پورٽريٽ ناهيو هو، اُنهيءَ پورٽريٽ ۾، مير صاحب پنهنجي شاهي لباس ۾ ويٺل ڏيکاريل آهي. هُو پنهنجي ٽنگ، ٻيءَ ٽنگ جي مٿان (cross-legged) رکي، هڪ وڏي وهاڻي تي، ٽيڪ ڏيو ويٺو آهي. سندس تلوار، سندس کاٻي گوڏي تي رکيل آهي، ۽ سندس ساڄي هٿ ۾ تسبيح (rosary) جهليل آهي. هن پورٽريٽ جي ماپ "x1.7"" 10 آهي. هيءُ پورٽريٽ، قائداعظم جي نوادرات ۾ شامل آهي. هن وقت اهو پورٽريٽ ڊپارٽمينٽ آف آرڪيالاجي، حڪومت پاڪستان جي ملڪيت آهي.

(2) ٻيو مصور هو عبادالمذهنب خادم بردواني (وفات 1272هه).

هن مصور جا ناهيل پورٽريٽ، مٿي بيان ڪيل اردو ديوان ۾ موجود آهن، جيڪي ٽالپرن جي دؤر جي بهترين مصوريءَ ۾ شمار ٿين ٿا.

(2) ڪيترائي مصور، سنڌ جي وچ مشرق وارن ملڪن کان اُن زماني ۾ آيا، جنهن زماني ۾ ترڪن اُهي ملڪ فتح ڪيا، جيڪي هن وقت ايران، افغانستان ۽ پاڪستان ۾ شامل آهن.

8 - (الف) انگريزن جي زماني ۾ اُن کان پوءِ ورهاڱي جي ڪري پاڪستان ۾ ڪيترائي مشهور مصور ٿي گذريا آهن. منهنجي پنهنجي زندگيءَ ۾ مون ڪيترائي نالي وارا مصور ڏٺا، جن مان ڪيترن سان ته منهنجا واسطا به رهيا. اُنهن مان ڪن سنڌالاجيءَ طرفان شايع ٿيندڙ ڪتابن جي سرورقن لاءِ مدد ڪئي؛ ڪن کان سنڌي ادبي بورڊ جي طرفان شايع ٿيندڙ ڪتابن جا سرورق ٺهرايا ويا. ڪن سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جي اشاعتي سلسلي جا سرورق ناهيا ته ڪن وري خانگي اشاعتي ادارن لاءِ ڪم ڪيو. ڪن چٽڪارن، 'مهراڻ'، 'نئين زندگي'، 'روح رهاڻ'، 'سهڻي' ۽ ٻين رسالن لاءِ خاڪا ۽ رسالن جا سرورق ناهيا.

(ب) اُنهن مصورن مان ڪن سنڌ جي روزانه زندگيءَ جي منظرن جا چٽ چٽيا، برش ذريعي فن جي شائقين جو توجهه ڇڪايو. اُنهن مان ڪن مصورن جا ناهيل زندگيءَ جا اهڙا منظر، سنڌالاجيءَ ۾ قائم ڪيل 'انڊس آرٽ گئلري'، شهباز بلڊنگ، حيدرآباد ۾ شهباز هال، سنڌ ڪلچر ڊپارٽمينٽ طرفان هندو جمخانه ۾ قائم ڪيل آرٽ گئلري، ايليمينٽري ڪاليج (مردانه) حيدرآباد جي ڊرائنگ ٽيچرس ٽريننگ ڪاليج جي گئلري، سنڌ جي ڪن هاءِ اسڪولن ۾ ڊرائنگ هالن کان سواءِ، سنڌ ۾ فن جي شوقين زميندارن، وڏيرن جي اوطاقن ۽ مهمان خانن ۾ اهڙن فنڪارن جي ناهيل شهپارن جي قدردانيءَ جا دليل ڏين ٿا. سنڌ ڪلچر ڊپارٽمينٽ جي اداري "مهراڻ آرٽس ڪائونسل" ۾ به مختلف چترڪارن جي فن جا نمونا موجود آهن. انهيءَ هوندي به آءٌ ته ائين چوندس ته سنڌي مصورن جي صحيح معنيٰ ۾ همت افزائي ڪانه ٿي آهي.

(ت) منهنجي ذاتي راءِ موجب سنڌ جا ڪي مثالي چترڪار ڪنَ ادارن مان تربيت حاصل ڪري پيدا ٿيا، ته ڪي مصور وري ڄمندي ئي ڄام هئا. مون کي خبر نه آهي ته محترم ع. ق. شيخ، محترم ظفر ڪاظمي، محترم گل محمد کٽري ۽ محترم محرم راز انهيءَ فن جي تربيت ڪٿان حاصل ڪئي يا سندن اُستاد ڪير هئا؟ اهڙيءَ طرح اُستاد نور محمد پناهڻ ۽ محترم لال محمد پناهڻ (ميرپورخاص وارو) يا ٽنڊي محمد خان جي ٨٧ اسڪول جي ڊرائنگ ماسٽر قاضي محمد بن قاسم، مصوريءَ جو فن ڪٿان سکيا؟ حيدرآباد ۾ ايليمينٽري ڪاليج (مردانه) ۽ نولراءِ هيرانند اڪيڊميءَ کان سواءِ نور محمد هاءِ اسڪول، ڪُندنمل گرلس هاءِ اسڪول، ميران گرلس هاءِ اسڪول، نوُ وديالي هاءِ اسڪول، اهڙيءَ طرح هالا، ڪنڊياري، نوشهروفيروز، نواب شاهه، شڪارپور، سکر، لاڙڪاڻي، دادو، ٽنڊي باگي ۽ ڪراچيءَ ۾ اين. جي. وي. هاءِ اسڪول، سنڌ مدرسي ۽ ٻين ڪيترن ئي هاءِ اسڪولن ۽ ٨٧ اسڪولن ۾، هڪ "مضمون" طور ڊرائنگ جي باقاعده سکيا ڏني ويندي هئي، ۽ انهيءَ مضمون لاءِ "ڊرائنگ ماسٽر" جي آسامي هوندي هئي، جنهن تي قابل ۽ مشهور اُستاد مقرر ٿيل هوندا هئا.

مون به ٽنڊي محمد خان جي تڏهوڪي ٨٧ اسڪول ۾، مشهور اُستاد قاضي محمد بن قاسم وٽ، ڊرائنگ جي تربيت ورتي ۽ انٽر جي امتحان جي تياري پڻ ڪئي.

9 - (الف) سنڌ جي مشهور مصورن ۾ محترم ع. ق. شيخ جو پنهنجو نمونو (style) آهي، ته وري محترم گل محمد کٽريءَ ۽ ظفر ڪاظميءَ جو بنهه پنهنجو "انداز" (style) آهي. انهن ٽنهي چترڪارن جي رنگن جي پسندگي به پنهنجي پنهنجي آهي. مون کي خبر آهي ته انهن مصورن جي مصوريءَ جي باري ۾ ڪنهن چترڪار، ناقدانه نظر سان تبصرو ڪيو آهي يا نه؟ مصوريءَ جي فن ۾، خاص ڪري منظر ڪشيءَ ۾ محترم مسرت مرزا، محترم عبدالرحيم ناگوري، محترم لال محمد پناهڻ ۽ محمد عظيم چانڊيو به

آهيان. (3) ڊرائنگ ٽيچرس ٽريننگ سينٽر ـ هن اداري جو به مٿي ذڪر ڪيو ويو آهي. (4) سنڌ يونيورسٽيءَ جي انسٽيٽيوٽ آف ايجوڪيشن ـ هن ادري ۾، هن مضمون ۾ اُستادن خاص ڪري ”آرٽ ٽيچرن“جي سکيا لاءِ مرڪز قائم ڪيو ويو هو. هن مرڪز جو پهريون سربراهه محترم ظفر ڪاظمي هو. ظفر ڪاظمي صاحب کي، هِت ڪراچيءَ جي اين. جي. وي هاءِ اسڪول مان آندو ويو هو. ڪاظمي صاحب جي، سنڌ ميوزيم حيدرآباد ۾ تاج محمد صحرائيءَ ڪان پوءِ، ڊائريڪٽر طور مقرر ٿي وڃڻ ڪان پوءِ سندس سائي اُستاد، محترم دارا ابڙي کي هن شعبي جو انچارج مقرر ڪيو ويو. دارا صاحب کي آمريڪا مان اعليٰ فني تربيت پڻ ڏياري وئي. اهو ياد رهي ته هن شعبي جو روح روان، دراصل، انسٽيٽيوٽ جو ڊائريڪٽر جناب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ هو. جنهن سڄيءَ سنڌ مان آرٽس ۽ ڪرافٽس جا بيشمار نوادرات گڏ ڪري هن مرڪز ۾ رکيا هئا. اهي نوادرات پوءِ، جڏهن ڊاڪٽر صاحب سنڌ يونيورسٽيءَ جا وائيس چانسيلر ٿيا، تڏهن سندن ئي حڪم سان، سنڌالاجيءَ جي ميوزيم ۾ منتقل ڪيا ويا.

(5) چوٿون سرچشمو سنڌ يونيورسٽيءَ جو ماڊل اسڪول هو، جنهن ۾ شروع شروع ۾ ته خبر نه آهي ته آرٽ جو اُستاد ڪير هو (غالباً ظفر ڪاظمي صاحب هو)، پر مون کي 1954ع ۾، علي اڪبر سومرو، ”ڊرائنگ جي مضمون“ جي اُستاد طور تمام گهڻو سرگرم نظر ايندو هو. علي اڪبر سومرو مرحوم، پنهنجي ڪلاس کي منظر ڪشيءَ واري چٽڪاريءَ جي سکيا لاءِ، حيدرآباد جي ڪنٽونمينٽ واري موجوده ”قاسم چوڪ“ وٽ (هاڻي قائم ڪيل پيٽرول پمپ جي سامهون، ٽڪريءَ جي ڪنڌ تي)، ڪڏهن ڪڏهن پنهنجن شاگردن کي ويهاري انهن کي لئنڊس اسڪيپ ٺاهڻ جي تربيت ڏيندو هو. منهنجي وڏي نياڻي، ڪنيزة الزهره، جنهن کي ڊرائنگ ۽ مصوريءَ جو گهڻو شوق هوندو هو، اُن وقت ماڊل اسڪول ۾ پرائمري ۾ پڙهندي هئي. اُن جي مصوريءَ جي شوق ۾، محترم علي اڪبر سومري جي پنهنجي ذاتي ڪوشش به هئي. منهنجي ڌيءَ فائين آرٽس ۾، سنڌ يونيورسٽيءَ مان بي. اي ڪئي. پوءِ منهنجي نياڻيءَ سميت ڪن شاگرديائين، سنڌ يونيورسٽيءَ جي فائين آرٽس شعبي مان ايم. اي. ڪان ڪئي. ۽ وڃي لائبرري سائنس شعبي ۾ داخلا ورتائون. اُن لاءِ به ڪي اهڙا سبب هئا، جن جو هينئر تفصيل ۾ وڃڻ مناسب نه آهي!

(ب) سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ فائين آرٽس شعبي جي قائم ڪرڻ ۾، تڏهوڪي وائيس چانسيلر سيد غلام مصطفيٰ شاهه جو اهم ڪردار هو. هن شعبي جي لاءِ ٽن چڻن گڏجي اسڪيم ٺاهي. اُهي ٽي ماڻهو، مرحوم خليل الرحمان مغل، ڊائريڪٽر پلاننگ سنڌ يونيورسٽي، ٻيو محترم علي نواز ڦلپوٽو ۽ ٽيون ”آءٌ“ هوس. اها اسڪيم پهرين بي. اي. جي سکيا تائين، پوءِ اسان وري انهيءَ شعبي ۾ ايم. اي. جي سکيا لاءِ به اسڪيم ٺاهي.

(ت) علي نواز ڦلپوٽو صاحب هن شعبي جو باني چيئرمين ٿي رهيو. پوءِ محترمه مسرت مرزا ۽ محترم عبدالرحيم ناگوري به اُستاد طور مقرر ٿيا. ڪجهه عرصي ڪان پوءِ محمد علي ڀٽي صاحب لاهور مان غالباً پنجاب يونيورسٽيءَ جي فائين آرٽس شعبي مان ايم. اي. ڪرڻ ڪان پوءِ، هن شبعي ۾ اُستاد مقرر ٿيو.

(ث) شعبي لاءِ اُستاد ته مقرر ٿيندا ويا، پر هن شعبي لاءِ جڳهه اُهائي ساڳي هئي، يعني جاگرافي شعبي لاءِ ٺهرايل عمارت جو هيٺيون اڌ. اها عمارت به ڪين سائين غلام مصطفيٰ شاهه جي حڪم موجب ڏني وئي هئي.

(ج) هن شعبي جي گهرجن ۽ پروگرامن جي لحاظ ڪان، اُها جاءِ گهڻي اڻپوري هئي. 1994ع مون، شعبي جي چيئرپرسن محترمه مسرت مرزا ۽ اُستاد سان گڏجاڻي ڪري، شعبي جي لائبرريءَ لاءِ گهربل ڪتابن، شاگردن جي پرئڪٽيڪل ڪم لاءِ ورڪشاپ، اُستادن لاءِ آفيس ۽ ٻين ضرورتن تي سوچيو، ۽ فيصلو ڪيو ته هن شعبي لاءِ، نئين عمارت جي گهڻي ضرورت آهي. منهنجي چوڻ تي، يونيورسٽيءَ جي پلاننگ ڊويزن هن اسڪيم تي ڪم ڪرڻ شروع ڪيو.

(د) شعبي جا اڳواڻ اُستاد ناگوري صاحب، مسرت مرزا صاحبہ، علي نواز ڦلپوٽو صاحب پنهنجي پنهنجي فن ۾ مڃيل آرٽسٽ هئا. اُنهن مان ناگوري صاحب جو هن وقت بہ وڏو مقام آهي. مسرت مرزا جي مقبول هجڻ جو ثبوت هيءُ آهي جو هن آرٽسٽ جي مصوريءَ جا ڪي نادر نمونا "پاڪستان ڪائونسل آف آرٽس، جي گئلريءَ ۾ بہ نمائش لاءِ رکيل آهن. مسرت مرزا جي چونڊ مصوريءَ جي نمائش، 1987ع، راولپنڊيءَ جي آرٽ گئلريءَ ۾ ٿي هئي، جنهن جو افتتاح، اُن وقت جي وزير تعليم سيد فخر امام ڪيو هو. اُن نمائش ۾ سيده عابده حسين پڻ شريڪ ٿي. پنهنجي فن ۾ علي نواز ڦلپوٽي صاحب بہ چڱي عزت ۽ مڃتا ماڻي آهي.

(هہ) محمد علي پٽي صاحب (هاڻي ڊاڪٽر محمد علي پٽي)، آمريڪا مان 1998ع ۾ هن فن ۾ پي. ايڇ. ڊي ڪري موٽيو آهي. اهڙيءَ طرح هن شعبي جي محنتي اُستادن ۾ انجم پيرزاده صاحبہ، منصور عالم ابڙو، عاشق عارباڻي، مستقبل جا فنڪار ناهڻ ۾ ڪوشش ڪري رهيا آهن. ٽن چئن سالن کان ٻيا بہ ڪي نوجوان اُستاد طور مقرر ٿيا آهن، اُنهن ۾ نعمت خلجي صاحب جو ڪم مون ڏٺو آهي. خلجي صاحب جو هونءَ بہ نالو ٻڌجي پيو. مطلب تہ انهن سرچشمن کان سواءِ ٻيا بہ ڪي مرڪز هوندا، جن مان بہ اُميد آهي تہ سنڌ ۾ سٺا سٺا آرٽسٽ پيدا ٿيندا.

(س) 1990ع کان وٺي فائين آرٽس شعبي طرفان هر سال، علامہ آءِ. آءِ. قاضي لائبريريءَ جي هڪ هال ۾، فائين آرٽس جي ايم. اي. فائينل جي شاگردن جي ٿيسزن جي نمائش ٿيندي آهي، جتي سٺن ۽ هوشيار شاگردن جي وائيس چانسيلر ۽ حاضرين طرفان همت افزائي ڪئي ويندي آهي.

12 - (الف) مون 1986ع ۾ جپان جي علمي اپياس واري دوري دوران، ٽوڪيو يونيورسٽي ۽ فائين آرٽس ۾ ايم. اي. جي ڊگري ڏيندڙ ٻين ادارن ۾، شاگردن جي ڪيل مصوريءَ ۽ آرٽس جي ٻين ڪمن جي نمائش ڏٺي هئي. انهيءَ قسم جي ٻيءَ نمائش ۾، 1987ع ۾، مون پنجاب يونيورسٽيءَ جي فائين آرٽس جي شاگردن جا چتر ۽ فن جا ٻيا نمونا ڏٺا هئا. جپان واري سفر کان واپس اچڻ کان پوءِ، "پارس" رسالي ۾ ڏنل پنهنجي مضمون مون اهڙو اظهار ڪيو هو ۽ لکيو هئم تہ ڪاش! سنڌ يونيورسٽيءَ جي فائين آرٽس شعبي جي ايم. اي (فائينل) جي شاگردن جي اهڙين ٿيسزن جي هر سال نمائش ڪئي وڃي.

(ب) سال 1990ع ۾، ڊاڪٽر رشيد احمد شاهہ صاحب جي وقت ۾، اهڙيءَ نمائش جي شروعات ڪئي وئي. 1993ع ۽ 1994ع ۾، منهنجي ٻن سالن واري دور ۾. اهڙي قسم جون هڪ ٻئي پٺيان بہ نمائشون ٿيون. هاڻ تہ اُنهن نمائشن جو سلسلو هر سال جاري رهندو اچي. خوشيءَ جي ڳالهہ آهي جو سنڌ يونيورسٽيءَ جي هن شعبي مان بہ ڪي سٺا آرٽسٽ تيار ٿي نڪتا آهن، اُنهن مان ڪي هي آهن:

(1) نعمت خلجي - هيءُ لئنڊس اسڪيپ جو سٺو فنڪار آهي. (2) فتاح دائود پوٽو - پورٽريٽ ۽ ٻين شعبن ۾ سٺو آرٽسٽ مڃيو ويو آهي. (3) لطف انصاري - سٺو چترڪار آهي. ماڊل ميڪنگ ۾ بہ سٺي ڄاڻ ائس. آرٽ جي تاريخ تي تحقيق جو شوق ائس. (4) سعيد منگي - گرافڪ ڊزائننگ ۾ سٺو آرٽسٽ ثابت ٿيو آهي. (5) علي عباس - اسڪيچ ڊائننگ ۾ مڃتا ماڻي ائس. (6) ريڪا شهاڻي - عام چترڪاريءَ ۾ دلچسپي هيس. هاڻي آميريڪا هلي وئي آهي. (7) غلام قاسم خاصخيلي - "اِمپريشنزم" ۾ مهارت رکي ٿو. (8) رفيق سومرو - لئنڊس - اسڪيپ ۾ سٺي مڃتا رکي ٿو.

اهڙيءَ طرح سنڌ يونيورسٽيءَ جا بہ ٻيا بہ شاگرد هئا: نصرت منگي ۽ رياض منگي.نصرت تہ "اسڪلپچر" ۾ وڏو نالو پيدا ڪيو آهي. اُن طرح ظفر ڪاظميءَ جي نياڻي عظميٰ ڪاظمي، آبي رنگن ۾ "شاهہ جي سورمين" تي تحسين جوڳو ڪم ڪيو آهي.

13 - (الف) اڳي هاءِ اسڪولن مان، هر سال، ڊرائنگ ۾ انٽر جي امتحان لاءِ شاگرد تيار ڪيا ويندا هئا، جن جو تعليم کاتي جي ڊرائنگ انسپيڪٽر طرفان امتحان ورتو ويندو هو. جيڪي شاگرد انٽر ڊرائنگ جو امتحان پاس ڪندا هئا. اُنهن ڪي پوءِ

ماڻي چڪا آهن، جن ۾ بيبي نورالهديٰ شاهه جا ڪتاب "رڻ ۽ رُج جو اتهاس" ۽ "ڦيدياڻيءَ جون اکيون ۽ چنڊ" ۽ ٻيا شامل آهن.

تاريخ 23 مئي 2002ع کان سنڌالاجيءَ ۾ هفتي لاءِ سنڌ جي ناميارن مصورن جي مصوريءَ جي نمائش ڪئي وئي هئي. جنهن ۾ هيٺين فنڪارن حصو ورتو هو. طارق عالم ابڙو، جعفر حسين، پرويز، رضوان، عبدالله، آغا نادر، سعيد منگي، شوڪت ڪوڪر، عاشق ٻبر، شهه ديو، سلطان چانڊيو، منظور منگي ۽ فياض هڪڙو. هن نمائش جي افتتاح واري تقرير ۾ ڊاڪٽر محمد علي پٺيءَ چيو ته: "هر آرٽسٽ جو پنهنجو منفرد انداز آهي، جيڪو هر ڏسندڙ تي گهرو اثر ڇڏي ٿو."

(ت) سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ ۾ جڏهن "سنڌي لنگئافون" پروجيڪٽ جي "ورڪ بڪ" ۾ اسڪيچن جي شامل ڪرڻ جي سلسلي ۾ گهربل آرٽسٽ جي ڳولها شروع ڪئي وئي، تڏهن فقط "علي اڪبر سومرو" ئي هڪ اهڙو آرٽسٽ نظر آيو، جيڪو "ورڪ بڪ" لاءِ گهربل اسڪيچ ٺاهڻ ۾ ڪامياب ٿيو هو. علي اڪبر، ورڪ بڪ لاءِ 1998ع تائين سڀ اسڪيچ تيار ڪري ورتا ۽ 1999ع ڌاري هي جهان ڇڏي ويو. اُن وقت جڏهن"اينسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا" لاءِ اسڪيچن ۽ ٻئي مواد ٺاهڻ جي، اسان کي سنڌس ضرورت هئي.

(ث) اٿارٽيءَ جڏهن (سال 1999ع ۾) ٻارن جي ادب جو شعبو شروع ڪيو ۽ ٻارن لاءِ ڪتاب تيار ٿيڻ لڳا تڏهن وري به اسان کي اهڙي آرٽسٽ جي ڳولا هئي، جيڪو ٻارن جي ڪتابن لاءِ اسڪيچ ٺاهي سگهي. ڪافي ڳولا کان پوءِ "علوي حسين، نالي اهڙو آرٽسٽ هٿ آيو، جيڪو ٻارن جي ڪتابن لاءِ معياري "خاڪا" ٺاهي ٿي سگهيو، جيتوڻيڪ هو لاچاري حالت ۾ سنيمائن جا بورڊ ٺاهيندو هو. علي حسين اٿارٽيءَ کي ٻارن جي پنجن ڪتابن ۽ "اينسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا" جي پهرئين جلد لاءِ خاڪا ۽ تصويرون ٺاهي ڏنيون.

(ج) مون کي ان سلسلي ۾ اوپن يونيورسٽيءَ ۾ اسڪيچن جي ٺهرائڻ جو وڏو تجربو رهيو آهي. اوپن يونيورسٽيءَ ۾ نه فقط درسي ڪتابن لاءِ "اسڪيچ آرٽسٽ" جي هر وقت ضرورت ٿيندي هئي پر خواندگيءَ لاءِ مواد تيار ڪرڻ ۽ ٽيلويزن تي سکيا واري مواد جي تياريءَ لاءِ پڻ اسڪيچن جي ضرورت ٿيندي هئي. اوپن يونيورسٽيءَ ۾، هن سلسلي جو هڪ مڪمل شعبو آهي، جنهن ۾ پاڪستان جا سٺا ۽ چونڊ اسڪيچ آرٽسٽ، چترڪار، خطاط ۽ خوش نويس ڳولهي مقرر ڪيا ويا هئا. اوپن يونيورسٽيءَ جي هن شعبي ۾ جدا جدا شاخون آهن، جن ۾ خوشنويسيءَ، خطاطيءَ ۽ ڪتابت کان سواءِ مصوري، اسڪيچ ڊرائنگ، ماڊل ميڪنگ، فوٽو گرافي ۽ گرافڪ ڊزائننگ جا ڀاڱا به آهن. هر ڀاڱي جو ڌار سربراهه آهي. سڄي شعبي جو سربراهه هارون شيخ آهي. ان جي هٿ هيٺ مختلف ماهر ڪم ڪن ٿا، جن ۾ بخاري صاحب، عاشق، ماريا، شهناز، جاويد شيخ، سڪندر، ذاڪر ۽ ٻيا به آرٽسٽ آهن، جن جا نالا هينئر ذهن تي نٿا اچن. اوپن يونيورسٽيءَ جي پبليڪيشن شعبي ۾ پاڪستان جو هڪ مشهور خوش نويس ۽ خطاط، جنهن جو نالو غالباً يوسفي آهي. هن صاحب کان سواءِ هڪ ٻي ماهر چترڪار، اسڪيچ آرٽسٽ ۽ مصور به هوندي هئي. جنهن جو نالو "گيتي آرا" هو، جيڪا شادي ٿيڻ کان پوءِ، پنهنجي مڙس سان گڏ آمريڪا هلي وئي.

(ر) منهنجي خيال ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ کي به فائين آرٽس جي بي. اي ۽ ايم. اي ڪورسن لاءِ، پنهنجي نصاب ۾ تبديلي آڻڻ گهرجي. هاڻ ته ڪمپيوٽر تي گرافڪ ڊزائنگ ۽ ٽيڪسٽائيل ڊزائننگ جهڙا ڪم ٿين ٿا. انهيءَ ڪري نئشنل ڪاليج آف آرٽس مان ڪنهن ماهر اُستاد کي گهرائي، اُن جي مدد سان نصاب ۾ مناسب تبديلي آڻڻ گهرجي. هاڻ صرف مصوريءَ جي سکيا سان بيروزگار آرٽسٽ پيدا ٿيندا!

15 ـ (الف) محترمه بينظير ڀٽو جي پهرئين دور ۾، تڏهوڪي وفاقي وزير تعليم، سيد غلام مصطفيٰ شاهه صاحب جي دلچسپيءَ سان، سنڌ لاءِ "فيڊرل ڪاليج آف آرٽس ۽ ڊزائننگ" جي اسڪيم منظور ڪئي وئي، ۽ فيصلو ڪيو ويو ته اهو ڪاليج ڄام

شوري ۾، سنڌ يونيورسٽيءَ جي سهڪار سان ڪم ڪري، ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ سان ملحق هجي.

(ب) 1992ع ۾ تڏهوڪي وائيس چانسيلر محترم ڊاڪٽر رشيد احمد شاهه جي سفارش تي مون کي انهيءَ اسڪيم جو پروجيڪٽ ڊائريڪٽر مقرر ڪيو ويو. پيپلس پارٽيءَ جي حڪومت ختم ٿيندي ئي، وفاقي وزارت تعليم فيصلو ڪيو ته اِهو ڪاليج سنڌ يونيورسٽيءَ پنهنجي بجيٽ مان پاڻ سنڀالي ۽ اُن لاءِ وفاقي حڪومت ڪابه الڳ گرانٽ ڪانه ڏيندي. وزارت تعليم جي پلاننگ ونگ جي ايجوڪيشنل ائڊوائيزر، محترم محمد منير، جنهن سان منهنجا تمام سٺا ۽ دوستاڻا ناتا هئا، تنهن هن کي اسلام آباد سڏايو ۽ هن ڪاليج هجي مستقبل جي سلسلي ۾ مون سان مشورو ڪيو. نيٺ اهو فيصلو ٿيو ته اهو ڪاليج، وفاقي وزارت تعليم جي هڪ ڊار پروجيڪٽ جي حيثيت ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جي حصي طور ڪم ڪندو.

(ت) 21 جون ـ 1993ع کان 27 ـ جولاءِ 1995ع تائين آءٌ سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسيلر ٿي رهيس. انهيءَ عرصي دوران، مون مذڪوره ڪاليج جي PC-1 ۾ مناسب ترميمن ۽ اضافن سان اُن ڪاليج جو جامع ۽ مڪمل ڊرافٽ تيار ڪرايو. منهنجي تحرڪ تي تدريسي گهرجن تي محترمه مسرت مرزا نظر وڌي، ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ جي ڪئمپس ڪنسلٽنٽ، ڪاليج جي ڪئمپس جون ڊرائنگون تيار ڪيون. ڪاليج لاءِ گهربل زمين جي سلسلي ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ ۽ مهراڻ يونيورسٽيءَ جي وچ ۾ جيڪو تڪرار هو، اُن تڪرار کي، ڊاڪٽر رشيد احمد شاهه، گورنر صاحب جي ائڊوائيزر محترم جي. ڊي. ميمڻ جي مدد سان حل ڪرائي.اُن وقت جي گورنر سنڌ عاليجناب محمود هارون جي هٿان ڪئمپس جو سنگ بنياد رکرايو. ڪئمپس جو اهو بنياد، ڄامشوري واري ٽول پلازا جي سامهون، ڏکڻ ـ اولهه واريءَ ٽڪريءَ جي پيرانديءَ ۾، ٽول پلازا جي سامهون رکرايو ويو.

(ث) منهنجي دؤر ۾، يونيورسٽيءَ جي ڪنسلٽنٽ، ميسرس ظهير الدين ائنڊ ڪمپنيءَ، هن ڪئمپس جي عمارتن لاءِ جيڪي نقشا ٺاهيا هئا. اُنهن ۾ ڪاليج ڪئمپس جون اهي عمارتون حيدرآباد جي ”پُراڻي مَنگهن واري شهر“ جو جڻ ته نئون جنم ٿي نظر آيون. ظهير الدين ائنڊ ڪمپنيءَ جي مالڪ احمد پناڻ هڪ ڪئمپس کي 'Revival of the city of wind catchers' نالو ڏنو، ته وري سندس سائي انجنيئرن هن ڪئمپس کي 'Re-incarnation of the city of wind catchers' نالو ڏنو هو.

(ج) جڏهن ڪاليج جي بورڊ آف گورنرس جي گڏجاڻي ٿي، جنهن جي صدارت تڏهوڪي وزير تعليم سيد خورشيد احمد شاهه ڪئي، تڏهن شاهه صاحب، ڪئمپس جي نقشن جون ڊرائنگون ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو هو. هن مون کي ۽ احمد پناڻ کي مبارڪون ڏنيون. اُن ميٽنگ ۾ نقشا ۽ PC-1 منظور ڪيا ويا.

(ر) 28 ـ جولاءِ 1995ع تي، سنڌ يونيورسٽيءَ مان منهنجي وڃڻ کان پوءِ، نئين وائيس چانسيلر ۽ ڪنسلٽنٽ جي وچ ۾ ڪن فني ڳالهين تان نااتفاقيءَ سبب هن ڪاليج ڪئمپس لاءِ ڪنسلٽنٽ بدلايو ويو. نئين ڪنسلٽنٽ اڳوڻين منظور ڪيل ڊرائنگن کي بدلائي، نيون ڊرائنگون ٺاهيون. عمارتن جي تعمير لاءِ ٽينڊر طلب ڪيا ويا، ۽ ٺيڪيدار کي ڪم ڏنو ويو. انهيءَ فيصلي کي به ست ـ اٺ سال گذري چڪا آهن. آءٌ، ڪراچيءَ ويندي يا ڪراچيءَ کان موٽندي جڏهن انهيءَ ڪئمپس (جنهن جو اڃا يعني 2002ع تائين پهريون مرحلو به مڪمل نه ٿيو آهي)، جي سامهون لنگهندو آهيان، تڏهن محسوس ڪندو آهيان ته اسين (سنڌ جا ماڻهو) سُنن ۽ نون خيالن جي مخالفت ۾ هميشه ماهر آهيون، نه ته فقط اهو ڪئمپس احمد پناڻ جي ٺاهيل مثالي نقش موجب ڪڏهوڪو تعميرٿي وڃي ها، ۽ هن اينڊڙ ويندڙ ۽ ڏسندڙ ڪئمپس جي اڏاوت تي اچرج ۾ پئجي وڃيَ ها. هاڻ هن ڪئمپس جي موجوده عمارتن ۾ ڪابه نواڻ ۽ ڪابه جاذبيت نظر نٿي اچي.

16 ـ (الف) ڊاڪٽر نظير احمد مغل صاحب جي پوين ڏينهن ۾، حيدرآباد شهر جي سنڌ يونيورسٽيءَ

واري، عمارت "مينارام هاسٽل" ۾، "فيڊرل ڪاليج آف آرٽس" پنهنجو تدريسي ڪم شروع ڪيو، ۽ پروفيسر علي نواز ڦلپوٽي صاحب کي اُن ڪاليج جي پرنسپال مقرر ڪيو ويو. پهرئين سال ۾ ته ڪافي شاگرد داخل به ٿيا. ڦلپوٽي صاحب ڏاڍي گرمجوشيءَ سان تدرسي ڪم جي شروعات ڪئي.

(ب) ڊاڪٽر نظير احمد صاحب به پنهنجو وارو وڄائي ويو، ۽ ڊاڪٽر رشيد احمد شاهه وري ٻيو دفعو جولاءِ 1999ع ۾ وائيس چانسيلر مقرر ٿي آيو. هن دفعي شاهه صاحب پنهنجا چار سال پورا ڪري نه سگهيو ۽ غالباً ٻه سال رهيو ۽ پوءِ موڪل تي هليو ويو. شاهه صاحب سندس عهدي جي ٻئي سال، يعني سال 2000ع ۾، انهيءَ ڪاليج جو انتظام مهراڻ يونيورسٽيءَ جي حوالي ڪيو. اهو فيصلو ڪنهن ڪيو، پر جنهن به ڪيو تنهن سٺو فيصلو نه ڪيو، ڇاڪاڻ ته مهراڻ يونيورسٽيءَ جو هن ڪاليج جي تدريسي پروگرام سان ڪوبه واسطو ڪونهي. ڪاليج جي ڪئمپس جو ڪم اڃا هلندڙ آهي. ڪڏهن ختم ٿيندو، اهو منتظمين ئي ٻڌائي سگهندا. جنهن شوق ۽ جذبي سان محترمه بينظير ڀٽو ۽ سيد غلام مصطفيٰ شاهه صاحب، هن ڪاليج جي قيام لاءِ اِها اسڪيم منظور ڪئي هئي، اُن لاءِ ڇا بيان ڪجي؟ اهو جوش ۽ جذبو ڪئمپس تي اڃا تائين نظر نٿو اچي.

(ت) فيڊرل ڪاليج آف آرٽس اينڊ ڊزائننگ ۾ مستقبل ۾ سنڌ لاءِ سٺن آرٽسٽن جي پيدا ٿيڻ جون وڏيون اُميدون آهن. هن ڪاليج ۾ نه فقط سنڌ پر پاڪستان جي ٻين صوبن جي شاگردن جي داخلائن لاءِ به گنجائش رکيل آهي. ڪراچيءَ ۾ ته آرٽ جي سکيا لاءِ وڏا وڏا ادارا قائم ڪيا ويا آهن، پر اسان جون اُميدون ته فقط سنڌ يونيورسٽيءَ جي فائين آرٽس ڊپارٽمينٽ ۽ مذڪوره فيڊرل ڪاليج آف آرٽس اينڊ ڊزائننگ ۾ ڪتل آهن. اُميد آهي ته اُنهن ادارن مان ع. ق. شيخ، ظفر ڪاظميءَ، مسرت مرزا، عبدالرحيم ناگوري، گل محمد کتري، لال محمد پناهڻ، ڊاڪٽر محمد علي ڀٽيءَ ۽ خدا بخش ابڙي جي معيار جا آرٽسٽ پيدا ٿي نڪرندا، جنهن لاءِ سيد غلام مصطفيٰ شاهه هڪ خواب ڏٺو هو.

## حوالا:


1. Allana, G. A. Dr. Art of Sind, Islamabad, National Institute of Folk Heritage, 1987.
2. Ahmend Hassan Dani, Dr. Human Recordings on Karakorum Highway, Islamabad, 1983.
3. Mortimer Wheeler,Sir, the Indus Civilizaion, third editon, Cambridge, University Press, 1968, pp-94, & 95.
4. Jonathan Mark Kanoyer, Dr.,the Ancient Cities of Indus Valley Civilization, American Instutute of Pakistan Studies, Oxford 1998, p-14.
5. Khan, F. A., Dr. Excavations of Bhambore.
6. Ibid.
7. Shaikh Khurshid Hassan, Paintings in Muslim Sind.

8. مير علي شير قانع: تحفة الڪرام، بتصحيح و حواشي، سيد حسام الدين راشدي، حيدرآباد، سنڌ ادبي بورڊ.

9. مرزا گل حسن ڪربلائي: مقالو، ٽالپر حاڪمن جا علمي ڪارناما، مهراڻ جون موجون.

10. پير حسام الدين شاهه راشدي: ڳالهيون ڳوٺ وٽن جون، ص 417.


ٽماهي "مهراڻ" 3-2002/4ع تان کنيل



ڊي.اي.هومز
ڊاڪٽر حبيب الله صديقي

# سنڌونديءَ جي هاڻوڪي تاريخ

هن مقالي ۾ فضائي تصوير ڪشيءَ ذريعي حاصل ڪيل شاهدين جي بنياد تي گذريل ٻن هزار سالن دوران مغربي پاڪستان جي اڳوڻي سنڌ جي علائقي وچان لنگهندڙ سنڌو نديءَ جي امڪاني وهڪرن جو هڪ خاڪو پيش ڪجي ٿو.

'لوور انڊس پراجيڪٽ' نالي هيءَ تحقيق 'ويسٽ پاڪستان واٽر اينڊ پاور ڊولپمينٽ اٿارٽي' جي پاران 'هنٽنگ ٽيڪنيڪل سروسز لميٽيڊ' ۽ 'سر منڪڊونالڊ اينڊ پارٽنرز' ڪئي. هن تحقيق ۾ زمين جي قسمن ۽ مٽيءَ جي نمونن جا تفصيل تيار ڪرڻ لاءِ فضائي تصويرن کان وڏ ۾ وڏ مدد ورتي وئي. هي تصويرون 1:40,000 جي پيماني تي ورتيون ويون هيون. زمين جي تفصيلن تيار ڪرڻ جا طريقا لوور انڊس رپورٽ (1965ع) ۽ هومز اينڊ ويسٽرن (ادبيات) ۾ ڄاڻايل آهن. هن وسيع علائقي جي مٽيءَ جا نمونا جيئن ته درياهه طرفان ويڇڙائيءَ ۾ ڇڏيل لٽ ۾ ملن ٿا، تنهنڪري هڪ اهم دستاويز طور، سنڌوءَ جي پراڻن وهڪرن جو نقشو تيار ڪيو ويو. اهو نقشو انهن مختلف وهڪرن جي تاريخ وار سلسلي ۽ مٽيءَ جي قسم توڙي آبپاشيءَ لائق زير زمين مٺي پاڻيءَ جي ڦهلاءَ کي سمجهڻ ۾ پڻ ڪارگر ثابت ٿيو.

لئمبرڪ (1964ع ۾) سنڌ جي طبعي ڄاگرافي بيان ڪئي آهي، جنهن ۾ دستياب تاريخي ادب ۽ هن ميداني علائقي جي مٿاڇري طبعي صورتحال جي روشنيءَ ۾ درياهه جي امڪاني تاريخ جي وضاحت ڪئي اٿس. ساڳئي سال ۾، پنهور زير زمين تازي پاڻيءَ جي ذخيرن مان درياهه جي اوائلي وهڪرن جو تعلق ڏيکاريو آهي. متقدمين جهڙوڪ ريورٽي (1892ع) ۽ هيگ (1894ع) اهو محسوس ڪرڻ کانسواءِ ته سطح زمين تي اڳوٽا وهڪرا ڪيتري قدر مٽجي چڪا آهن، گهڻي ڀاڱي درياهه جي انهن شاخن تي لازمي طور ڀروسو ڪيو آهي، جيڪي واضح نشانن جي صورت ۾ ان وقت نظر اچي رهيون هيون. هيءُ پهريون موقعو آهي جڏهن فضائي تصويرن ذريعي سنڌو نديءَ جي اوائلي وهڪرن جا نقشا تيار ڪيا ويا آهن. هن قسم جي مطالعي ۾ هنن تصويرن کي بيحد اهميت حاصل آهي. خاص ڪري اهڙي خشڪ آبهوا ۾ جتي لٽ جا نمونا نئين زمين جي نهڻ يا آباديءَ هيٺ اچڻ سبب پوشيده نه ٿيا آهن. هي تصويرون اڃان به وڌيڪ اهم آهن. دراصل، زمين جي ٻارابندي ۽ باضابطه آبپاشيءَ جي رواج کان اڳ، پوڪيءَ جا نمونا زمين جي طبعي صورتحال تي ٻڌل هوندا هئا.

هتي انهن تاريخي شاهدين کي ورجائڻ جو ارادو ڪيل نه آهي، جيڪي لئمبرڪ اڳ ئي بحث هيٺ آنديون آهن. مصنف جو مقصد فقط اهي اضافي شاهديون پيش ڪرڻ آهي، جيڪي فضائي تصويرن ذريعي حاصل ٿيون آهن ۽ اهي مجموعي طور تي لئمبرڪ جي نظرين جي پُٺڀرائي ڪن ٿيون.




*Fig. 1. The lower Indus plain*

## مجموعي طبعي جاگرافي:

'سنڌو ندي'، 'ڪشمير' ۽ 'تبت' ۾ واقع 'هماليه جبل' مان نڪري ٿي. 'اٽڪ' وٽ 'ڪابل ندي' اُنهي، ۾ پوي ٿي ۽ مُنڍ کان ست سؤ ڪلوميٽر پري 'مٺڻ ڪوٽ' جي مقام تي 'پنجند' يعني 'پنجاب' جون جملي پنج نديون اچي سائنس ملن ٿيون. (نقشو ۱) مٺڻ ڪوٽ کان هيٺ هي، ندي هڪ عظيم درياهه جي صورت ۾ سمنڊ ڏانهن اُڙهي ٿي.




*Fig. 8. The former province of Sind, West Pakistan, showing former courses of the River Indus*

اونهاري ۾ هن درياهه جو اخراج گهٽ کري ٽيهه هزار ڪيوبڪ ميٽر في سيڪنڊ جي رفتار ڪري پهچيو وڃي ۽ آبڪلاٽيءَ جي چوٽ وقت آگسٽ جي مهيني ۾ لٽ جو مقدار ڏهه لک جزن پنيان ٽي هزار تائين ٿئي ٿو.

زير بحث خطي (سنڌ) ۾، 'سنتوندي'، 'ڪشمور' وٽان داخل ٿي ٿئي. اتي اُها سطح سمنڊ کان ستر ڪلوميٽرن جي بلنديءَ تي آهي ۽ اتان سيلابي ميدان جي سطح، ڏکڻ طرف، سراسري يارهن سينٽي ميٽر في ڪلوميٽر جي حساب سان گهٽ ٿيندي رهي ٿي. هن هيٺاهين سنتوءَ جو "ڪڇو" اڌ لک چورس ڪلوميٽرن جي ايراضي وارو ٿو، جنهن جي اولهه ۾ بلوچستان جا جبل ۽ اُن جي ڪير (وٽ) سان "ڪاڇو" آهي ۽ اوڀر ۾ "ٿر" جون "پٽون" آهن.

"ڪڇي" جا سنڌا ڏيکارين ٿا ته مک درياهه هيٺاهينءَ ۾ پري تائين ڦهلجي ٿو وڃي. هي ايراضي ويجهڙائيءَ ۾ سندس اُتل پُٽل جو خاص پٽو رهي آهي، ڪنڌيءَ سان اهي سَنڌا هيٺاهينءَ ڏانهن هيٺ ٿيندا ۽ ٻاهر نڪرندا نظر اچن ٿا، جن مان آڳاٽن وهڪرن جو پتو پوي ٿو. اُتر اولهه ۾ درياهه جي پڪَ سان "نارو" خاصو نروار نظر اچي ٿو، جيڪو "جيڪب آباد" کان تقريباً سَر ڏکڻ هليو ٿو وڃي. هي "نارو" سنتو نديءَ جي "لٽاسي ميدان" کي "ڪاڇي" جي واريا سي پٽ کان الڳ ڪري ٿو. انهيءَ "ناري" ۾ سنتوءَ جو سيلابي پاڻي ۽ جبلن جون نيون جمع ٿين ٿيون، پر جابلو سلسلي جي چاڙن سبب اڳتي هلي روڪجي وڃي ٿو، جنهن جي نتيجي ۾ "منڇر ڍنڍ" وجود ۾ آئي آهي. ڏکڻ-اوڀر ۾، پاسي کان ساڳئي قسم جو نارو آهي، جنهن منجهان "ناراندي" (يا اپرندي ناري) جو گذر آهي. انهيءَ جي پڻ ڪجهه شاهدي ملي ٿي ته درياهه جي لٽ جو متيون تهه اپرندي طرف وهيو وڃيو ٿر جي پٽن هيٺ پوندو رهي ٿو.

ريورٽي اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته سنتو نديءَ جو مک وهڪرو ويجهي ماضيءَ ۾ هن "ناري" مان وهندو هو، جيڪو جمڙائوءَ جي منڍ کان ڏکڻ-اولهه طرف هوا جي رخ تي ڦهلجي ويندو هو، پر درياهه جا نقشا ئي انهيءَ خيال کي يڪي رد ڪرڻ لاءِ ڪافي آهن. جديد دؤر جو "نارا ڪئنال" پراڻي نارا ندي [هاڪڙي] جي پيٽ مان وهي ٿو. "نارا ندي" ستلج يا اڃان به اوڀر پنجاب ۾ "جمنا نديءَ" مان نڪتل آهي. انهيءَ آڳاٽي سرشتي جا آثار بعد جا آهن. پانئجي ٿو ته اڳتي هلي ستلج ندي سنتوءَ ۾ وڃي چوڙ ڪيو، جنهن ڪري اُپرندو نارو [هاڪڙو] سڪي ويو چڙ پوءِ به سنتوءَ جي اُٿل جو پاڻي منجهس پوندو رهيو. ان ڪانسواءِ هن علائقي جي ڏکڻ- اوڀر ۾ سنتوءَ جون ڪجهه مکيون شاخون ناري ۾ چوڙ ڪنديون هيون.

هيٺاهين سنتوءَ جي خطي ۾ "ڪڇي" جا ٻه خاص قسم ملن ٿا: هڪ درياهي وَڪڙو، يا ٻنگو، ۽ ٻيو بندن ۾ آيل ڪڇو. وڪڙي جو ڪڇو، خاص ڪري وڇون پٽو والاري ٿو ۽ اصل درياهه جي پيٽ جا پراڻا ۽ هاڻوڪا نشان ظاهر ڪري ٿو ۽ منجهس ڪنڌين جا ويڪرا ڍير، ڦٽل شاخون ۽ درياهه جي وَڪڙن جا هلالي نشان نظر اچن ٿا.

آڳاٽي زماني ۾ مک درياهه واديءَ جي چيڙن ۽ دوآبه تائين واهڙن ۽ ننڍين موسمي ڦلڻ ذريعي پاڻي پهچائيندو هو.

اهي واهڙ ۽ ڦاٽ وڪڙي جي ٻي ٻقا شاخن کان وڌيڪ جٽاءُ دار هئا. جيڪي وڪڙن جي نقش ۽ نگار ۽ درياهه جي ٻنڌين جي پيٽ ۾ جڻ ته بچاءُ بند لڳن ٿا. انهن واهڙن ۽ ڦاٽن سان بندن اندر ايندڙ ڪڇي جي ايراضي وابسته آهي، جيڪا هيٺاهين ۾ ٻوڏ جي ڍري وهندڙ پاڻيءَ مان پيل پَلي لٽ جي اُين تهن چڙهڻ سان ٺهي آهي. درياهه جي اوڀر ۾ اهڙي زمين جا پٽا جيڪب آباد کان منڇر تائين ۽ ڏکڻ-اوڀر ۾ ميرپورخاص ۽ عمرڪوٽ جي آسپاس توڙي دوآبه جي علائقي ۾ پکڙيل آهن.

شاخن جا نشان، جيڪي دوآبه جي پرتي ڪندڙ شاخن جون خصوصيتون رکن ٿا. هن

هن شاخ جي ڏکڻ ۾ "وڪڙي ڪڇي" جي وڏي ايراض آهي، جنهن ۾ وڏي عرصي تائين درياهه جي اٿل پٿل جي هڪ دؤر جو پتو پوي ٿو، پر اتي به ٻه مختلف درياهي وهڪرا نڪرن ٿا، جن کي "شهدادڪوٽ وارو وهڪرو" ۽ "وارهه وارو وهڪرو" چئجي ٿو. پهريون وهڪرو جيڪب آباد جي ڏکڻ- اولهه کان هيٺ شهدادڪوٽ تائين شاخن ۽ ڊٻل بندن جي صورت ۾ ملي ٿو ۽ آخرڪار ناري ۾ گم ٿي وڃي ٿو. تنهن هوندي به وارهه جي اتر- اولهه ۾ هڪ وڌيڪ چٽو درياهي وهڪرو ملي ٿو، جيڪو اتر کان ڏکڻ طرف اٽڪل ٽيهن ڪلوميٽرن ۾ هيٺانهين ۾ وڃي ڊنگ ڪري ٿو. هن وهڪري مان سنتو نديءَ جي خاص هلالي نشانن واري شاخ ۽ "وڪڙي ڪڇي" جي ٻنڌين جا نمونا ظاهر ٿين ٿا. پانجي ٿو ته هيءُ وهڪرو جيڪب آباد واري وهڪري جو سلسلو آهي يا ممڪن آهي ته شهدادڪوٽ واري وهڪري سان ملندو هجي، جيڪو وچ تي جابلو روڙيءَ پوڻ سبب لڙجي ويو آهي. اهڙيءَ طرح هڪ الڳ درياهي سرشتي جي شاهدي ملي ٿي، جيڪو سنتو نديءَ جي لٽاسي ميدان جي اتر اونهائين سنڌي جي چوگرد وهي وڃي ڏکڻ طرف "منڇر ڍنڍ" ۾ پوي ٿو، جيڪو هن وقت "ڪاڇي" جي اڀتي وڏي اڇڻ سبب لڙجي ويو آهي.

"وارهه وارو وهڪرو"، "شهدادڪوٽ واري وهڪري" کان وڌيڪ چٽو آهي. هي وهڪرو رتوديرو کان مٿي هڪ ويڪري پٽي ۾ ڏٺو ويو آهي، جنهن ۾ ڊٻل بندن جا ڍير ۽ پراڻين شاخن جا واضح نشان نظر اچن ٿا. رتي ديري کان هيٺ نشان ميٽجي ويا آهن، جن ۾ صرف درياهي وڪڙ ملن ٿا، جن ۾ وچ تي زمين جي ڪنڊي نهڻ سبب ڍورا ٻن واهين ۾ ورهائجي ويا آهن ۽ قمبر جي اولهه ۾ "برگهه ڍنڍ" واري اونهي شاخ باقي بچي آهي؛ تنهن هوندي به وارهه کان هيٺ وري هڪ دفعو هي وهڪرو چٽو ٿئي ٿو، جيڪو آخرڪار ناري جي تري ۾ پوريءَ طرح گم ٿي وڃي ٿو.

"ڪنڊڪوٽ وارو وهڪرو" گهٽو ٽٽو هڪ ئي شاخ جي صورت ۾ آهي، جيڪا سوڙهي، اونهي ۽ ورن وڪڙن واري آهي. هيءُ شاخ ڪشمور کان وٺي، ڪنڊڪوٽ جي وچان ٿيندي، (جيڪو سندس ڪنڌيءَ تي آهي)، موجوده درياهه سان پور وچوٽيءَ تي ڏکڻ طرف شڪارپور ڏانهن وڃي ٿي، جتي درياهه ڪيس ڪٽي ٿو.

اُتان ڏکڻ ۾ "گهاڙ" شاخ ۽ "الهندي ناري" جا ٻه پٽرا سيلابي واهه آهن. هاڻي انهن کي آبپاشيءَ جي جديد نظام هيٺ آندو ويو آهي. گذريل زماني ۾ اهي سکر جي هيٺان سنتو نديءَ کان ڌار ٿي تقريباً پور- وچوٽيءَ تي وهندا هئا. انهن مان "گهاڙ واهه" لاڙڪاڻي وٽ وڙ کائي اولهه طرف وهي ٿو.

هي ٻئي شاخون هڪ عجيب منظر پيش ڪن ٿيون، جو لاڙڪاڻي جي سطح تائين ٻئي درياهه جي اڳاٽن وڪڙن مان وهن ٿيون ۽ پيچدار وهڪري هوندي به بند نٿيون ٻڌن. اُتان هيٺ اُهي نسبتاً سڌو سنئون وهڪرو وٺي پنهنجي ناهيل اوچن ۽ ويڪرن بندن اندر وهن ٿيون، جيڪي ٻاهرين پاسي درجي بدرجي وسيع سيلابي ميدان سان ملي وڃن ٿا. هنن ٻن واهن جو بنياد هڪ مسئلو آهي. جيتوڻيڪ ٻئي ظاهر ظهور قديمي آهن، تنهن هوندي به ايترو قديم نه آهن، جيترو گهٽو ڪري سمجهيون وينديون آهن.

هنن ئي ٻن واهن تي انهيءَ گهٽيل آباديءَ واري ساريال ضلعي جي لڳاتار سرسبزيءَ جو دارومدار آهي، جنهن کي اڪثر "سنڌ جو باغ" سڏيو وڃي ٿو. اِنهيءَ ۾ ڪو شڪ نه آهي ته هي واهه شروع ۾ قدرتي ڦاٽ هئا. تنهن هوندي به ماڻهن پنهنجي هنن واهن کي قائم رکڻ لاءِ يقيناً وڏا وس ڪيا آهن. هنن نه رڳو هڪ انتهائي بي بقا مک درياهه مان پنهنجو پاڻي حاصل پئي ڪيو آهي، پر انهيءَ سان گڏ هنن پنهنجي شاخن کي پچڙيءَ وٽ لٽ کان آجو ۽ ڪنڌيءَ جي بندن اندر قائم رکيو آهي.

سنڌ ۾ گهڻو ڪري ڪنڌيءَ سان ننڍا بند آهن، جيڪي شاخن سان لاڳيتا ٿين ٿا ۽ مقامي سطح کان هي ڪنڌيون ڪافي اُتاهيون ۽ ڪلرائيون هجڻ سبب آبادي جي لائق نہ هونديون آهن، پر گهاڙ ۽ اَلهندي ناري جون ڪنڌيون عجيب آهن، جو اوچائيءَ ۾ اٽڪل ٽي ميٽر ۽ ويڪر ۾ اڪثر ٽن ڪلوميٽرن تائين هوندي بہ خوب آباديءَ هيٺ آيل آهن. توڙي ڪٿي ماڻهن پنهنجي واهن جي حفاظت ڪئي آهي ۽ الهندي نار جون ڪجهہ پرتي ڪنڌڻ شاخون جن مان هڪ تي "منڇر ڍنڍ" واقع آهي، بنيادي طور هڙادو آهن، تنهن هوندي بہ ڪنڌين تي لٽ جو پوڻ هڪ قدرتي عمل آهي. انهيءَ سلسلي ۾ تحريري ثبوت موجود آهن تہ الهندو نارو وقفي وقفي سان ڪنڌين کان اُٿلي پوندو هو ۽ جن ساريال فصلن کي پاڻي پهچائيندو هو، انهن کي پاڻ وسيع ايراضيءَ ۾ ٻوڙي ناس ڪري ڇڏيندو هو. الهندي ناري واري شاخ جا نشان ڏکڻ طرف ملن ٿا، جيڪي جيئن پوءِ تيئن وڌيڪ جهڪا ٿيندا وڃن ٿا ۽ سندس ڪنڌي پر واري نيڪر ۾ اچيو منڇر ڍنڍ تي پوري ٿئي ٿي.

گذريل صديءَ تائين "الهندي ناري" واري شاخ آبڪلاڻيءَ وقت پنهنجي پوري ديگهہ ۾ جهاز رانيءَ جي قابل هئي. تنهن هوندي بہ تصويرن ۾ اهڙي ثابتي نٿي ملي تہ هن حالت ۾ الهندو نارو موسمي ڦاٽ کان وڌيڪ ڪنهن اهميت وارو هو. ظاهر درياهي نشانن جي ڳولا ڪندي جيئن ڪجهہ اوائلي محققن جو خيال رهيو آهي تہ الهندو نارو درياهہ جي ڪا اهم شاخ هئي، سو سراسر غلط آهي.

ڪافي زماني کان "منڇر ڍنڍ" پنهنجي آسپاس جي نارن ذريعي درياهہ جي باقاعدي شاخن ۽ ڪچي توڙي ڪاڇي جي نئن جي ٻوڏ جي پاڻيءَ جو مرڪز رهي آهي. منڇر کي درياهہ ۾ هڪ اوڪر آهي، جنهن کي "اڙل واهہ" چئجي ٿو. هي واهہ سيوهڻ شهر جي اَپريل ٽڪريءَ کي چوگرد ڦري اچي ٿو. منڇر ڍنڍ وقفي سان اتر طرف ڪافي اڳتي وڌندي رهي آهي، جنهن سبب ويجهڙائي وارو هڪ وهڪرو جنهن کي "دادوءَ وارو وهڪرو" چئجي، سو گهڻي ڀاڱي غائب ٿي ويو آهي. دادوءَ جي اُتر ۾ "وڪڙي ڪڇي" جهڙا آثار اڃان بہ موجود آهن. پر ڏکڻ طرف ساڳي سطح زمين تي اهي نشان فضائي تصويرن ۾ بہ مشڪل سان سڃاڻي سگهجن ٿا.

**وچولي جو ڪاهو ڪپ (خيرپور ـ نواب شاهہ):**

ڪونڌيجيءَ جي ٽڪرين ۾ جتي پٿر ۽ چوني جون اُڀيون قطارون سکر کان ڏکڻ طرف هليون وڃن ٿيون، اروڙ جي مختصر گهاٽي آهي، جنهن وچان هاڻوڪو "نارا ڪئنال"، "سکر بئراج" کان نڪري وهي ٿو ۽ اڳوڻي "اَيرندي ناري" کي پاڻي پهچائي ٿو. "اروڙ جو پراڻو شهر" هن گهاٽيءَ جي ڪناري تي آباد هو. هاڻوڪي سنڌو ندي سکر ۽ روهڙي جي ساڳي قسم جي البت ويڪري گهاٽيءَ وچان گذري ٿي. اڪثر ائين سمجهيو ويو آهي تہ اڳئين زماني ۾ سنڌو ندي "اروڙ جي گهاٽيءَ" وچان وهندي هئي، پر انهيءَ ۾ شڪ آهي. ڇاڪاڻ تہ اها گهاٽي ايتري ويڪري نہ آهي جو انهيءَ منجهان سڄو درياهہ وهي هليو هجي ۽ فضائي تصوير ڪشيءَ مان ڪو اهڙو ثبوت نہ مليو آهي جو ڏيکاري تہ زماني قريب ۾ بہ ائين ٿيو هوندو. تصويرون اهو برابر ڏيکارين ٿيون تہ ٻوڏ جو پاڻي ڪڏهن ڪڏهن ڪجهہ زور سان انهيءَ گهاٽيءَ منجهان گذريو آهي. خيال ڪجي ٿو تہ جڏهن اروڙ آباد هو، تڏهن گهٽ ۾ گهٽ ٻوڏ جي موسم ۾ اُٿل جي پاڻيءَ جو اتان نيڪال ٿيندو هوندو.

گهوٽڪيءَ جي علائقي وانگر هتي بہ اڻ گهڙيل هلالي ٽڪرين جا سلسلا خيرپور جي اولهہ کان شروع ٿي "گمبٽ" ۽ "راڻيپور" کان ٿيندا "ڪانڌياري" کان ڦرندا هاڻوڪي درياهہ تي دنگ ڪن ٿا. پريان ڇاٽايل ٽي شهر بلڪل انهن

ٽڪرين وٽ آهن، جن کي ”خيرپور جون ٽڪريون“ چئجي ٿو. گهوٽڪيءَ وانگر هتي به هنن ٽڪرين جي اولهه ۾ واقع ڪَچي جو علائقو، جنهن کي اولهه خيرپور جو ڪَچو چئجي ٿو، سو هلالي نشانن جي هڪ سلسلي تي مشتمل آهي، جنهن جو مُنهن اتر- اولهه طرف آهي ۽ هاٽوڪي درياهه سان پور وچوٽيءَ تي آهي. خيرپور جو اُيرندو ڪچو اوڀر ۾ هڪ وڌيڪ ابتدائي بلندي ٺاهي ٿو ۽ سندس خاص اهڃاڻ ”خيرپور وارو وهڪرو“ آهي جنهن کي عام طور تي ”لوهاڻو ڍورو“ سڏيو وڃي ٿو. اهو ڍورو يا پراڻو درياهي پيٽ خيرپور جي تقريباً ڏکڻ- اولهه ۾ اُپي ٽڪري کان شروع ٿئي ٿو ۽ غالباً ساڄي ڪپ تي ”ڪنڏڪوٽ واري وهڪري“ جو سلسلو آهي، جاڪاڻ ته عام تشڪيل ۾ ساڻس بلڪل متشابهه آهي. اهو هڪ سوڙهو ۽ اونهو وهڪرو آهي، جيڪو هاٽوڪي درياهه جي مقابلي ۾ مضبوط وڪڙن سان اوچين واريا سين پٽن ۽ پڙن وچان ور وڪڙ ڏيندو ڏکڻ طرف سکرنڊ طرف وڃي ٿو، جتي وري هڪ دفعو موجوده درياهه تي وڃي دنگ ڪري ٿو. بلڪل هوبهو ساڳيو وهڪرو ساڻس تقريباً پور وچوٽيءَ تي ڪانڊياري کان قاضي احمد جي اولهه ۾ آهي، جيڪو بظاهر ڪٿي به ساڻس ملي نٿو ۽ خيال ڪيو وڃي ٿو ته سندس گهڻو ڪي ٿورو همعصر آهي.

**لاڙ جو ڪابو ڪنارو:**

سکرنڊ ۽ شهدادپور جي وچ ۾ درياهه جي تازي پيٽ کان مختصر طور تي وري ڪجهه اُڀيون ٽڪريون ڏيکاري ڏين ٿيون جن مان پروڙ پوي ٿي ته مٿي اُتر سنڌ ۾ ڪمزور پکن کي درياهه جي پائيندڙ ڪرڻ وارو عمل ڏکڻ سنڌ ۾ برقرار نه رهيو آهي، نواب شاهه- شهدادپور وارو خطو هڪ منجهائيندڙ علائقو آهي ۽ سانگهڙ ۽ ساماري وارا وهڪرا جيڪي اُتان ظاهر ٿين ٿا، بعد جي وهڪرن جي تسلسل جي ڪنهن به هنڌ سان ملائي نٿا سگهجن.

”سانگهڙ وارو وهڪرو“ پهريون دفعو نواب شاهه کان اُتر- اوڀر ۾ اٽڪل ويهن ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي ڳولي سگهجي ٿو، جيڪو ڏکڻ- اوڀر طرف ٿر جي پڪ سان واريا سين ٽڪرين جي وچان وهندو معلوم ٿئي ٿو. انهيءَ وهڪري ۾ لٽيل دوآبي شاخن جون اُهي سڀ خصوصيتون ملن ٿيون، جيڪي ڏکڻ سنڌ ۾ نظر اينديون آهن، يعني ته شاخ سوڙهي آهي ۽ دائمي وهندڙ لڳي ٿي. (هن علائقي ۾ دوآبي جي پرتي ڪندڙ شاخن جي اها خصوصيت آهي ته سندن وهڪري ۾ تبديليون اوچتو ۽ مڪمل طور تي ٿينديون رهن ٿيون. بجاءِ ان جي ته مکيه وهڪري جي پاسن کان عارضي سوڙ پور سبب پيدا ٿينديون هجن.) اها دوآبي پرتي ڪندڙ شاخ سرزمين تي ڳولي نٿي سگهجي. پر فضائي تصويرن ۾ وهڪري جي نشانن جي سلسلي ۾ صاف نظر اچي ٿي. اها قديم آهي، شايد هنن علائقن ۾ نظر ايندڙ وهڪرن ۾ قديم ترين آهي ۽ اها ضرور ريگستان جي سينهه سان واقع واريءَ جي ٽڪرين کان اڳاٽي هوندي. سانگهڙ وٽ سر اوڀر ڦيرو ڪائي ٿي ۽ اُتي اولهه کان هڪ ننڍي پرتي ڪندڙ شاخ منجهس پوي ٿي ۽ اڳتي هلي اُيرندي ناري سان ملي ٿي. پوئين سنگهر کان ٿورو اڳ هيءَ شاخ وڌيڪ اونهي ۽ چٽي آهي. انهيءَ جهڙو نمونو جيڪب آباد واري وهڪري ۾ ملي ٿو. يقين ڪيو ٿو وڃي ته انهيءَ جو سبب ٻوڏ جي پاڻيءَ جو پائيندڙ وارو عمل آهي، جيڪو وادي جي جهلن وٽ وڪڙن مان وهندڙ وڌيڪ تيز وهڪري سان ملي سامهين ڪاڌ ڪري ٿو.

ٻيو وهڪرو جيڪو نواب شاهه ۽ شهدادپور جي منجهائيندڙ سيلابي وڪڙن مان ٿئي ٿو، سو آهي ”ساماري وارو وهڪرو“. ٻهمن آباد (برهمڻ آباد)

جي آثار قديم وٽ هي هڪ واضح شاخ جي صورت ۾ آهي. اتان هڪدم هيٺ ساڄي هٿ تي هڪ شاخ جو نُورو پتو پوي ٿو، جيڪا ڏکڻ طرف وڃي ٿي. پر بعد ۾ پيل لٽ هيٺ سٽت گم ٿيو وڃي ٿي. کابي هٿ تي واقع شاخ هڪ چٽي پٽي پرتي کنڌڙ دوآبي شاخ آهي جيڪا ساماري کان سڌو ڏکڻ- اوڀر ڪنڊ تي وڃي ٿي ۽ آخرڪار ڏکڻ کان اولهه طرف مڙي ڦٽل ڍوري "باڊهڙي" کان ٿيندي وڃي ناري ۾ چوڙ ڪري ٿي، سانگهڙ ۽ ساماري وارا سنتو نديءَ جا اهي واحد مکيه وهڪرا آهن، جن ڏکڻ سنڌ ۾ "اپرندي ناري" ۾ چوڙ ڪيو آهي. انت ڏکڻ- اوڀر ۾ نارو "ڪڇ جي رڻ" ۾ پوڻ کان اڳ ساڳي زمين جي سطح تي نمودار ٿئي ٿو ۽ ڏکڻ- اولهه طرف مختلف شاخن جي صورت وٺي ٿو.

هتي مشرقي ضلعن ۾ ڪچي جي زمين ايئن پکڙيل آهي جيئن اڳ چاٿايل دنگئي اونهائن علائقن ۾ آهي. هن ايراضيءَ ۾ لٽ جو پوڻ خصوصي طور تي دوآبي جي انداز وارو آهي، جنهن ۾ مکيه پرتي کنڌڙ شاخن مان موسمي سيلابي نالا نکرن ٿا، جن مان هرهڪ کي پنهنجا بند يا بنڌيون آهن ۽ اهي ڪچي جي ترائين کي بوڙين ٿا. اهڙي هڪ ترائي ساماري جي اُتر ۾ آهي ۽ اُتي نُورو اڳ تائين هڪ ڍنڍ جا نشان مليا ٿي، اها شاخ اپرندي ناري ۽ ساماري واري وهڪري جي قدرتي طور مٽي ٿيل سطح سبب بند ٿي وئي. (سانگهڙ شهر جي اُتر ۾ پڻ ساڳي قسم جي هڪ ڍنڍ ناري ۽ سانگهڙ واري وهڪري جي وچ تي واقع هوندي هئي.)

ميرپورخاص، ڊگهڙي ۽ جهڏو جا شهر انهيءَ ڪچي واري بيحد وسيع ايراضيءَ ۾ اچي وڃن ٿا، جنهن جي اوڪر سوڙهي، پر ڪوريل ڍوري "پراڻ" مان هئي، جيڪو ساماري واري وهڪري جي سنگم (ميلاپ) کان هيٺ ناري سان وڃي ملي ٿو.

سرزمين تي نظر ايندڙ ٻين واضح شاخن جي عدم موجودگيءَ ۾ "ڍورو پراڻ" کي گهڻو ڪري سنتو نديءَ جي اڳوڻي شاخ سمجهيو ويو آهي، تنهن هوندي به منجهس ڪنهن پراڻي درياهي وهڪري جون ڪي به خصوصيتون نٿيون ملن، ۽ صاف ظاهر آهي ته ان هڪ اوڪر جو ڪم ڏنو ٿي، جنهن ترائي جي سڀ کان هيٺاهين هنڌ کي ٻُر ڪيو ٿي ۽ سنڌس پرتي کنڌڙ شاخن ۾ آسپاس جي واهڙن مان پاڻي گڏ ٿي اچي منجهس پيو ٿي. عملي طور تي "ڍورو پراڻ" بذاتِ خود هڪ معاون درياهي نظام آهي، جنهن پڇڙيءَ ۾ لٽ ڇڏي ننڍا بند ناهيا آهن.

ان کانپوءِ "شهدادڪوٽ وارو وهڪرو" آهي جيڪو سکرنڊ کان اٽڪل اٺ ڪلوميٽر هيٺ هاٿوڪي درياهه مان نڪري ٿو ۽ شهدادپور جي اولهه ۾ ٽنبو آدم جي اوڀر طرف ۽ ٽنبو الهيار جي ڏکڻ ڏانهن ڏسي سگهجي ٿو. انهيءَ ۾ ساڳين اونهين ورن وڪڙن وارين شاخن ۽ پراڻن بندن جي پيل پراءِ واريون خصوصيتون ملن ٿيون، جهڙيون خيرپور واري وهڪري ۾ آهن ۽ شايد انهيءَ جو ئي هڪ سلسلو آهي.

"ٽنڊي الهيار" جي ڏکڻ ۾ اهو وهڪرو وڏيڪ سوڙهو ٿئي ٿو ۽ جيئن پوءِ تيئن لٽيل آهي. اڳتي ٽنڊي غلام علي جي ڏکڻ ۾ اهو هڪ پرتي کنڌڙ دوآبي شاخ جي صورت ۾ نظر اچي ٿو، جتان ڏکڻ- اولهه طرف ورڪائڻ شروع ڪري ٿو ۽ "تلهار" جي اولهه ۾ هليو وڃي ٿو. تلهار کان هيٺ ٻن شاخن ۾ ورهائجي وڃي ٿو، جن مان ساڄي طرف "گولاڙچي شاخ" ۽ کابي پاسي "احمد راڄو شاخ" آهي. ٻئي نمبر وار "جاتي" کان مٿي ۽ هيٺ "سر ڪريڪ" (ڪاهي) سبب ڪٽجي وڃن ٿيون. ايستائين اهي تقريباً اولهه طرف وهنديون رهن ٿيون، اهڙيءَ طرح "شهدادپور واري

وهڪري“ ۽ پوءِ ٻين گهٽڻ وهڪرن ”اپرندي ناري“ کان پري دوآبي ۾ اولهه طرف ور کاڌو آهي. ٽنڊي غلام علي جي ڏکڻ- اوڀر ۾ ”ٽنڊي باگي“ جي آسپاس ننڍن موسمي نالن سان سٿي پئي آهي، جن مان گهڻا ”شهدادپور واري وهڪري“ مان نڪرن ٿا. ڪجهه ٻيا اڳيرو اولهه طرف جي وهڪرن مان ڦٽا آهن. (دوآبي ۾ اهڙن موسمي نالن جو منظر اتر طرف ميرپور خاص ۽ سانگهڙ جي پاسي عام آهي.) اهڙو هڪ نالو جيڪو ”ٽنڊي غلام علي“ کان ڏکڻ- اوڀر طرف وڃي ٿو، اڳ ”الهندي پراڻ“ جي نالي سان سڏيو ويندو هو. جيئن ته ”شهدادپور وارو وهڪرو“ انهيءَ شهر کان هيٺ سطح زمين تي نظر نٿو اچي، تنهنڪري هن ننڍي واهيءَ کي ڪنهن سمي ايئن سمجهيو ويندو هو ته سنڌو نديءَ جو ڪو مکيه ڦاٽ آهي، جيڪا اها ڪڏهن به نه ٿي سگهي هوندي. گولاڙچي ۽ احمد راڄو شاخون 1953ع وارين فضائي تصويرن ۾ (زرعي ترقيءَ کان اڳ) صاف طور تي واهن جي سلسلي جي صورت ۾ نظر اچن ٿيون. پوئين شاخ ”احمد راڄو“ وٽ عارضي طور تي ٻن حصن ۾ ورهائجي وڃي ٿي، ان جو هڪ حصو انهيءَ ڳوٺ جي وچان ۽ ٻيو ”ڳاڙهي“ منجهان ٿيندو وري اچي پاڻ ۾ ملن ٿا. هنن ڳوٺن وٽ هلڪيون ترايون ساڳيءَ سطح تي ڪلراٺي ميدان ۾ پنهنجي ساوڪ، سبزيءَ سبب عجيب لڳن ٿيون ۽ زمين جي مٿاڇري تي اهي ٿي ٿلهيون وڃي بچيون آهن، جيڪي ڏيکارين ٿيون ته هڪ وڏي درياهه جي هتان وهڻ سبب ڪنهن زماني ۾ هن خطي کي ڪيڏي نه خوشحالي نصيب ٿي هوندي.

جديد دور جي درياهه مان نڪرندڙ ٻيو وهڪرو نصرپور وارو آهي، جيڪو ”هالا“ کان هيٺ ڏکڻ- اوڀر طرف ”نصرپور“ کان ٿيندو ڏکڻ طرف ”ٽنڊي محمد خان“ ڏانهن وڃي ٿو ۽ اتان اڳتي ورچجي وڃي، ساحي ڪپ تي ”بلڙي شاخ“ تي دنگ ڪري ٿو. کابي ڪپ تي ”گونگڙو شاخ“ ڏکڻ طرف وهي ٿي ۽ آهستي آهستي اولهه طرف ور کائي ”شاهه ڪپور“ رسي ٿي، اتي ورهائجي وڃي ٿي. هڪ شاخ سر ڏکڻ وهي ٿي ۽ ”جاتي“ کان گذري ”سر ڪريڪ“ (سر جي کاريءَ) ذريعي سمنڊ ۾ چوڙ ڪري ٿي. ٻي شاخ ڏکڻ- اولهه طرف جاري رهي ٿي پر اوچتو بي تحاشا وڪڙن هيٺان اچي دٻجي وڃي ٿي. ”گونگڙو شاخ“ هڪ مثالي دوآبي نهر آهي، اها اچا لٽجي نه وئي آهي ۽ سطح زمين تي چٽيءَ طرح نظر اچي سگهي ٿي. گذريل ڪجهه صدين ۾ جيئن عام طور تي ٿي رهيو آهي، ”گونگڙو شاخ“ مان به هڪ ننڍي سيلابي واهي سالم حالت ۾ رکي وئي آهي. بلڙي شاخ هڪ تنگ پرتي ڪندڙ شاخ بدران، ويندي ”دڙي“ تائين هڪ ويڪري پيچدار سيلابي ميدان جو ڏيک ڏئي رهي آهي. دوآبي جي ميدان ۾ آرپار اهڙن داخلي آثارن جي هيءُ پهرين حد دخلي آهي. ڪجهه ڦاٽ ”ٽنڊي محمد خان“ کان ڏکڻ- اوڀر وهن ٿا، خاص طور تي ”ريڻ ندي“ جيڪا ”بدين“ ۽ ”سيراڻي“ طرف وڃي ٿي.

## لاڙ جو ساحو ڪنارو:

دوآبي جا ساحي ڪپ وارا وهڪرا چڱيءَ طرح معلوم آهن، تنهنڪري اهي فقط مختصر طور تي بيان ڪيا ويندا. ”ڪلري“ ۽ ”بگهاڙ“ بلڙي شاخ مان نڪرن ٿا، جيڪا انهيءَ خطي ۾ ورچجي وئي آهي، جيڪو هاڻوڪي درياهه جي پيٽ ۾ آهي. ”بگهاڙ“ کي سالم حالت ۾ رکيو ويو آهي، پر ڪلري هاڻي زميني سطح تي ڪجهه قدر مٽجي وئي آهي. پراڻو ”لوهري بندر“ بگهاڙ جي منهن وٽ واقع آهي، پر سامونڊي ڪنارو ڪجهه هٽي ويو آهي، جنهن ڪري اها جاءِ هاڻي وير جي چڙهڻ واري حد اندر آهي. ”بگهاڙ“ جي ڏکڻ ۾ وڏيڪ پراڻن




*Fig. 3. The reconstructed course of the Indus as it may have existed in the Greek period, 300 B.C.*

تنهن هوندي بہ گمان آهي تہ "اروڙ" اڳ ئي مقامي تختگاهہ هو، جتان اتر- اوڀر جي ان زرخيز زمين جي پٽي تي حڪم هليو ٿي، جيڪو ٿي سگهي ٿو تہ خانگڙهہ جي ڪچي ۽ ريڻي- واهندو جي ايراضي ۾ واقع هجي. ٻيءَ صورت ۾ هيءَ ايراضي جيڪا هن وقت ريگستان آهي، سنتو ندي جي ڪابي ڪپ واري ڪنهن پرتي ڪندڙ شاخ ذريعي آباد ٿيندي هئي، جيڪا اتر سنڌ سرحد جي ويجهو ورچجي ويندي هئي ۽ اروڙ جي اوڀر مان لنگهي "نارا ويليءَ" طرف وهندي هئي.

سنتو نديءَ بابت چيو وڃي ٿو تہ هن ۾ بہ وڏا ٻيٽ هئا: هڪ اتر ۾ "پرسياٽي" ۽ ٻيو ڏکڻ ۾ قدري ننڍو ٻيٽ "پاتيل". ڏکڻ سنڌ جو تختگاهہ "پٽالا" دوآبي جي سري تي واقع آهي، يعني دوآبي جي ٻن مکيہ شاخن جي ميلاپ جي ويجهو. "سکر" جي اولهہ کان مکيہ درياهہ ضرور "نواب شاهہ" جي طرف وهندو هوندو، پر هن وهڪري کي ڳولي لهڻ جي هاڻي ڪا اميد نہ آهي. "پرسياٽيءَ" جو ٻيٽ شايد هڪ شاخ جي سبب ٺهيو هوندو، جيڪا تقريباً "جيڪب آباد واري وهڪري" جي لاهين سان هن ميدان جي اولاهين پاسي جي چوڦير وهندي هوندي. (هن وهڪري جي بچي ويل شاخ بعد جي ٻوڏين سبب منّجي وئي آهي). اها "منڇر ڍنڍ" طرف وهندي هوندي ۽ نواب شاهہ واري ايراضيءَ ۾ ٻيهر درياهہ سان اچي ملندي هوندي. اتر- اولهہ سنڌ ۾ هڪ وڏي ٻيٽ جو نمونو هڪ هزار سالن کان مٿي موجود رهيو، جيڪو پوءِ آهستي آهستي گهٽبو جيئن پوءِ تيئن ننڍو ٿيندو ويو ۽ ساڄي ڪپ جون شاخون وڌيڪ وچ ٿريون ٿينديون ويون.

هاڻوڪي سامونڊي ڪناري جي ٻيهڪ جيئن نقشي نمبر 3 ۾ ڏيکاريل آهي، تقريباً ساڳي آهي جيڪا لئمبرڪ سڪندر جي لشڪر جي دستاويزات مان واضح ڪئي آهي. "پاتيل" جو ٻيٽ دوآبي جي ٻن شاخن سبب ٺهيو هو، جنهن جي سري جي ويجهو "پٽالا" جو شهر واقع هو. ساڄي ڪپ واري شاخ جو محل وقوع فقط اندازي سان حساب لڳائي معلوم ڪري سگهجي ٿو، ڇاڪاڻ تہ هي علائقو بعد ۾ گهڻي عرصي تائين درياهي اٿل پٿل هيٺ رهيو آهي، تنهن هوندي بہ ڪابي ڪپ واري شاخ بابت بہ امڪان ٿي سگهن ٿا. ساماري واري ۽ سانگهڙ واري وهڪري مان ڪو هڪ ٿي سگهي ٿو تہ هن شاخ جي پيٽ مان وهندو هجي. لئمبرڪ جي خيال موجب نواب شاهہ جي ڏکڻ واري ايراضي ۾ "پٽالا" جي واقع هجڻ جو امڪان آهي، ان جو مطلب هي آهي تہ "ساماري وارو وهڪرو" جيڪو غالباً انهيءَ زماني کان هڪ هزار سال پوءِ قائم ٿيو ۽ جنهن تي بعد جو تختگاهہ ٻهمن آباد (برهمڻ آباد) واقع هو، سو سڪندر جي زماني ۾ ڪابي ڪپ جي هڪ شاخ تي هو. تنهن هوندي بہ انهيءَ ۾ شڪ ناهي تہ ساماري وارو وهڪرو ايڏي ڊگهي عرصي تائين قائم رهيو هوندو ۽ خيال ڪيو وڃي ٿو تہ "سانگهڙ وارو وهڪرو" جيڪو تازو فضائي تصويرن مان معلوم ڪيو ويو آهي، سو ڪابي هٽ تي هو، جيتوڻيڪ انهيءَ جو ڪو ثبوت يوناني دستاويزن ۾ نٿو ملي تہ هيءَ شاخ وڌيڪ

THE RECENT HISTORY OF THE INDUS




*Fig. 4. The probable course of the Indus in the ninth century A.D.*

اوڀارين نديءَ ناري سان وڃي ٿي ملي. هن شاخ جو جوڙ هڪ ڍنڍ يا سمنڊ جي هڪ ڇاڙ ۾ هو، جيڪا انت ڏکڻ- اوڀر ۾ ساڳي سنوَت واري ايراضيءَ جي شڪل سان ٺهڪي اچي ٿي. جيڪڏهن ”پٽالا“ کو مستقل شهر هو جيڪو ”نواب شاهه“ جي اوڀر يا اتر اوڀر ۾ واقع هو ته پوءِ ممڪن آهي ته اهو بچي ويو هجي، ڇاڪاڻ ته هيءَ ايراضي بعد ۾ درياهه جي اُٿل پُٿل ۽ تڪڙي لٽ جي پراءِ هيٺ نه آئي آهي. جيڪڏهن واقعي پٽالا ”سانگهڙ واري وهڪري“ جي لڳ ڀڳ هو ته پوءِ هاڻي به نواب شاهه جي اُتر- اوڀر ۾ شروع ٿيندڙ ٿر جي واري هيٺان لڀي سگهي ٿو. فضائي تصويرن جي وڌيڪ ڳوڙهي اڀياس جي ضرورت آهي ته جيئن ڪوشش ڪري ”پٽالا“ کي نروار ڪجي ۽ انهن درياهي وهڪرن جو بنياد معلوم ڪجي، جيڪي هن ايراضيءَ مان نڪرن ٿا.

**عربن جي فتح:**

ممڪن آهي ته ڪنڊڪوٽ، خيرپور ۽ شهدادڪوٽ وارا وهڪرا جيڪي هڪ ئي درياهي شاخ جون ڏگهايون هيون، اوائلي اُنين صدي ۾ عربن جي فتح وقت خود مک درياهه هئا. (نقشو نمبر 4) ان وقت سنڌو نديءَ ”ديهات“ وٽان پار ڪئي وئي هئي، جنهن جي باري ۾ يقين ڪيو ٿو وڃي ته هاڻوڪو ڳوٺ ”ديهات“ آهي، جيڪو ”خيرپور واري وهڪري“ جي ڪنڌيءَ تي ”ڪنڊياري“ لڳ واقع آهي، اڳيرو ڏکڻ طرف ”نيرون“ (هاڻوڪي حيدرآباد جي سرزمين) درياهه کان گهٽ ۾ گهٽ 25 ڪلوميٽر اولهه ۾ واقع هو. اونهاري ۾ ”سيوهڻ“ ٽن طرفن کان پاڻي سان گهيريل هو ۽ ”اڙل واهه“ وهندو هو. منڇر ڍنڍ کي شايد ڀهريائين ”شهدادڪوٽ واري وهڪري“ مان پاڻي ملندو هو، جيڪو بعد ۾ ”وارهه واري وهڪري“ مان ملڻ لڳو. انهن واهن جي ويڪر ڏيکاري ٿي ته اهي سيلابي وهڪرن کان وڌ سنڌو نديءَ جون مکيه دائمي وهندڙ شاخون هيون.

اهو ممڪن آهي ته ان وقت ”اپرنو نارو“ وهندو هجي، پر گهٽ ۾ گهٽ سندس هاڻوڪي گهاڙيٽي سان ملندڙ جلندڙ شڪل ۾ ته يقيناً تڏهن موجود نه هوندو. ”اڙل شاخ“ مکيه درياهه سان موجوده درياهه جي ساحلي علائقي ۾ ”شهدادڪوٽ واري وهڪري“ جي منڍ کان مٿي ڪنهن هنڌ وڃي ملي هوندي. جيڪڏهن اهو مفروضو درست آهي ته ”شهدادڪوٽ وارو وهڪرو“ ”لاڙ“ ۾ مکيه درياهه هو ته اهو سمجهڻ واجبي ٿيندو ته ”ديبل بندر“ جتي عرب فوج اچي لٿي هئي، سو انهيءَ وهڪري واري ”گولاڙچي واهه“ جي توسيع ۾ ڪنهن هنڌ تي واقع هو ۽ اهو وهڪرو فقط ”جاتي“ تائين ڳولي سگهجي ٿو. ان مطابق ديبل ”مڪلي ٽڪريءَ“ جي ڏاکڻي علائقي ۾ ڪنهن هنڌ ٿي سگهي ٿو، پر دوآبي ۾ ايترو لٽ پئجي ويو آهي جو گمان ڪُري ٿو ته ”ديبل“ جا آثار ڪڏهن به ملي نه سگهندا. ”احمد راڄو“ ۽ ”ڳاڙهي“ جا ڳوٺ ضرور انهيءَ زماني ۾ وجود ۾ آيا هوندا.

”لاڙ“ ۾ ڪاٻي ڪپ وارين شاخن جو پاڻ ۾ لاڳاپو وڌيڪ منجهائيندڙ آهي. هندو شهر ”ٻهمڻ آباد“ (جنهن جي بنيادن تي مسلمانن جو شهر منصوره اڏيو ويو هو) ”سامارو وهڪرو“ جي مٿاهين پاڳي ۾ واقع آهي، تنهن هوندي به عربن جي تحريرن ۾ ڄاڻايل ندين، جهڙوڪ: ڪوٽڪ، مانجهل ۽ جلوالي کي نروار ڪرڻ لاءِ وڌيڪ مطالعي جي ضرورت آهي. جيتوڻيڪ شهدادپور ۽ سامارو وارا وهڪرا گهٽ ڪري همعصر هئا، تنهن هوندي به ڀهريون پوئين جو جانشين آهي. ثبوت موجود آهي ته ”ساماري واري وهڪري“ مان ٻهمڻ آباد کان هيٺ ساڄي هٿ تي هڪ شاخ نڪرندي هئي، پر ٿورو

## تازو زمانو:

سنتو نديءَ جي وهڪري ۾ تازو آيل تبديليون چڱيءَ طرح قلمبند ڪيل آهن. آخري وڏي تبديلي 59-1758ع ڌاري آئي، جڏهن درياهه "حيدرآباد" ۽ "گنجي ٽڪر" جي اولهه ۾ پنهنجو هاڻوڪو وهڪرو اختيار ڪيو ۽ "نصرپور وارو وهڪرو" ترڪ ڪيائين.

سنه 1768ع ۾ اڳوڻي "نيرون" جي سرزمين تي اڏيل "حيدرآباد" کي تختگاهه بنايو ويو. نتيجي ۾ ڏکڻ- اوڀر سنڌ اڃا به وڌيڪ ويران ٿي ويئي. ويتر "اڀرندي ناري" مان ملندڙ پاڻيءَ ۾ وڌيڪ کوٽ سبب ويراني وڌڻ لڳي. "ڦليلي" جي سَوَلي ڦاٽ البت صورتحال کي سنڀالي ورتو. "گنجي ٽڪر" جي اڀرندي ڪير سان وهندي، هيٺ پرو وڃي، "ڦليليءَ"، "پراڻي ريڻ" نديءَ جو پيٽ والاريو. "گنجي ٽڪر" جي ڏکڻ ۾ اٽڪل سنه 1819ع تائين درياهه "بگهاڙ" کان هيٺ پنهنجو پراڻو وهڪرو جاري رکيو، جيڪو لٽجڻ شروع ٿيو. مُک درياهه پوءِ پنهنجي پراڻي "سَتو" شاخ مان رستو ٺاهيو (نقشو نمبر 2). "چوهڙ جماليءَ" وٽ هِنَ درياهه اولهه طرف وَرُ ڪري "اوچتو شاخ" وٽان وڃي "ڪيٽي بندر" وٽ سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪيو. ٻيو ڦاٽ "پنياريءَ" جو هو. هِنَ وهڪري "ٽٽي" کان مٿي ڪاٻي ڪناري کان نڪري اڳوڻي "بلڙي شاخ" اُڪري وڃي "گونگڙو" کي ڀريو. انهيءَ زماني ۾ "سجاول" واري علائقي ۾ پڻ ننڍن ڦاٽن جي گهٽائي هئي.

ڪيٽي بندر وٽ درياهه جي مُنهن ويڪري ٿيڻ سبب اولهه طرف اڳيرو "بگهاڙ" ۽ "ڪلري" جي مُنهن وٽان ساموندي ڪنارو قدري پوئتي هٽي ويو، جيئن اڳ ڏکڻ- اوڀر سنڌ ۾ ٿيو هو، جتي 1819ع واري ڀونچال (ڌرتي ڌٻڻ) سبب سمنڊ پوئتي هٽي ويو هو.

"اوچتو شاخ" هلندڙ صديءَ ۾ ڦٽي آهي ۽ "سنتو نديءَ" جي مُنهن وٽ اڃان به تبديليون اينديون رهن ٿيون. "سنتو ندي" دوآبي ۾ "ڪلريءَ" جي آخري اونهائين حد تي سورهين صدي [عيسوي] ۾ پهتي هئي. ان وقت کان وٺي آهستي آهستي پوئتي اوڀر طرف وڃي رهي آهي. جيڪڏهن اها صورتحال قائم رهي ته "گنجي ٽڪر" کان هيٺ اهي سڀ ايراضيون جتان سنتو ندي اولهه طرف سوڙهو ور ڪري ٿي، سخت خطري ۾ رهنديون، ڇاڪاڻ ته اتان هڪ وڌيڪ اوڀاريون وهڪرو نڪري سمنڊ جو رخ اختيار ڪري سگهي ٿو.

اُتر سنڌ ۾ "سنتو ندي" اتر- اولهه يا سر اولهه طرف پاسا ورائيندي رهي آهي. جيڪڏهن بند ٻڌي اُن کي نه روڪيو ويو ته شايد آئيندي به ائين ڪندي رهندي. "سکر واري گهٽيءَ" مان جاري ٿيندڙ وهڪري سبب وڌيڪ اولهه طرف پاسي ورائڻ ۾ روڪ ٿي آهي. اميد ٿي ڪجي ته جيئن گذريل ساڍن ستن صدين (750 سالن) لاڪر "سکر واري گهٽي" هڪ دائمي مقرر گهاٽ جو ڪم ڏنو آهي، تيئن آئيندي به ٿيندو رهندو. وچولي ۾ درياهه، پنهنجي اڳوڻي "دادوءَ واري وهڪري" کان پري اوڀر طرف هليو ويو آهي. اتان هيٺ "گنجي ٽڪر" جي ڏاکڻي ڇيڙي تائين مٿاهين زمين جي ڪير سان ٻانڌجي ٿو ته وهڪرو مستحڪم آهي.

ٽماهي "مهراڻ" 1989/1ع تان کنيل

سر ڪاموڊ ۾ نوريءَ جي اهائي نوڙت ۽ نياز وٺي ٿو ڪيس ته نوريءَ پنهنجي مهاڻڪي ريت نه ڇڏي آهي نه رڳو نه ڇڏي آهي پر ان ڪڪيءَ ۽ ڏڀائينءَ رهڪ تي شرمندي ۽ ڦڪي به نٿي ٿيئي.

ٿون سمون آئون ڳنڌري، عيبَ منهنجي ذاتِ
تون سُونهاري صَفتِ، متان ماڳر مَٽئين.

يعني، نوري ته اعلانيه پنهنجيءَ ذات کي "عيب" پيئي ڳڻائي.

"عيب منهنجي ذات" پوءِ ته دنگ ٿيو. ڄام، راڄ ته مٿانس مورڇل پي جهلايو "مورڇل مٿانس، هٿي تماچي هٿن سين." پر نوري جي نوڙت ۾ ڪوبه فرق نٿي آيو.

مَئي مَڇيءَ ۾ هَٿڙا، ويٺي ڪري ورن
راءِ اڳهين رکي. مُهاڻيءَ ۾ من
تماچيءَ جن تن، ڳالهيون ڇيس ڳجهيون.

ڀٽائيءَ ؒ کي نوريءَ جي اها نمند (هيٺيائين، نوڙت) وڻي ٿي:

پابوڙن پيش ڪيو نئون نوريءَ نيئي
حاضر هيون هَڪيون، سَميون سَيپئي
نوازي نيئي، ڳاڏي چاڙهي ڳنڌري.

"پابوڙو" راڄائن ۽ بادشاهن جي اڳيان ته ڪا به حيثيت نٿو رکي پر مهاڻن لاءِ ته اها وڏي وٿ آهي. نوريءَ اهائي مهاڻڪي وٿ ۽ سوکڙي بادشاهه کي پيش ڪئي. ڇو جو نوريءَ کي پنهنجي ذات ۽ پنهنجي مهاڻڪي رهڪ تي ڪابه احساس ڪمتري ۽ ڪوبه ڪامپليڪس نه هو. هن نڪو بادشاهه کي گلاب جو گل پيش ڪيو نه ئي ڪا پنهنجي وسان (وس کان) ٻاهر اوچي چيز ڏني. هن اهائي سوکڙي ڄام کي ڏني جيڪا سندس دسترس ۾ هئي ۽ وٽن اهم ۽ مانائتي هئي.

اهڙيءَ طرح پنهنجي ڀونءِ وارن کي ڪنهن به احساس گهٽتائي ۾ نه رهڻ جي خواهش جو اظهار آهي سرڪاموڊ.

سرڪارايل ۾ پنهنجن اهڙن ماڻهن تي ڪاوڙ جو اظهار ڪري ٿو، جيڪي پنهنجي غلط قدمن جي ڪري پنهنجي ڏيهه جي اهڙي صورت بنائين ٿا جتي ڪو به پرڏيهي اچڻ ۽ رهڻ لاءِ راضي نٿو ٿيئي.

سَرهو سَرُ وِڃائيو، ڪُوڙن ڪَانيرن
رُنا روهه وَڃن، ڪنهن هِٽائيءَ ڪان هَنجڙا.

پنهنجي ڀونءِ سان پيار ڪرڻ وارو ماڻهو ٻي جي ڀونءِ ۽ وطن جو به احترام ڪندو آهي. ڇو جو هو پنهنجي ڀونءِ جي هڪ هڪ جذبي ۽ ڪيفيت کان واقف هوندو آهي.

ڀٽائيءَ کي پرڏيهي پکين جو تمام گهڻو ڏک ٿيئي ٿو.

ڪارايل جي ڪوڏ، مون ڪنجهر سَمُ نهاريو
وري واهيري نه وريا للا لاڪيٺي لوڏ
هيئنين جن سين هوڏ، سي هنجڙا سڀ هلي ويا.

اهڙي صورت ۾ ڀٽائي ؒ جڻ پاڻ کي به انهن هنجن جي جاءِ تي ويهاري پرکڻ لڳي ٿو ته، پرڏيهي پکي ته جيڪي بچيا سچيا اهي پنهنجي وطن هليا وڃن ٿا، جتي کين پناهه ۽ تحفظ ملي ٿو پر هتي جيڪي اسين سڀ ڀونءِ واسي ماڻهو مرگهه پکي پکڻ وڻ وٽ آهيون انهن لاءِ ته ڪو به پناهه ۽ تحفظ ڪونهي.

سو پکي سو پڃرو، سو سَرُ سوئي هنج
پيهي جان پروڙيو، مون پانهنجو منجهه
ڏيل منهنجو ڏنجهه، سو ماري ٿو منجهه ڦري

ڀٽائي ؒ جي ڀون، جيڪا نهايت مهربان ۽ ٻاجهاري آهي ۽ سندس سڄاڻ ۽ سڄيت ڀونءِ پلتي پڻ ساڳيوئي جذبو پنهنجي ڀونءِ لاءِ رکن جيڪو ڀٽائيءَ ؒ کي پنهنجي محبوب سنڌ ڏيهه سان هو ۽ انهيءَ حوالي سان ساري عالم لاءِ هو.

سائين سدائين، ڪرين سنڌ مٿي سڪار
دوست مٺا دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين.

(آمين)

ڪتاب 'خسڪوريءَ خوشبوءِ' تان ڪنيل

اوڙي پاڙي وارا مريض سُيون ڪٺي بابا وٽ اسڪول يا ڳوٺ اچي سُيون لڳرائيندا هئا. ان کان علاوه ملم- پٽي به ڪندا هئا. سندن تحرير ڪيل حڪمت جا نسخا سندن لئبرري ۾ موجود آهن. حياتي رهي ته اهي به ڇپائبا. بابا سائين حڪمت جو علم پنهنجي چاچي حڪيم حاجي محمد کان سکيو. سندن همشيره ۽ اسان جي ”پوڻا مريم مرحوم“ به وڏي حڪيم ۽ زناني بيمارين جي ماهر هئي. پوڻا مرحوم کي اوڙي پاڙي جا ڪيترائي ڳوٺن وارا ”ويم“ جي لاءِ ڪوٺڻ ايندا هئا. پوڻا مرحوم نه صرف دوائون ئاهي ڏيندي هئي. بلڪ ڪيترين بي اولاد عورتن جو علاج به ڪندي هئي، جن کي اولاد نه ٿيڻ جو سبب ڪانه ڪا بيماري هوندي هئي، پوڻا مرحوم ڳورهاري عورت جي وک مان سمجهندي هئي ته سندس پيٽ ۾ هڪ ٻار آهي يا ٻه ٻار آهن ۽ پٽ آهي يا ڌيءَ آهي، سندن علاج سان ڪيترن عورتن جو نه صرف علاج ٿيو بلڪ سندن ديني علم جي ڄاڻ مان به ڪيترين عورتن فائدو ورتو. ”پوڻا مرحوم“ کي هڪ عالم جيترو علم هو، صوم وصلوات جي سخت پابند هئي. قرآن مجيد جو دور ۽ صبح جو ذڪر سندس معمول هو. امان جي وفات بعد ”پوڻا مرحوم اسان جو گهر سنڀاليو جيستائين بابا سائين ٻي شادي ڪئي. الله پاڪ کيس جنت جي مٿاهين منزلن تي رکي ۽ سندس دنياوي لغزشون معاف ڪري. بابا جو وڏو ڀاءُ ۽ اسان جو چاچا عبدالخالق آسي مرحوم به وقت جو وڏو جيد عالم، شاعر، مصنف ۽ حڪيم هو. سندس سوانح تي به ڪنهن ٻي نشست ۾ تفصيلي لکبو. هن وقت تائين به اسان جي سؤٽ ميان احمد پلي حڪمت جا ’ڪرل‘ استعمال ۾ رکيا آهن.

بابا سائين نماز، روزي ۽ خير خيرات ڪرڻ جا پابند هئا. جيستائين حياتي هئا عيد نماز ۽ خطبو پڙهائيندا رهيا. سندن خطبي پڙهڻ ۾ ايترو ته سرور هو جو ٻڌڻ وارا روئي رهندا هئا. قرآن مجيد جي قرائت ۾ اهڙو رس هوندو هو جو ٻڌندڙ مسحور ٿي ويندو هو. انهن خوبين جي ڪري وڏا وڏا عالم سندن قدردان هئا. مولانا عبدالرحمان جمالي صاحب ته ڪافي دفعا اعتراف ڪري چڪو آهي ته هي صاحب شريعت شخص اسان باريش عالمن کان گوءِ کڻي ويو آهي.

اسان جي خاندان ۾ به تمام وڏا عالم، مفتي، سياستدان ۽ دانشور ٿي گذريا آهن. جن خلافت تحريڪ، حر تحريڪ، تحريڪِ پاڪستان کانپوءِ مذهبي تحريڪن ۽ ملڪي سياست ۾ ڀرپور حصو ورتو ۽ پنهنجو ديني ۽ سماجي فرض پورو ڪيو. انهن بزرگن ۾ علامه ارشد پلي، مولانا مبارڪ پلي، علامه عبدالقيوم پلي، ڪامريڊ محمد عثمان پلي ۽ مولانا عبدالخالق پلي جا نالا اهم آهن. بابا سائين انهن سڀني بزرگن جو احوال پنهنجن مضمونن ۽ مقالن ۾ قلمبند ڪري نه صرف خانداني تاريخ کي محفوظ ڪيو بلڪ پاڻ به ون- يونٽ کان وٺي، اسلامي جي حقن جي تحريڪ تائين مڪمل جدوجهد ڪئي. جڏهن ون يونٽ جي تحريڪ مان الحاد جي تحريڪ جنم ورتو ته بابا سائين هڪ مرد مجاهد وانگيان سربڪف انهي علمي ۽ قلمي جهاد ۾ پنهنجو پاڻ ملهايو، جنهن جا شاهد انهيءَ وقت جا رسالا ۽ اخبارون به آهن ته سندن دوست ۽ شاگرد به آهن.

هن وقت به اسان جي خاندان ۾ علم جي جوت روشن ڪرڻ ۾ گهر ۾ اسلام ۽ شريعت جي پابندي ڪرائڻ ۾ خاندان جا اڪثر افراد متحرڪ آهن. هن تحريڪ جو هڪ اهم رُڪن مرحوم حاجي نبي بخش پلي تازو وفات ڪري ويو آهي، ان کانپوءِ به علي اڪبر پلي صاحب هڪ مبلغ جي طور تمام گهڻو سرگرم آهي. ان سان گڏ مولوي عبدالقيوم، مولوي عبدالحميد، حافظ فريد احمد، حافظ انعام الله، حافظ فاروق احمد، حافظ آصف احمد حافظ حاڪم، حافظ محمد عثمان، علي محمد ۽ احسان الله سان گڏ الماس اسد ۽ مريم اڪبر پڻ دين جي گس تي مستحڪم ۽ ٻين گهر ڀاتين لاءِ تائيد ۽ تاڪيد ۾ مصروف عمل آهن. اسان جي والده نه صرف اسان جي لاءِ دعائن جو در کليل آهي پر، پرائمري اسڪول ۾ نياڻين جي تعليم ۽ تربيت لاءِ رات ڏينهن ڪوشان پڻ آهي. بابا سائين جي زندگي جا معمولات به تمام سهڻا هئا. روزي ۽ نماز جي برڪت سان سوير سمهندا ۽ سوير اٿندا هئا. ٽيڪ ڏيئي وهڻ کان منع ڪندا هئا. پينگهي ۾ لڏڻ تي سخت برهم ٿيندا هئا، چوندا هئا ته ان طرح اوهين ٽوڻي ٿي ويندا.

بابا سائين هميشه سفيد رنگ جا بنا استري ڪپڙا استعمال ڪندا هئا. سڄي زندگي ۾ اسان کين هڪ دفعو سائي رنگ جي قميص ۽ هڪ خاڪي رنگ جو وڳو ٿوري وقت لاءِ استعمال ۾ ڏٺو، سياري ۾ ڪوٽ ۽ مفلر استعمال ڪندا هئا. ۽ ڪنو پڻ سندن زيبِ تن رهيو. سڄي عمر ريشمي لباس استعمال نه ڪيائون. رومال اڪثر کيسي ۾ رکندا هئا. پيرن ۾ سدائين سليپر استعمال ڪندا هئا. سليپر ۾ مٽي اصل برداشت نه ڪندا هئا. چاهي شهر ۾ هجن چاهي ٻني جو ڪم ڪندا هجن. اگر ڪنهن جي جُتي ۾ مٽي ڏسندا ته يڪدم صاف ڪرڻ لاءِ تاڪيد ڪندا هئا. سئنڊل ۽ چپل اصل ڪونه استعمال ڪندا هئا. سڄي زندگي ۾ صرف هڪ دفعو تاج ڪمپني جو هوائي چپل ورتئون پر اهو به گهڻو استعمال نه ڪيئون، سندن ٻنهي

گج ٺاهي رهي هئي.

"ماسي هي ڪنهن جو گج آهي؟"

"بازار مان آرڊر مليو اٿم."

"هن گج جا ڪيترا وٺندي آهين."

"ويهه رپيا."

"ويهه روپيا!!!" مون حيرت مان رڙ ڪئي.

ساڳيو گج مون بازار ۾ ڏيڍ سئو ۾ ڪپندي ڏٺو هو.

"اها ته ناانصافي آهي. ماسي توکي ايترو سستو گج نه ٺاهڻ گهرجي."

"امڙ! اهوئي ته ڪم اٿم جنهن تي گذر سفر هلي پيو، نه ته جيڪا بک مري وڃون. لالي به اڃي جوان ٿي آهي. پراون گهرن ۾ موڪليندي شرم ٿو اچيم. سندس شاديءَ جو فڪر الڳ اٿم. پوءِ پرت جو جيڪو به ٿورو گهڻو ملي ٿو ڪم اچي ٿو وڃي."

اسان وٽ پورهئي جو ڪو به ماڻُ نه آهي. ساران جي ڳالهه ٻڌي دل جي گهراين سان افسوس ٿيڻ لڳو. اهو رڳو ساران جو مسئلو نه بلڪ پوري سنڌ جي پرت پريندڙ غريب پورهيت عورتن جو مسئلو آهي. جن کان سستي اگهن تي رليون، گج، چادرون ۽ ٻيو پرت جو سامان ٺهرائي، ان ساڳئي سامان کي شهرن ۾ مهانگي اگهن تي وڪرو ڪيو ويندو آهي. ۽ ڪين پورهئي جو ايترو حصو به نه ملندو آهي جو هو پنهنجو گذر سفر آسانيءَ سان ڪري سگهن. گجن ۾ هر شيشي سان خبر نه آهي ڪيترا لڙڪ ٽاڪيل هوندا آهن. اُهر ڏاڳي سان خبر نه آهي، ڪيترين محروميون اٽيون وينديون آهن، پر پوءِ به ڪو به اهڙو ماڻهو نه آهي، جيڪو ان نااانصافيءَ تي آواز اُٺاري سگهي. هر ماڻهوءَ کي رڳو پنهنجا حق ياد رهندا آهن. هو اِهو وساري ڇڏيندا آهن ته ان تي ڪي فرض به آهن. جتي فرض جي ادائيگي جو پورو خيال رکيو وڃي اُتي ڪنهن به حق تلفي نه ٿي ٿي سگهي.

ان ڪانپوءِ ساران مون کي پنهنجا ٺاهيل گج ڏيکارڻ لڳي. ۽ مان سنڌ جي ثقافت جي حسين رنگن ۾ ڪٿي وڃائجي ويس.

دنيا ۾ خبر نه آهي ڪيترا خطا، ڪيترا ملڪ هوندا، ڪيترا ماڻهو، ڪيترين تهذيبون هونديون، پر يقين اٿم ته سنڌ جهڙو خلوص جي خوشبوءِ سان مهڪندڙ حسين خطو ڪٿي به نه هوندو، جتي جڏهن ساريون پچنديون آهن ۽ سونهري سنگ لهرائيندا آهن ته ٻنين جي پاسي ۾ رهندڙ پورهيتن جي اکين ۾ خوابن جون پريون رقص ڪنديون آهن ۽ سندن چهرا محنت جي عظمت سان پُرنور هوندا آهن.

پوءِ اهڙي خطي کي ڇو نه ساهه ۾ سانڍي رکجي، سنڌ جي ثقافت جو ماڻُ رکندڙ هٿن جي ڇو نه حفاظت ڪجي.

جتي فضائن ۾ چاهتن جا چنگ ڇڙن، جتي جي هوائن ۾ بانسريءَ ۾ الغوزي جا آلاپ هجن، ان زمين جا وارث، فنڪار، راڳي، شاعر ۽ پورهيت ڇو بي بسيءَ جي پڇن ۾ لاوارث ٿي پٽڪندا رهن. جتي سون جهڙا سويرا ۽ چانديءَ جهڙيون راتيون هجن، اُتي خواب ڏسڻ تي ڇو پهرا هجن، ۽ ڇو ساڀيائون بي يقينيءَ جي رڃ ۾ رستو ڀلجن!

ساران جو ڏيکاريل هر گج انتهائي وڻندڙ ۽ خوبصورت هو، پر سندس محنت جو اجورو تمام گهٽ هو، تقريباً نه هئڻ جي برابر. پر هُوءَ گهٽ قيمت تي ڪم ڪرڻ لاءِ مجبور هئي. سندس مڙس بيمار هو. ٺيڪ ٿيڻ جي صورت ۾ هو ڪڏهن ڪڏهن مزدوري تي ويندو هو. ۽ بيماريءَ جي صورت ۾ ساران جي سڄي ڪمائي سندس دوائن تي ڪجي ويندي هئي. انڪري مجبور ٿي هن لالي ۽ ملوڪ کي ڪم تي لڳائي ڇڏيو هو.

"ملوڪ ڪٿي آهي؟" مون پڇيو.

ساران ملوڪ کي سڏڻ لڳي. ٿوري دير ڪانپوءِ ملوڪ گهٽيءَ مان ظاهر ٿيو، سندس هٿ ۾ لغڙ هو.

"اڄ بيماريءَ جو بهانو ڪري ملوڪ ڪم تي نه ويو، جيڪڏهن وس پڄيس ته سڄو ڏينهن پيو نچي ڪڏي ٿوٽي ڪٽان جو."

"ويچارو ٻار." مون ملوڪ کي همدرديءَ سان ڏٺو، جنهن وٽ کيڏڻ ۽ خوش ٿيڻ جو ٽائيم ڪيترو گهٽ هو. جنهن کي هُو ڪو بهانو ڪري حاصل ڪندو هو.

"هن مقدر جي هٿان مار کاڌي آهي؟"

"مقدر ماڻهوءَ کي ڪيئن ماريندو آهي!"

"اها ڳالهه تون نه سمجهي سگهندين."

"پر هن جي جسم تي ڌڪن جانشان ته نه آهن."

"مقدر جي مار کائيندڙ ماڻهن جي رڳو روح تي زخم هوندا آهن."

مون کي لڳو ڄڻ ملوڪ منهنجي ڳالهه کي سمجهي ورتو هو. هونئن به مقدر جا ڌڪ کائيندڙ ٻار پنهنجي عمر کان اڳ وڏا ٿي ويندا آهن هو به سمجهه جي ان تڪليف ڏيندڙ عمل کان گذري رهيو هو.

ڪيترا ڏينهن گذري ويا ملوڪ نه آيو. مان سندس گهر ويس ته ملوڪ گهر ۾ نه هو. ساران کٽ تي ستي پئي هئي. هوءَ بخار ۾ تپي رهي هئي.

مون کي ڏسي کٽ تان اٿڻ لڳي، پر مون کيس ليٽائي ڇڏيو ۽ سندس پير ۾ ويهي رهيس.

ملوڪ جو پڙهڻ لاءِ نه ٿو اچي!"

"الاءِ امڙ ڇا ٿيو اٿس. چپ چاپ ويٺو الاءِ ڇا سوچيندو رهندو آهي."

"هن گهر جي حالتن جو گهڻو اثر ورتو آهي."

"جڏهن کان ملوڪ جي پيءُ مون سان جهيڙو ڪيو آهي. تڏهن کان ملوڪ چپ ٿي ويو آهي." هاڻ مون کي ملوڪ جو مسئلو سمجهه ۾ اچڻ لڳو.

توهان ۾ جهيڙو ڪنهن ڳالهه تي ٿيو.

"هُو چاهي ٿو ملوڪ پڙهڻ بدران ڪو ڪم ڌنڌو وڃي ڪري."

مون کي ملوڪ جو مستقبل اونداهو نظر اچڻ لڳو.

"ڇا توهان جي مڙس جو توهان سان شروع کان اهڙو رويو هو."

منهنجي سوال تي ساران چپ ٿي وئي. ايئن محسوس ٿيو ڄڻ هوءَ ماضيءَ جا وڃايل پيرا ڳولهڻ جي ڪوشش ڪري رهي هجي.

"جڏهن کان اسان جي شادي ٿي آهي. مون کي ياد نه ٿو اچي ته هن ڪڏهن منهنجا ڏک سور ونڊيا هجن. ڪڏهن منهنجا حال پڇيا هجن. صبح جو گهر مان نڪرندو هو ته شام جو موٽندو هو. باقي هر وقت پيو سهائيندو هو ته توهان جي ڪري ٿو ايترا ڌڪا کائوان، بس ڏکيو سکيو وقت گذري ويو."

مان سوچڻ لڳس. شادي زندگيءَ جو هڪ اهو سفر آهي، جنهن جو مطلب هڪ سٺي گهر، هڪ اهڙ اداري جو بنياد آهي، پر اهو طبقو جيڪو زندگيءَ جي بنيادي سهولتن کان محروم آهي، ان لاءِ شادي محض دنياداري نڀائڻ جو نالو آهي. جنهن ۾ رشتا هڪٻئي لاءِ بوجهه بڻجي ويندا آهن. عورت ته رڳو محبت ۽ توجهه جي طالب هوندي آهي. خلوص جي چند ٻولن جي عيوض زندگي قربان ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويندي آهي، پر جن گهرن ۾ توجهه کان محروم ساران جهڙيون ٻي بس عورتون رهنديون هجن اهي گهر تاريڪ ۽ ويران قبرن جو ڏيک ڏيندا آهن. هوءَ ڊگهي عرصي کان بيمار هئي ۽ گهر ۾ اُڇلايل ڪنهن فالتو شيءِ وانگر پئي هئي، مڙس اها زحمت گوارا نه ٿي ڪئي ته ڪيس ڪنهن ڊاڪٽر کي ڏيکاري.

"مان توهان کي سپاٽي ڊاڪٽر وٽ وٺي ويندس."

"اجائي تڪليف ڪرڻ مان ڪهڙو فائدو. باقي گهڻا ڏينهن بچيا هوندا زندگيءَ جا! ٻه يا ٽي، اُهي به گذري ويندا." هوءَ تمام گهڻو مايوس هئي.

"لالي، ملوڪ ۽ شانوءَ کي توهان جي ضرورت آهي."

"شانو....!!" ساران جي اکين ۾ اونداهي لهي آئي.

"غريبيءَ ۾ شل نه ڪنهن جو مقدر ڦٽل هجي. جي شانو سٽريل هجي ها، ته نه لالي پراون درن تي ڌڪا کائي ها ۽ نه ٿي ملوڪ جي پڙهڻ تي روز گهر ۾ جهيڙا ٿين ها."

"ملوڪ کي مون وٽ پڙهڻ لاءِ ضروري موڪلجو، مان شام جو انتظام ڪندس."

هڪ شام ڇا ڪيتريون شامون گذري ويون پر ملوڪ نه آيو. هڪ ڏينهن آيو ته سندس منهن لٿل هو ۽ هٿن ۾ ڪتاب هئا.

"ماسي ساران ڪيئن آهي؟"

”ٺيڪ آهي، پر اجان ڪم ڪرڻ جهڙي نہ آهي. لالي جي وڃڻ ڪانپوءِ امان جو ڪم مان ڪندو هيس انڪري ايترا ڏينهن نہ اچي سگهيس......“

ملوڪ جي چهري تي عجيب ڪيفيت هئي، مون کي ايئن محسوس ٿيو هو.

هڪدم تمام وڏو ٿي ويو هجي. ايترو وڏو جو هن تي روح جي زخمن جو مفهوم واضح ٿي ويو هجي.

”هي توهان جا ڪتاب موٽائي ڏيڻ آيو آهيان. اڳتي مان نہ پڙهندس.“

”ملوڪ......!!!“ مون حيرت مان رڙ ڪئي.

”مان نہ ٿو چاهيان تہ منهنجي ماءُ روز منهنجي ڪري مار کائي، روز منهنجي پيءُ جون گاريون ٻڌي.“

”ملوڪ! تون هڪ ذهين ڇوڪرو آهين توکي علم حاصل ڪرڻ گهرجي.“

”امان بيمار رهڻ ڪري پرت ڇڏي ڏنو آهي. منهنجو پيءُ بيماريءَ جو بهانو ڪري گهر ۾ پيو آهي. هُو چوي ٿو تہ مان ڪنهن ڌنڌي تي لڳي وڃان، هُو هڪ ڪارخاني ۾ مون لاءِ ڳالهائي آيو آهي. مون کي صبح کان شام تائين اُتي ڪم ڪرڻو پوندو.“

سندس ڳالهہ ٻڌي مون کي يونيسيف جي رپورٽ ياد اچي وئي تہ دنيا ۾ ڏهہ ڪروڙ ٻار مزدوري ڪن ٿا هر پنجاهہ ٻارن ۾ هڪ ٻار مزدوري ڪري ٿو. خاص ڪري ٽين دنيا جي ملڪن ۾ مزدوري ڪندڙ ٻارن جو تعداد وڌيڪ آهي. اڄ جو ٻار زندگيءَ جي بنيادي سهولتن کان محروم آهي. هُو ننڍپڻ جي نطري معصوميت کان پري ڪيو ويو آهي. زندگيءَ جي بوجهہ ڪانئس ننڍپڻ جون مرڪون کسي ورتيون آهن.

”تون چاهين تہ پڙهائي جاري رکي سگهين ٿو.“

”ڪارخاني ۾ مون کي پڙهڻ لاءِ ٽائيم نہ ملندو.“

”ملوڪ! دنيا ۾ ڪابہ ڳالهہ مشڪل نہ آهي.“

”دنيا ۾ جيئڻ تمام مشڪل آهي.“ ملوڪ تلخيءَ سان چيو. مان ڇرڪي ڪيس ڏسڻ لڳس. هن چيو.

”ها مان سچ ٿو چوان. مان هاڻ ٻار نہ آهيان، جو ڳالهيون نہ سمجهي سگهان.

اسان غريبن لاءِ ماني اهم آهي نہ ڪي تعليم. ماني کانسواءِ انسان جيئرو رهي نہ ٿو سگهي. مون کي لاليءَ جي شادي ڪرائڻي آهي مان امان جو علاج ڪرائيندس. مان مزدوري ڪندس، سخت محنت ڪندس.“

مون کي ملوڪ جي ڳالهہ ٻڌي سخت افسوس ٿيو.

”ڇا توهان مون کان ناراض آهيون؟“

”نہ“

”ڇا مزدوري ڪرڻ عيب آهي؟“

”نہ“

”ڇا علم کانسواءِ انسان، سنو انسان نہ ٿو بڻجي سگهي؟“

”عقل ۽ ساڃهہ علم جي محتاج نہ هوندي آهي.“

منهنجي ڳالهہ ٻڌي ملوڪ جي اکين ۾ خوشيءَ جا پوپٽ رقص ڪرڻ لڳا.

”ڇا مان سنو انسان بڻجي سگهان ٿو.“

”تون هڪ سنو ڇوڪرو آهين. ڇو تہ تو پنهنجي ذميداري محسوس ڪري ورتي آهي. علم رڳو ڊگرين جو نالو نہ آهي. علم، انسان جي وسيع جاڻ ۽ بهترين ورتاءُ جو نالو آهي، ڪي ماڻهو اعليٰ تعليم حاصل ڪري بہ بي عمل هوندا آهن، پر تون تہ هڪ بهترين عمل سان زندگيءَ ڏانهن اڳتي وک وڌائي رهيو آهين.“

خبر نہ آهي. منهنجي ڳالهہ ٻڌي ملوڪ کي خوشي ٿي يا نہ، پر سندس اکين ۾ گهري اداسي هئي. لڙانيل شام جهڙي اداسي. هن پوپٽن پنيان ڊوڙڻ ڇڏي ڏنو هو. ڇو تہ سندس هٿن زندگيءَ جي تلخ حقيقتن جو پلئہ جهلي ورتو هو.

ڪتاب ’سون ورنيون سوريون‘، تان ڪنيل



خيرالنساء جعفري



# پيڙا جو پڙلاءُ

ڪڏهن ڪڏهن ڪتابي علم بہ انسان کي ڪيڏو نہ بيويساهہ ۽ بزدل بڻايو وجهي، ان جي شايد توکي سڌ نہ هجي. جو تون ان ماحول ۾ اچڻ کان پوءِ بہ ان لڄ کان آجو ٿي رهين، ورنہ هيڏو ڏيسارو ڏورڻ. پئسا خرچ ڪرڻ- پنهنجن کان پري ٿيڻ سڀ اجايا تہ ڪين هئا!!

”بوسٽن“ اڃي تہ تنهنجون رَوِشون اهي ئي رهيون جي شايد تنهنجون پنهنجي ديس ۾.....

ها دوست، تون جو ايتري لوڏ سان ٿي هلين. بارش ۾ ٿي وينين ۽ گرل فرينڊز سان ٿي گهمين.

مان بہ هتي تعليم سانگي آئي هيس ۽ تون بہ، پر هت اچي اسان ٻنهي جا ”مطلب“ ساڳيا هوندي بہ ”منزلون“ بدلجي ويون هيون يا منزلون ساڳيون هجڻ کان پوءِ بہ گس مٽجي ويا هئا.....

پاڻ ٻنهي مان غلط ڪير هو ۽ صحيح ڪير؟- ان جو فيصلو تہ وقت بہ نہ ڪري سگهيو. جو چڱائي ۽ لڳائي غلط ۽ صحيح جون جوڙون اسان پاڻ ئي تہ جوڙيون آهن. وقت ۽ حالتن، جا سانچا انسان کي بہ ميڻ جيان مٽايو ڇڏين تہ معيارن کي بہ اڄ بہ تون چوندين تہ تون صحيح هئين ۽ مان پائيندس مان. باقي ”حقيقت“ جو ”ڪاٿو“ اچي سو ڪٿان؟

تون ۽ مان هڪ ڪناري جون ڄڻ بہ ڪنڌيون هئاسين، جن جا رخ ڄڻ ازل کان جدا.

تون دريا جي مست وهڪري جيان جتان چاهئي اتان لنگهندو وئين. زندگي جي هر تجربي کي پاڻ ۾ پائي- بي فڪر ٿي روم ۾ هلندو وئي: جيئن جو، جيئن پانيءِ تيئن ڪيءِ، سوچڻ ۽ لوچڻ تنهنجي اڳيان اجايا هئا. تو آڏو زندگي جو ساز رڳو موج ۽ مستي جي آواز لاءِ هو. پنهنجي هر ڪرٽي کي بهادري ۽ ويساهہ پانيءِ شايد اعتماد جي اها گهٽائي هئي تو ۾، جو مون هميشہ توکي پُرسڪون ۽ سانتيڪو ڏٺو.

ان جي ابتڙ مان هميشہ کان بي اعتمادي جو شڪار. ازل کان بيويساهہ ۽ بزدل- ماٺهو تہ ماٺهو ڪڏهن تہ خدا تي بہ اجايا..... مان پاڻ کي هميشہ دريا ۾ ان ڪُن جيان پانيو، جو ماٺ کان پري، هميشہ مانداڻ جي چڪرن ۾ هوندو آهي. سنگين کان سنگين حقيقتون پاڻ ۾ لڪائي ۽ ڏيڪاءَ ۾ ڪجهہ نہ ڏيکاري. مون جيون جي جهورين کي پاڻ ۾ ملائي هڪ ڪيو آهي جو غمن جي غرقابي، هاڻ ڄڻ حيات جي فطرت بڻجي وئي آهي.

هاڻي تہ من جون مرادون ڪجهہ اهڙيون رچي ٿيون آهن، جو هينئر بہ جيڪر مون آڏو اهنج ۽ سهنج سامهون ڪرين. تہ مان هٺ ڊگهيريندس اهنجن ڏانهن. جو من کي هاڻي انهن ۾ ئي مزو ملي ٿو. ڇو؟ ان جي شعوري ڪارڻ جي تہ خود مونکي بہ ڪل ڪانهي.

دوست، اڄ دنيا. توکي ڇا بہ ڇوي پر تون پاڻ تہ جيل جي چوديوارين ۾ چين سان آهين نہ تہ اڄ تون بہ مون وانگيان سوچ جي صحرا ۾ ڀٽڪندو رهين ها.

مون کي ياد آهي تہ جڏهن مان هتي نئين نئين آئي هيس تڏهن ڪيترو وقت ايڊجسٽ ڪرڻ ۾ لڳو هو. جيڪڏهن پيٽي بہ هجي ۽ پرجهلو بہ، تہ پوءِ مقصد ماڻڻ هروڀرو ڏکيو ڪونہ لڳندو آهي. سمرڪ ايندي ئي مان پنهنجي مقصد ۾ جنبي ويس. ڪتابن جي دنيا ۾ مون پاڻ کي ڪافي حد تائين گم ڪري ڇڏيو جو منهنجي آڏو پهريون مقصد ئي اهو هو.

همت افزائي لاءِ جتي استادن جي همت افزائي هئي اتي ادي عبدالقادر جي رفاقت بہ پاڻ هتي ٻہ سال مون کان سينئر هو. شڪارپور جو هو، چريءَ ۽ نيت بريءَ جي چوٽي جي ٻنهہ ابتڙ. بيشڪ هتي جي

ماحول ۾ ڪيپي وچڻ ۾ مون کي ادي قادر جي ڏاڍي مدد هئي. چڱي دوست جو ملڻ به ته خوش نصيبي آهي نه. تڏهن مان به پاڻ کي ڏاڍو نيڪ نصيب پائيندي هيس.

پر هڪ ڳالهه ٻڌايانءِ ته تن ڏينهن اسان جي خوش نصيبيءَ جو معيار ئي ڪجهه اهڙو هو. خوشيون ايتريون سستيون پائنبيون هيون جو ڪٿي اگر پرائي باغ ۾ ڪو گل ٽڙندو هو ته دل پنهنجي پئي خوش ٿيندي هئي. ڪئي ڪو سنو راڳ ٻڌم يا سنو ڪتاب هٿ آيو ته پائيندي هيس ته ڄڻ قاروني خزانو ملي ويو. ٻيو ته ٻيو چانهه جو هڪ سنو ٻوز به خوش نصيبيءَ جي علامت پئي لڳندي هئي. ۽ هاڻي حالتون ٻيون. ماڻهو ٻيا، ۽ ماڻهن سان گڏ معيار به ٻيا.....

منهنجي هتي اچڻ کان ٻارنهن مهينا پوءِ تون آئين. جڏهن پهريون دفعو قادر کان تنهنجو بوسٽن اچڻ جو ٻڌم ته دل خوشيءَ کان ٻلهار ٿي وئي. نه ته توکي سڃاڻندي هيس، پر پريان سندي پار جي مڙيئي مٺائي.

جڏهن تون آئين ۽ ادي قادر تنهنجي مون سان سڃاڻ ڪرائي ته مون تو مان ڪو خاص امپريشن نه ورتو. سواءِ ان جي ته تون بلڪل سادڙو، هاٺي ڪاٺيءَ جو مضبوط، ٿورڙو بي ترتيب ۽ ڪافي رف شيءِ هئين، باقي ان کان وڌيڪ مون توکان ڪوبه تاثر ڪونه ورتو، جو تو ۾ متاثر ڪرڻ جي ڪا ڳالهه ئي ڪانه هئي. ان لاءِ نه ته ڪو تون ديار غير ۾ اچڻ ڪري ڪو هيسيل هئين، بلڪ تو ۾ ڪو لچڻ ئي ڪونه هو. گهٽ ۾ گهٽ ان وقت مون اهوئي محسوس ڪيو.

مون کي تنهنجي اوائلي ڏينهن جي ڪابه خبر ڪانه هئي ته تو ڪٿي پئي گهاريا ۽ ڪيئن پئي گهاريا البته ايتري سا خبر پيم ته توکي رهڻ لاءِ ايم.سي اسٽريٽ ۾ ئي روم مليل آهي! يعني منهنجي هاسٽل جي اڳيان. ورانڊي جي ونجهين ۾ منهن هڻي جي سڌي نهار ڪبي هئي ته لائين ۾ ٻئي پورشن جي مڙني فليٽن جون دريون قطار ۾ ڏسڻ ۾ اينديون هيون، قادر ٻڌايو هو ته توکي ٻئي فلور ۾ پيو نمبر روم رهڻ لاءِ مليل آهي.

آءُ ڪڏهن ڪڏهن اسٽڊي کان پوءِ ٿڪ ڀڃڻ لاءِ انهن ونجهين مان نهاريندي هيس ته تنهنجي روم جون بتيون رات جي ٻارهين وڳي سوڌي بند ئي رهنديون هيون. ان کان پوءِ البته هڪ ڏيڍ وڳين ڌاري تنهنجي روم جي شيشي مان روشني جا پاڇولا اچي ۽ لڙي ويندا هئا. جنهن مان منهنجو اندازو هو ته تون ڇڙو روم ۾ اچيو ۽ سمهيو رهين. خدا ڄاڻي تون اسٽڊي اورس ڪٿي صرف ڪندو هئين؟

ڪنهن لائبريريءَ ۾، ڪنهن دوست وٽ يا ڪنهن هوٽل يا بار ۾، تن ڏينهن مون کي تنهنجي ڪا خبر ڪانه هئي.

باقي سو توسان ڪڏهن ڪڏهن رسمي طور ملڻ ٿيندو ئي رهندو هو. جو اسين سڀئي، ڏيساور کان آيل هم زبان هئڻ جي ناتي ۾ محفلون ڪندا ئي رهندا هئاسين. جتي ٻين ٽاپڪس سان گڏ، اڪثر ٽاپڪ پنهنجي سوني ڌرتي جو به هوندو هو.

تون هوندو ته ماٺ ماٺ ئي هئين، پر قادر ٻڌايو هو ته سخت قوم پرست آهين. توکي پنهنجي ديس جي محبت ۾ ڪافي دفعا اسٽرائڪون ڪرڻيون پيون هيون ۽ ڪئي ڀيرا جيل به وڃڻو پيو هو، تو ديس ۾ رهي جو ڪجهه ڪيو هو ان ۾ جيتري صداقت هئي تنهن لاءِ آءُ ڇا چوان.

اڄ تنهنجي سار سان گڏ "مارٽن" به ٿومن ۾ هُرير. مارٽن اسان واري پورشن جي انچارج جو پٽ هو. 18-19 سالن جو ڏاڍو ٺاهوڪو جوان. اڪثر شام جو چاڪليٽ چٻاڙيندو ۽ گٽار وڄائيندي نظر ايندو هو. "بوب" سندس ڪتو هر وقت ساڻس گڏ. اهڙو ذهين اهڙو ٽريند جو ماڻهوءَ کي مات ڪري. مارٽن ۽ بوب منهنجا پڪا دوست هئا. آءُ هر روز شام جو لان ۾ بسڪوٽ کڻي ويندي هيس بوب لاءِ. جتي مارٽن پيو گٽار وڄائيندو هو ۽ بوب پاسي کان اکيون بند ڪيو شايد سرن مان پيو سرور وٺندو هو. اتي اسان جون خوب ڳالهيون ٿينديون هيون. مارٽن مون کان سنڌ متعلق ايڏي ته پڇ پڇ ڪندو هو، جو منهنجي خيال ۾ هاڻي سندس ناليج به سنڌ متعلق اوترو وئي هئي جيتري منهنجي.

بوب بسڪوٽن جو ايترو عادي ۽ شوقين هوندو هو جو مجال آهي اڌ ڪلاڪ کن دير ٿئي ڪيس ڏيڻ ۾. زنجير ڇڏائي، ڪڙڪائيندو سنئو منهنجي روم ۾. اڳيان بوب پٺيان مارٽن. سزا جي طور تي بوب کي ته بسڪوٽ ملندا ئي هئا، پر مارٽن جي به ڇانهه لڳندي هئي مٿي تي. حقيقت ۾ منهنجي مارٽن جي دوستي پڪي ٿي هئي، هڪ رلي؛ تي. مارٽن کي منهنجي پاڻ سان آندل رلي ڏاڍي وڻي هئي. اڪثر ان رلي؛ کي مفلر جيان گلي ۾ ويڙهي پيو گهمندو هو.

هڪ دفعي اندر روم ۾ آيو ته نظر وچي پيس سامهون رکيل ڪئلينڊر تي. جنهن تي عمر ۽ مارئي؛ جي ڏاڍي سهڻي تصوير ڇپيل هئي. تصوير ۾ عمر مارئي؛ کان پاڻي؛ جي آڇ ڪري رهيو هو، ۽ مارئي اڳيان وڌي پاڻي پيش ڪري رهي هئي، پاسي کان هڪ اُٺ پڻ بيٺل ڏيکاريل هو. جيڪو رلي؛ سان خوبصورت ڪجاوو اوڍيل هو. مارٽن ڪئلينڊر ڏسندي ئي هميشه جيان سوال جواب ڪرڻ شروع ڪري ڏنا هئا، ۽ مون جواب ۾ کيس سڄو عمر مارئي؛ جو داستان ٻڌايو هو. ان سان گڏ ڪجهه لوڪ گيت به ٻڌايا مانس جي مون پاڻ سان گڏ ٽيپ ڪري آندا هئا.

هڪ ڏينهن آيو ته ڏاڍو سرهو هو. رلي؛ واري چادر ڪلهن ۾- ڪنڌ ۾ گٽار. ڪئلينڊر ڏانهن ڏسندي چيائين، "ڪمال آهي هڪ عورت ۾ ايڏو عزم، وفا ۽ پوترتائي!"

چيومانس ته، "شاباس ته ان مرد کي به ڏي نه مارٽن، جو وڏو حاڪم هوندي به ايترو بااصول، بهادر ۽ ڊيموڪريٽ هو.

"بيشڪ بيشڪ" چئي کن ڏسي پنهنجي گلي ۾ چادر ڏانهن ڏسندي هڪ شرارتي مرڪ مرڪي چيائين، "فرينڊ، هي؛ چادر به ڪٿي اوريجنل ته ناهي. جا مسٽر عمر جي اُٺ تي ڏيکاريل آهي؟"

"ها، ها بلڪل" مون چيو.

اُٺ به ته هي اوريجنل ئي آهي نه، جنهن تي رلي اوڍيل آهي!" مون ڏانهنس اشارو ڪندي وراڻيو.

اهڙي طرح مارٽن اسان جي تهذيب، اخلاق ۽ بهادري کان ڏاڍو متاثر هو. ڪڏهن ڪڏهن ڪلي چوندو هو ته، "فرينڊ جڏهن تون پنهنجي ديس موٽي واپس ويندين؛ ته توکي مان ڪمپني ڏيندس ۽ پنهنجي اکين سان ان ڌرتي کي ڏسندس جنهن جا رهواسي ايڏا سندر ۽ سٻاجها آهن."

توکي ياد آهي ته هڪ دفعو تون اسان واري فلور تي وڃڻ لاءِ وراندي ۾ بيٺل هئين. ان مهل مان به يونيورسٽي؛ مان موٽي هئس آءُ مٿي وڃڻ لاءِ لفٽ جي انتظار ۾ هئس ۽ تون به جڏهن اسان ٻئي لفٽ تي سوار ٿياسين، تڏهن تون منهنجي وجود کان بيخبر ٿي چپ چاپ بيٺو رهين، ۽ مون پاڻ ئي توسان ڳالهايو هو.

"توهان اڄ هن پاسي ڪيئن؟"

"قادر ڏانهن."

"توهان پنهنجو وقت ڪيئن گذاريو؟"

دوستن سان، دوستن وٽ." تو تمام مضبوط لهجي ۾ ننڍڙو جواب ڏنو.

"پر وقت جي گهرج توهان کان ڪجهه بيو به چاهي ٿي؟"

"دوستن لاءِ منهنجي جان به حاضر آهي، ۽ ان کان وڌيڪ ڪا گهرج، گهرج ناهي."

ان کان پوءِ تون مون کي نو لفٽ ڪري خاموش ٿي وئين ۽ مان به هرويرو ڳالهائڻ مناسب نه سمجهيو هو.

پوءِ هوريان هوريان مون محسوس ڪيو ته قادر وٽ تنهنجا پنڌ پير وڌي ويا آهن. اڪثر يا تون قادر وٽ ايندو هئين يا قادر تو وٽ. شايد تنهنجي دوستن ۾ هاڻي قادر به شامل ٿي ويو هو.

مون کي پن- ڇڻ رت جي اها پيلي پيلي شام ياد آهي جڏهن ته پهريون پيرو مون کي پاڻ هرتو سلام ڪيو هو.

مان لان ۾ ويٺي هئس. بوب بسڪوٽن ۾ مگن هو. مارٽن گٽار تي هلڪا هلڪا سُر پي ڇيڙيا. سڪل سڪل پن هوا جي رخ تي هيڏي هوڏي ٿي وکريا. موسم تي اداسي؛ جو عجيب اثر هو.

مان رکي رکي غير ارادي طور تنهنجي درين ڏانهن ٿي ڏٺو جي هميشه جيان اڄ به بند هيون. شاهه لطيف ان ئي ويل لاءِ چيو هو:

تنهنجو نالو ٻڌي مون کي محسوس ٿيو ڄڻ، ڄڻ عبادت ڪندي، منهنجي تسبيح جا داڻا ڇڄي پيا هجن.

دوست، تون شايد ذهن جي انهن حالتن مان نه لنگهيو هجين ته ذهن تي جڏهن سانحا گذرندا آهن تڏهن دل پنهنجن جون قربتون چاهيندي آهي ۽ هرويرو پاڻئبو آهي ته ڪن پنهنجن وٽ وڃي وهجي جو لمحن جي اذيت ايترو نه ستائي. مان تڪڙ ڪري بي سمجهائيءَ وچان اٿيس. چيم، ”قادر ڪي وڃيو ٿي پنهنجو ڏوهه ڏسيان ان سان وڃي ٿي تنهنجون ڳالهيون ڪريان.“

”پر قادر ته ڪڏهوڪو کسجي ويو.“ الاءِ ڪٿان ڪان سمجهه موٽي آئي، ۽ پوءِ مان ڇرڪي ڪري ليٽي پيس جو ويهڻ جو ست ئي نه ڪونه هو. اهو سڄو ڏينهن مان اندران دروازو بند ڪري پئي هئس. ٻاهر طرح طرح جا آواز هئا. اچڻ وڃڻ جا آواز، گوڙ گهمسان، قتل جون خبرون، قياس آرائيون. اهو سارو ڏينهن مون اڪيلو روم ۾ گذاريو، نه مارٽن ئي لڙي آيو نه ئي بوب ڪا سار لڌي.

تنهنجي ڪيتي تي ٻين ڪيترن کي لوڙهو پيو. ڪيترا رولز ريگوليشنز پاس ڪيا ويا. ڪيتريون ئي تبديليون آيون ۽ اسان ڌارين تي سختيون برتيون ويون.

مارٽن پنهنجا آدرش بدلائي ڇڏيا هئا ۽ بوب پنهنجي عادت مٽي ڇڏي ۽ مان تڏهن پهريون ڀيرو ڀانيو هو ته پرائي ڌرتي تي ڪو ڌاريون ماڻهو بيٺي آهيان جنهن کي هتي رهڻ جو هاڻي ڪوئي حق ناهي.

۽ جڏهن ڊگري پيتيءَ ۾ وجهي وطن ڏي واپس وڃڻ جي ڪئي هئم، ان ڏينهن دل جهڙو وڻي وڻي پئي پاڻيم. مارٽن سان ملڻ ويس ته هُو ڏاڍي پاٻوهه سان مليو. بوب کي پيار ڪري هڪ نظر قادر جي روم ڏانهن وڌم. پر اتي ته ڄڻ ڪاريءَ وارا ڪڪ لڳا پيا هئا. سندس روم اڄا تائين سيل ٿيو پيو هو. نوڙي نوڙي پٽ کي ڏسڻ چاهيم متان ڪي ماضيءَ جا ميساريل داغ ئي نظر اچن، پر وقت ڪا ريلا ته ڄڻ رت جي رشتن کي ريٽڻ لاءِ ڪي آتا هوندا آهن، ڪي

ٻه ته ڪونه هو اتي! جوڳين ڪان سواءِ جايون سڃيون سڃيون پئي لڳيون. پولارن مان ڄڻ هر سنئو آواز ٿي اٿيا، ”اڄ... ماٺ مڙهين... ۾ جوڳي... جيڪس ويا..... اڄ ماٺ... مڙهين ۾ ماٺ..... مڙهين ۾! ۽ مان انهن آوازن کان گهبرائجي روم ۾ هلي آيس. عجيب طرح جي آنڌ مانڌ هئي من ۾! ڀانيم اڄا به ڪا ميخ آهي اندر ۾ جا اٽڪي ٿي. ڪا تند آهي جا ڪجهه تنواري ٿي ۽ مان ان پيڙا کان بچڻ ڪاڻ ڪيترو وقت اڳ ۾ ئي ائروبرم هلي آيس.

ايندي ايندي الائي ڪهڙو رحم پيو پاڻ تي جو چيم اڄ هڪ ڦيرو چونه تنهنجي چوديواريءَ جو به ٿي وڃي. هتي جا بوجهه هتي ئي ڇڏي وڃجن. پوءِ متان پنهنجو من پاڻ کي ئي ميارون نه ڏي.

تنهنجي بلڊنگ جو ٽيڪسيءَ ۾ چڪر ڏيندي سوچيو هوم هي ڦيرا ته ڪنهن مذهب ۾ قسمتن جي سنجوڳ جا امين ڪري ڀانئبا آهن، پر مان اڄ هنن ڦيرن جي تعبير بدلائڻ آئي هئس. چيم، ”اڄ توکي ارپڻ آئي آهيان پنهنجي لکئي جا اهي ڏينهن جي منهنجي لاءِ يقينن ڏاڍا ڏکيا هئا، پر هاڻ اڄ توکي اهي بوجهه ارپڻ کان پوءِ انهن جو منهنجي زندگيءَ ۾ ڪڏهن گذر نه ٿيندو. ڪڏهن نه!“ اهو منهنجو عزم هو. منهنجو فيصلو هو.

جهاز ۾ ويٺي ويٺي الائي ڪٿان ”غازيءَ“ جا لفظ تري آيا ذهن تي.

”اسٽيشن تي عزيزن کي ”الوداع“ چوڻ وقت ڀاسندو آهي، ڄڻ اسان جي وجود ۾ ڪجهه آهي جو مري رهيو آهي ۽ جڏهن اتان موٽبو آهي تڏهن ڀانئبو آهي ڄڻ اسين پنهنجي ئي وجود جي هڪ حصي کي خدا حافظ چئي آيا هجون.“

۽ جڏهن جهاز رن وي تي ٻوڙڻ لڳو هو تڏهن مون ٻه دريءَ مان منهن ڪڍي فضا ۾ آخري دفعو توکي ”خدا حافظ“ چئي هميشه لاءِ ان ڪهاڻيءَ کي ختم ڪري ڇڏيو هو: هميشه لاءِ!

ڪتاب ’سون ورنيون سوڊيون‘، تلن ڪنيل



شوڪت حسين شورو

# گلي ۾ قاتل سڏڪو

هوءَ مشين کي تيز تيز هلائڻ لڳي، جيئن سندس سوچ پٺتي رهجي وڃي. اوچتو احساس ٿيو هن کي تہ بابين جو ڌاڳو ختم ٿي ويو هو ۽ هوءَ پوءِ بہ مشين هلائيندي پئي رهي هئي. هن مشين بند ڪري ڇڏي. مشين جي گوڙ ختم ٿيڻ سان هڪدم خاموشي ڇانئجي ويئي. هن ڀت تي لڳل اليڪٽرڪ گھڙيال ڏي ڏٺو. ٻئي ڪانٽا ٻارنهن کي ويجھو وڃي پهتا هئا هن کي رات جي اڪيلائيءَ جو شدت سان احساس ٿيو. جيڪڏهن ڪو چور گھر ۾ گھڙيِ اچي تہ هوءَ اڪيلي ڇا ڪندي!

هن سوچيو، ڊڄڻي تہ آئون ننڍي هوندي کان ئي آهيان. نانيءَ جنن ڀوتن جون ڳالهيون ٻڌائي ٻڌائي اهڙو ڊيڄاري ڇڏيو جو رات جي وقت پنهنجي پاڇي کان ڇرڪندي آهيان. مون اها ڳالهہ آصف کي ٻڌائي بہ هئي. هن کي خبر آهي تہ آئون ڪيتري ڪمزور دل آهيان. پر هُو ائين ڪري ڇو ٿو؟ هُو مون کي ڄاڻي واڻي ٽارچر ڇو پيو ڪري؟ جيڪڏهن ڪا ڳالهہ آهي تہ مون کي ٻڌائي ڇو نٿو؟ آئون تہ پڇي پڇي بيزار ٿي پيئي آهيان. چئي ٿو تہ ڪا ڳالهہ ناهي، توکي وهم آهي. ٺيڪ آهي، آئون وهمي آهيان. پر هن جو رويو ڪيتري وقت کان بدليل آهي. زوريءَ مس تہ ڳالهائي ٿو، سو بہ جڏهن آئون ايترو مٿو هڻندي آهيان. مون کي اکيون ڪونهن جو ڏسان تہ هو ڪيترو بيزار بيزار پيو ٿيندو آهي. پوري ماني بہ تہ ڪونہ ٿو کائي. ٻہ ٽي گراهہ کٽي اٿي ڪڙو ٿيندو آهي. آئون پڇندي آهيان، ”ڇو جان، ڇا ڳالهہ آهي؟ ماني نہ وڻي ڇا؟“ تہ هو بي دليءَ سان چوندو آهي، ”نہ، مون کي بک ڪانهي.“ روز بک ڪانهي! ٽيئي ويلا بک ڪانهي! پوءِ هلي ڪيئن ٿو؟ نہ، آئون ڄاڻان ٿي تہ هو ڪٿان ٻاهران کائي ٿو اچي. هاڻي تہ رات جو بہ دير سان گھر اچي ٿو. پلنگ تي منهن ورائي ليٽي ٿو پئي. آئون ڪيس چاهيندي آهيان تہ ڇڙي منهنجو ٻانهون پٺي پري اڇلائيندو آهي، ڄڻ مون کان ڪراهت ايندي هجيس. جيڪڏهن وس پڇي تہ مون سان گڏ سمهي ئي نہ. پر ڊبل بيڊ جو آهي. پورو مهينو ٿي ويو آهي تہ هن مون کي پيار بہ نہ ڪيو آهي. پيار وڃي ڪڏ ۾ پئي، پر هو ايئن ڇو ٿي ويو آهي! ايترو بدلجي ڇو ويو آهي!

ثريا کي ياد آيو تہ بابين جو ڌاڳو ٽٽي پيو هو ۽ هن ڪيتري دير کان سبيو نہ هو. هوءَ ٿونٺ مشين تي رکي ڪاڏي تريءَ تي ٽڪائي وري سوچ ۾ گم ٿي ويئي.

’هو مون کي ڪيترو چاهيندو هو!‘ شاديءَ واري رات هن مون کي چيو هو، ”ثريا! تون شايد اعتبار نہ ڪندينءَ، پر تون منهنجي زندگيءَ ۾ پهرين ۽ آخري عورت آهين. تون يقين ڄاڻ تہ آئون توکي پنهنجي زندگيءَ کان بہ وڌيڪ چاهيندس.“ ۽ آئون هن کي چنبڙي ويئي هيس. مون هن جي ٻانهن جي پناهہ کي قبول ڪري ورتو هو. پر مون کي خبر ڪانہ هئي تہ اها پناهہ عارضي پناهہ آهي. ڪو وقت ايندو جڏهن آئون رات جي اڪيلاين کان ڊڄندي ڏڪندي رهنديس ۽ ڪابہ پناهہ نہ هوندي منهنجي لاءِ. آصف چئي ٿو تہ آئون وهمي آهيان، مون تہ پهرين رات دل جي

گهراين سان هن جي ڳالهين تي اعتبار ڪيو هو. مون ٻڌو هو تہ مرد شادي جي رات اهڙي قسم جون ڳالهيون ڪندا آهن. پر مون تہ جڏهن تي ايمان آڻي ڇڏيو هو. اڃا سال مس گذريو آهي تہ اهي سڀ ڳالهيون هوا ٿي ويون. هن کي ڪڏهن ياد ايندو هوندو تہ هن پهرين رات ڇا ڇا چيو هو! هُو تہ سڀ وساري چڪو آهي، هاڻي تہ جڏهن گهر مان ٻاهر نڪرندو آهي تہ مون کي بہ وساري ڇڏيندو آهي. پر مون کي لڳندو آهي تہ گهر ۾ بہ جڻ هو منهنجي وجود کان بي خبر آهي. آخر هن کي ٿي ڇا ويو آهي؟ اهڙي ڪهڙي ڳالهہ آهي جيڪا هُو مون کي ٻڌائڻ نٿو چاهي؟ ڪالهہ مون هن کي جڏهن گهڻو چيو تڏهن رڳو ايترو چيائين، "اهڙي ڪا ڳالهہ ڪانهي. پر ڪٿي هجي بہ تہ ان سان تنهنجو ڪو واسطو ناهي." ٺيڪ آهي. مڃيم، ان ڳالهہ جو تعلق ڪٿي مون سان نہ بہ هجي، پر هن جي جيڪا پريشاني آهي تنهن ۾ آئون شيئر ڪرڻ چاهيان ٿي. آخر هُو اها ڳالهہ سمجهي ڇو نٿو؟ ڪيس اها خبر ڪانهي ڇا تہ پاڻ منهنجي ڪل ڪائنات آهي- جيڪڏهن پاڻ پريشان آهي تہ آئون ڪيئن لاتعلق رهي سگهنديس. منهنجا خدا! هو سمجهي ڇو نٿو...'

ثريا نرڙ کي زور سان مهٽيو. هن کي مٿي ۾ سخت سور محسوس ٿيو.

'هو ايترو پريشان ڇو آهي؟ هن جي پريشانيءَ کيس مون کان ڪٽي الڳ ڪري ڇڏيو آهي. آئون هن جي هوندي بہ اڪيلي ۽ الڳ آهيان ۽ ڪٽيل ڪٽيل آهيان هن کان. نہ، اهو منهنجي سهپ کان مٿي آهي. هن جي اهڙي حالت هجي ۽ مون کي ڪا خبر نہ هجي ۽ آئون هن جي لاءِ ڪجهہ بہ نہ ڪري سگهان! منهنجن هٿن مان، ٻانهن مان، چپن مان، جسم مان اها قوت ختم ٿي وئي آهي جيڪا هن کي سهارو ڏيئي سگهي، هن جو من پرڀائي سگهي. آئون تہ هن جو ٻار وانگر خيال رکندي آهيان. هن کي ڏسندي آهيان تہ من اندر ڪيتري نہ خوشي پرچي ويندي آهي. چاهيندي آهيان تہ هن کي ڏسندي رهان. هن کي هلندي، ويهندي، سمهندي، ماني کائيندي ڏسي اندر پيو ٺرندو آهي. آئون هن کي ڪيترو چاهيان ٿي... ڪيترو چاهيان ٿي... ان جو هن کي ڪو اندازو بہ ناهي شايد!'

اوچتو در جي گهنٽي وڳي ۽ ثريا ڇرڪي اٿي ويهي رهي. در وٽ وڃي هن پڇيو، "ڪير آهي؟"

"آئون آهيان... آصف!" هُو جڻ ڪاوڙيو بيٺو هو.

ثريا در کوليو ۽ هڪ آس سان هن جي منهن ۾ ڏٺو. هُو ائين ئي هو، مُنجهيل مُنجهيل پريشان. آصف هن ڏانهن نهارڻ کان سواءِ اندر هليو ويو. ثريا در بند ڪري هن جي پٺيان وئي، آصف بيڊ روم ۾ وڃي صوفي تي ويهي رهيو.

"جان، تون ڪپڙا بدلائي وٺ، تيسين آئون ماني گرم ڪري ڪٿي ٿي اچان،" ثريا چيو.

"نہ، تون تڪليف نہ ڪر،" آصف جو ٻُڏل آواز اُڀريو. هن جڻ ڪوشش ڪري اهو جملو چيو هو.

"ڇو؟" ثريا کي اهو جملو ڏاڍو ڏکيو لڳو. "تڪليف تہ ڌارين لاءِ ڪبي آهي، تون مون کي ڌاريو..."

"او ثريا، پليز!" آصف هٿ مٿي ڪٿي هن کي وڌيڪ ڇوڻ کان روڪي ورتو.

"تون ماني کائي آيو آهين ڪٿان؟" ثريا پنهنجي ڪاوڙ کي ضبط ڪندي چيو: "نہ، مون کي بک ڪانهي."

ثريا هيٺئين چپ کي چڪ پاتو. هن کي ڊپ هو تہ ڪٿي هوءَ پنهنجو پاڻ تان ضابطو وڃائي نہ ويهي ۽ جيڪڏهن ڳالهہ شروع ٿي تہ پوءِ الائي ڇا ڇا ڳالهائي ويندي.

سوني جتي بہ پير ۾،“ آڻيو وجهن امير،
لُچ، لانبڙ، لوٺيا، ۽ پائن پير فقير،
اهي جتيون اصل کان، حيثيت ۾ ٿي حقير،
پائي پرين جا پير ۾، تہ سائي بي نظير،
’طالب مولا‘، هن لاءِ، ٿا نڪرن اکيان نير،
ڪجي ڪا تدبير، تہ جتي جانيءَ جي ٿيان.

جتيون تہ شاهن جون بہ ٿيون، موتين ۾ مڙهجن،
ڪانهي ڳالهہ سون جي، پر هو ٿيون لک لهن،
البت ٿيندو ايئن آهہ، تہ تخت تي بہ چڙهن،
تہ پون اهي ٿي پير ۾، نہ مَٿن تي رکجن،
سي بہ تہ ڪنهن ڪنهن جاءِ تي، ٿيون لاهيٺون پون،
جي سر جهڪن ٿا تن کي تہ بہ دليون ڪين جُهڪن،
’طالب مولا‘ طلب مان، هي نُڪتا نهارجن،
تہ تن کي مُهَت ملن، جي پون پرينءَجي پير ۾.

جتيءَ سنديءَ جوڙ کي، ڪلنگيون ڪين پڄن،
ات ڪئين ڪلاهون اڇيو، ٿيون جنبانئون جهڪن،
جن کي اتان عار ٿئي، سي سِر ٿي ڪسيو وڃن،
جيڪي اتي جهڪيا، تہ تاج بہ ماٺيا تن،
محبوب جڏهن وجي پڳا، مٿائين مقامن،
پانيئون تہ جتي لاهيون، اهو اجا خيال هئن،

تہ پين پڙلاءُ ڪَنَ تي ، ۽ حڪم هيءُ ملين،
جانب جتي نہ لاهجو، مٿان پير اگهاڙا ٿين،
وجي پهتا توڙ تي، سان پيارا پيزارن،
هاڻ ’طالب مولا‘، ڪيئن چوان، ٿيان جتي جانبن،
جُتي ٿيان پيو چا ڪپي، ڪٿان ٻنهين جهانن،
جو پهتي ساڻ پرين، جُتي عرش عظيم تي.

ڪٿي جانب ٻني جُتي، ڪٿي آءٌ غريب،
مون ۾ تہ آهن مورڳو، وڏا عيب عجيب،
آءَ ڳدلو، ڪنڙو، ڪوجهڙو، هو نرمل پاڻ نجيب،
وٽس ڪهڙي منهن وجان، جو ٿيندس ڪيئن قريب،
پر اٿم اهو ئي آسرو، تہ لالڻ آهہ لبيب،
ڄڱو، ڄڱايون ٿي ڪندو، حاڪم سائين حبيب،
’طالب مولا‘ آن ڪٿي، ڪٿي محب مجيب،
هو هميشہ حسيب، آءُ جتيءَ جوڙ بہ جي ٿيان!

ڪير انصاف اسين ٿي، ڳڻ ٿي پنهي ڳوليام،
ويهي پنهنجي، پاڻ جا، قولا جو قوليام،
تہ سچ پچ ’صديقي‘ چوي، رڳي عيب پسيام،
پنهنجي اوڻاين جا، جڏهن پتا پيام،
تہ پنهنجي مرد مُسي ويس، سجڻ جو سوچيام،
’طالب مولا‘ پاڻ کان، پو سوين سوال پڇيام،
جواب هي جڙيام، تہ ”جتيءَ جوڙ بہ جي ٿيان“!

رسالو ”مهراڻ“ (مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ نمبر) تان کنيل



## شيخ اياز

# آزاد نظم

رقص ڪر!
مورَ سان جنهن ريت ڪارونجهرَ ڪَڪر
رقص ڪن ٿا
۽ هوائن ۾ ٻرن ٿا
ٽي ڏياٽيون
زندگي ڪي ان ڪان ڇَڪي ٻيو ڪيئن ڪاٽيون
رقص ڪر!
واءُ ۾ گل رقص ڪن ٿا
جئن ٽڙن ٿا
ٿي اچي شبنم، چُميون تن کي ڏئي،
واءُ ٿي آغوش ۾ تن کي نئي
۽ نچائي باک جو
جهانجهرا پو سِج وجائي باک جو
تو اُنهن سان گڏ نچي،
۽ جڏهن ڌرتيءَ مٿان تو هُو اچي
جڻ سندس ڪِرٽا گلن کي ٿا چُمن،
رقص ڪن.
رقص ۾ هُو ڪائناتون ٿيون وجن
ڪيستائين سي وڏن،
ڪيئن چئجي!
آ ازل کان رقص جاري، ڪير ٿو تن ۾ نچي
ڪير هي رَقاص آهي
پيرَ ٿو ڇم ڇم ڪري،
۽ ابد تائين پيول ڇم ڇم ڪري،
آءُ پانواٽي نہ ايندي
جي اُنهيءَ جي طائفي ۾ رقص ٿيندِي
زندگاني
عمر فاني
رقص ڪر!
ايترو تون رقص ڪر اي چُلبلي
جو وجي هر شيءِ ٻلِي!
رقص ئي رهجي وڃي،
رقص ئي رهجي وڃي.

ٿملي "مهراڻ" 'شيخ اياز نمبر'

## مخدوم سعيدالزمان ’عاطف‘



### ڪافي

سَوَ ڀيرا ستم سهبو توکي نہ ڪڏهن ڇڏبو،
دنيا جي اصولن کي ٺڪرائي هليو اچبو.

هر وقت ڏسان توکي گڏجي مان رهان توسان،
قدمن ۾ مران تنهنجي ۽ عمر جيان توسان،
توکي ئي ڏسڻ کان پوءِ ڪيئن ٻئي ڏي ڀلا ڏسبو.
تولاءِ تہ دولت ڇا دنيا بہ ڇڏي ڏيندس،
ٺڪرائي اصولن کي تو ڏي ئي سڄڻ ايندس،
دنيا سان ٽڪر رهندو هرگز نہ قدم رکبو.
دنيا جو تہ ڪم آهي دل پيار ڀري ٽوڙڻ،
عشاق جو ڪم آهي دنيا ئي سڄي موڙڻ،
دنيا کي ڇڏي جاني توڏي ئي رڳو وڃبو.
هي زخم ڏنو آ تو ۽ تون ئي دوا آهين،
هن ساري زماني ۾ تون منهنجو مٺا آهين،
ٿي دل هي چوي منهنجي تنهنجو ئي سدا رهبو.
توکي ئي ڏسڻ چاهيان توسان ئي رهڻ چاهيان،
توسان ئي جيئڻ چاهيان تو وٽ ئي مرڻ چاهيان،
اقرار آ ’عاطف‘ جو الفت جو ڀرم رکبو.

(ٽماهي ’مهراڻ‘ 1990/4ع)

ادل سومرو



# سکر- روهڙيءَ جا هائيڪو

- هي لبِ مهراڻ
پوپٽ، گُل، ڦوهارا
چوڏاري سُرهاڻ.

- ڪلهه جتِ ويڙهانديون
اڄُ ڪرڙيءَ- ميدان ۾
ٻار رهن رانديون.

- ساڌ ٻيلي جي شام
سنڌوءَ جي لهرن مٿان
ٻڪين جي اڏام

- معصوم شاهه مينار
سِرون ڪوٽ- اروڙ جون
درديلو ديدار

- هيمون ڪالاڻي!
بُرج ڏسن ٿا جيل جا
تنهنجي آڪاڻي.

- جهيڙن واري جُوءِ
ٻڪر ۾ بارود جي
اڃان تائين بُوءِ

- ٻيڙي، مُهاڻي
تريل پلي، جي خوشبو
چوڏس اُڏاڻي.

- مسجد منزل گاهه
سامهون ساڌ ٻيلو ۽
وچ ۾ هي درياهه.

- سکر اونهارو
ٽاندا سيئي روڊ ۽
ڇَر جو وسڪارو

- واڪا ڪيا گهنڊ
ديول جي پادريءَ جي
ڪين ڦٽي ننڊ.

- جي — بي منگهارام
بسڪوٽن جي فيڪٽريءَ تي
هاڻ لکيل بس نام.

- سُرمئي سانجهيءَ ويل
پاٽيءَ پاڇا پُل جا
مٿان گذري ريل

- پوڙهو پوڄاري
ڪالڪان جي مندر ۾
ڏي ٿو ٻهاري

- ماضيءَ جي للڪار
آهي اڄ بہ اروڙ ۾
مينديءَ جي مهڪار

- گهٽيون روهڙيءَ جون
هٿ - لکيرون آهن
ڄڻ تہ پوڙهيءَ جون.

- روهڙيءَ جون راتيون
پاٽيءَ مٿان روشني
جوڻن جون جهاتيون

ماهي "مهراڻ" 1989/1ع تان کنيل



## نياز پنهور

ڪيئي جُڳ لنگهي ويا آهن
پر او سانئڻ

اڄ ڀي تنهنجي مورت، من ۾
ائين جا ائين سجي پئي آهي
ڄڻ ڪو ڦيرو آيو ڪونهي
ڄڻ ڪو طوفان آيو ڪونهي
ڄڻ ته ڌرتي ڏٻي ڪانهي
توکي ڪهڙي ڪل ته تنهنجي
مورت ڪيئن سجي پئي آهي
منهنجي دل لڳي پئي آهي

ڪيئي جُڳ لنگهي ويا آهن
پر او سانئڻ
تنهنجا سارا خط اڃان ڀي
منهنجين تنهائين جا ساٿي
مون سان ساٿ هميشه آهن
تنهنجي پاران پيا ڳالهائين
منهنجي دل کي ٿا وندرائين

ڪيئي جُڳ لنگهي ويا آهن
پر او سانئڻ
تنهنجي هر ڪا ڳالهه اڃان ڀي
لڳندي آ ڄڻ ڪالهوڪي آ
تنهنجو چهرو تنهنجي شوخي
ڪالهوڪي ئي لڳندي آهي
پر او سانئڻ
جيڪا ڪالهه لنگهي وئي آهي
سا ئي منهنجي اڄ ڀي آهي

ڪيئي جُڳ لنگهي ويا آهن
پر او سانئڻ
تنهنجي ياد سدائين رهندي
منهنجو هرڪو گيت پڙهي ڏس
توکي لڳندو ڄڻ تون
ڪنهن آئيني جي آڏو آهين
پنهنجو پاڻ سان پئي ڳالهائين

ڪيئي جُڳ لنگهي ويا آهن
دل جا درد نه گهٽجي سگهيا
هر ڪنهن رُت ۾ چڪندا رهيا
بسنت رت ۾ چڪندا رهيا
بسنت رت ۾ برکا وسندي
بسنت رت ۾ مکڙيون ٽڙنديون
پن ڇڻ رت ۾ ننگا وڻ پسندي
دل جا درد پيا چڪندا آهن
ڏينهن ڏينهن تي پيا وڌندا آهن
ڪيئي

ڪيئي جُڳ لنگهي ويا آهن
پر او سانئڻ
تنهنجي ياد سدائين رهندي
هئڙا جُڳ لنگهي ويا آهن
پيا ڀي جُڳ لنگهي ويندا
تنهنجي مورت، من ۾
اِئين جا اِئين سجي ئي رهندي
منهنجي دل لڳي ئي رهندي.

تماهي "مهراڻ" 2-1983/3ع تان کنيل



## اياز گل

# غزل

درد اسان جي هانوَ ڏي هٿ وڌايو پئي،
پاڻ بڻي خاموش هياسي ڳوڙهن ڳالهايو پئي.

تنهنجن اکڙين هوريان هوريان ائين ڪيو سوگهو،
جڻ ڪنهن ماريءَ جار ۾ پنڇي ڦاسايو پئي.

هڪڙو ڏاڍو پيارو منظر رات ڏٺو هو مون،
اڪ ڀڳي ٿي تارن ۽ چنڊ لڄايو پئي.

سنڌ جي سُورن جون ڳالهيون پئي فنڪشن ۾ هليون،
من ٿي من ۾ ڪيڏن ماڻهن ۽ شرمايو پئي.

مون محسوس ڪيو پڻ جو ٻنجي ويو آهيان مان،
هڪڙي پنهنجي ڪُهري لهجي ۾ ڳالهايو پئي.

تنهن وٽ تنهنجن يادن جا سَوَ سورج هوندا پڪ،
رات جي پهرين پهر ۾ ٿي جنهن ديپ اجهايو پئي.

ٽماهي "مهراڻ" 1995/3ع تان کنيل



## اسد 'جمال' پلي

# غزل

عشق رهـــبـــر ۽ رهنمـــا آهي،
رهنمـــائـــيءَ جي انتهـــا آهي.

پنهنجو سود و زبان ۾ ڇا هاڻي،
ڪهاڻ رنـــج و محن بہ ڇا آهي.

ڇا ڪبو مڌ ڪي، مڌ جي مستيءَ ڪي،
هـــن جـــي هـــر نگهہ ڪيفزا آهي.

پاڪ دامن جـــو راز فاش ٿيو،
واسيل مڌ ســـان اڄ صَبـــا آهي.

مسڪراهٽ جو ملهہ نہ ڏئي سگهبو،
مسڪرائيـــندو رهہ، دعـــا آهي.

مون کي محشر مبارڪون ٿي مليو،
مهربان مون تي مصطفيٰ آهي.

ٽماهي "مهراڻ" سيارو 2004ع

## سرفراز راجڙ



❋

ڪنهن طرح سڏيان هتي مان يار کي،
پيار ۾ پنهنجو ڪيان دلدار کي.

جيت ٿئي يا هار ٿئي قسمت ڪٿي، ڪٿن ٻه ڪٿن حاصل ڪبو دلدار کي.
جانِ من منهن ۾ ملي ويو دوبدو، اوچتو حاصل ڪبو دلدار کي.
هي سفينو ناخدا توکان سوا، ڪيئن ڀلا پهچي وڃي هن پار کي.
واعدو هن پيار جو مون سان ڪيو، پر نہ پورو ڪيو سڄڻ اقرار کي.
سنڌ مان ويا ڪئين بلاول پيڙجي، ويا ڪري پنهنجي امر ڪردار کي.
سر تان آ سانگو ڀلي خوش ٿي ڪلي، آبرو منصور بخشي دار کي.

فرقتن ۾ ٿي فنا ويو آ 'فراز'
مل تہ حاصل ٿئي شفا بيمار کي.

ٽماهي ”مهراڻ“ 2-1983/3ع

❋

## بخشل باغي



## غزل

گهاٽ گهائي گهٽا، سانجهه آ سُرمئي،
درد، ساڳي ڪٿا، سانجهه آ سُرمئي.

ٿيون وسن مينهن جون برف جهڙيون ڪٽيون،
سرد ساحل هوا، سانجهه آ سُرمئي.

ريشمي وار پنهنجا نه تون کولجان،
ٿي نه پئي ڪا خطا، سانجهه آ سُرمئي.

هَٿَ ڪوليو سيئي، مَٿَ خالي ڪريو،
بند جو مي ڪدا؟ سانجهه آ سُرمئي.

دل الڻ ڪنهن جي خيالن ۾ گم ٿي وئي،
ڪيئن ٿي لاپتا؟ سانجهه آ سُرمئي.

موسمن مان گُلن جيئن ڦُٽي رنگ پيا،
هٿ تنهنجا حنا، سانجهه آ سُرمئي.

زندگي ڪجل جي ريک بڻجي پوي،
تون جي چاهين پيا! سانجهه آ سُرمئي.

سچ پيرن جي هينان آ رستي جيان،
پوءِ به سپنا لڳا، سانجهه آ سُرمئي.

ڪوبه ناهي ڪٿان ٿا پڙاڏا اچن؟
چوطرف ڪان صدا، سانجهه آ سُرمئي.

"مهراڻ" 2009/4-3ع تان ڪنيل

## مختيار ملڪ



## وائي

ٻهڪي پيس آنءُ،
تنهنجو ٻُڌي نانءُ،
جذبا جهوميا جيءَ ۾.
پنڌ پرينءَ جي پارَ جو،
ڏک. سهڻ جو ڏانءُ،
جذبا جهوميا جيءَ ۾.
اُڀ تي بادل ڪنوٽيون،
پانءِ تہ منهنجو هانءُ،
جذبا جهوميا جيءَ ۾.
چانڊوڪين ۽ چيٽ ۾،
واهڻ منجهہ وهانءُ،
جذبا جهوميا جيءَ ۾.

## وائي

اڄا بہ اوچو ڳاءِ، پريتمَ! اڄا بہ اوچو ڳاءِ!!
پيڙائن جي پير جا گهنگهرو،
ڇوڙين ٿو ڇالاءِ!
پريتمَ! اڄا بہ اوچو ڳاءِ!!
چانڊوڪيءَ جان چنچل بڻجي،
جهڙ مان جهاتي پاءِ!
پريتمَ! اڄا بہ اوچو ڳاءِ!!
سونهن جي سپنن ۾ الجهن ٿيون،
سوچن کي سمجهاءِ!
پريتمَ! اڄا بہ اوچو ڳاءِ!!
پيار پکيءَ جان پاڇا ڳولهي،
جيون ٿيو جولاءِ!
پريتمَ! اڄا بہ اوچو ڳاءِ!!
مَنَ جي بَستي مَستي ماٽي،
ڪونج جيان ڪُرلاءِ!
پريتمَ! اڄا بہ اوچو ڳاءِ!!

"مهراڻ" 2009/4-3ع تان ڪنيل



## رخسانہ پريت

## غزل

نيٺ اينئو، آس ۾ آهيون اسين،
ڪنهن وڏي وشواس ۾ آهيون اسين.

لوچ، سڏڪا، درد، پيڙا نيٺ ڇا،
عشق جي اپياس ۾ آهيون اسين!

پيار جي احساس ايئن اوچو ڪيو،
جن اُڏيا آڪاس ۾ آهيون اسين.

ڇا سنڌءِ من ۾ بہ موھ آ ساڳيو،
انهيءَ ٻنتر قياس ۾ آهيون اسين.

نيٺ اوسيئڙا بہ ماڳ ماڻيندا،
بس انهي احساس ۾ آهيون اسين.

ايترو اوتيوسين پوءِ پيءِ ڇڻ اُڃيا،
"پريت" کهڙيءَ پياس ۾ آهيون اسين.

سنڌ جون شاعر عورتون (جلد پهريون)



## شبنم گل

## غزل

جدائين ۾ رفاقتن جا سلسلا آهن،
عجب مقدر جا هي سارا فيصلا آهن.

شهر هو واريءَ جو، هئي هوا بہ تيز،
اجاڙ دل جا ڪيڏا نہ قافلا آهن.

پٿرن جي ديس ۾ زخمي ٿيس تہ ڇا،
اڃا تہ بلند آرسين جا حوصلا آهن.

سدائين رهيا آهن فيصلا اُلجهن ۾،
اڃا تہ حل طلب ڪي مسئلا آهن!

رهبر جي ويس ۾ ڏسي رهزن ڪي،
دل جي ويراني ۾ ڪي زلزلا آهن.

جدائيءَ جي ذڪر تي هو اشڪبار جيڪو،
اڄ ان جي دل ۾ سوين فاصلا آهن.

ياد جي لهرن ۾ ڪڙيو ڪنول چهرو،
شروع جتان آزمائش جا مرحلا آهن.

سنڌ جون شاعر عورتون (جلد پهريون)



زيب نظاماڻي

## غزل

اي زندگي توکي جيئڻ ڏاڍو ڏکيو آ،
وفا جي واٽ تي سهڻا هلڻ ڏاڍو ڏکيو آ.

ڏٺي جي خواب نيڻن کي سپني سانڍي رکيا ها مون،
ڪوئي سپنو سوا سنڌ جي ڏسڻ ڏاڍو ڏکيو آ.

تتيءَ جي تاءُ تي برسيو گهڻا پرجي صدين ڪانپوءِ،
تڪي لڳ تارهو سنڌو لهڻ ڏاڍو ڏکيو آ.

اکين جا بند اُٿلي پيا، سورن جي عڪس ڪٿمپن ۾،
دلاسو ديس وارن کي ڏيڻ ڏاڍو ڏکيو آ.

جنم جانان ٿيو تنهنجو محبت ماڳ ماڻڻ لاءِ،
ٿي مجنون پير هڪڙي تي بيهڻ ڏاڍو ڏکيو آ.

زمانا "زيب" واڳي ويا توسان ڪيئي کهاڻيون پر،
اندر اُدما سکي صدما لکڻ ڏاڍو ڏکيو آ.

**سنڌ جون شاعر عورتون (جلد پهريون)**



نذير ناز

## غزل

جيڪي ويا وڃڙي انهن سڄڻن جي ڳالهه ڪر،
سنڌ لاءِ جيڪي سڪن تن محبتن جي ڳالهه ڪر.

اڄ وري ور در ڏٺي دل کي اباڻا ياد پيا،
من جن جي لاءِ ماندو، تن مٺن جي ڳالهه ڪر.

شام جو ۽ صبح جو راهون انهن جون ٿي ڏسان،
تن مٺن ماروئڙن، سانگيئڙن جي ڳالهه ڪر.

سنڌڙيءَ جي دشمنن کي ناس شل قادر ڪري،
سنڌڙيءَ جي گهٽگهرن ۽ دوستن جي ڳالهه ڪر.

پنهنجو تن ِمن جڏيو اربي، پنهنجو سنڌ کي،
تن سچارن قربدارن سالڪن جي ڳالهه ڪر.

سون هرگز نه پنهنجا سيڻ ٿا جيڪي مٽين،
تن پنوهارن جي پکن جي ۽ ڪکن جي ڳالهه ڪر.

وڳر ڪان جيڪي ويا وڃڙي نه وري ايندا اهي،
'ناز' تن محبوب ماڻهن سڀاڄهن جي ڳالهه ڪر.

**سنڌ جون شاعر عورتون (جلد پهريون)**



## گلبدن جاويد

## غزل

آهن عشق تنهنجون ازلئون عطائون،
جنين کي ڪيڏيون ڏنيون تو ادائون.

اُپ تان جو بادل ڪو يادن جو برسيو،
تہ نيڻن جي ڌرتي تي ڇانيون گهٽائون.

ساگر محبتن جو سيني ۾ سانڍي،
پرينءَ جون ڪيون پيا برن ۾ پچائون.

چڙهي ڪيف چاهت جو اهڙو ويو جو،
سرابن ۾ سڏڪيون سپرين صدائون.

دلي دوستن دل گهرين دلبرن لاءِ،
آجون سموريون وفائون وفائون.

صدين جا ارمان پل ۾ ٿيا پورا،
تو ٻانهن ۾ آٿي ڏنيون جو پناهون.

ستارا ستارا مقدر ٿيا پنهنجا،
دلين جي اڱڻ تي جهڪيون ڪهڪشاهون.

سنڌ جون شاعر عورتون (جلد پهريون)



## گلشن لغاري

## وائي

سنڌ پريتم، سنڌ ئي پيار،
رهي نہ سگهندين ان کان ڌار،
نفرت جا ٿو ٻج ڇٽين.

پنهوارن پاڀوهہ مان ڏس،
پوکيا تولئہ ڪيڏا پيار،
نفرت جا ٿو ٻج ڇٽين.

اهڙا ٻول تون ٻولڙيا،
ٻولج هت نہ ٻيهار،
نفرت جا ٿو ٻج ڇٽين.

جنهن مٽيءَ جي مورت آهين،
تنهن جي ڪڻ نہ ميار،
نفرت جا ٿو ٻج ڇٽين.

ڌرتي نينهن جو ناتو آهي،
ڌرتي ناهي ڌڪار،
نفرت جا ٿو ٻج ڇٽين.

سيني منجهہ سمائيندي،
سا سڀ کي آخرڪار،
نفرت جا ٿو ٻج ڇٽين.

سنڌ جون شاعر عورتون (جلد پهريون)



## حميرا شمس

## غزل

زندگي سحر ڪري نہ سگهياسين،
هي ٽورو سفر ڪري نہ سگهياسين.

ڪجهہ ڏسڻ خاطر هلياسين پر،
نظر کي نظر ڪري نہ سگهياسين.

جيئڻ ڪنهن لاءِ ڪونهي پوءِ بہ،
زندگي زهر ڪري نہ سگهياسين.

گهٽي ڪان گهٽو سهون پيا پر،
”ڪنهن تي“ جبر ڪري نہ سگهياسين.

هر شيءِ تي اختيار هوندي جانان،
پيش زير و زبر ڪري نہ سگهياسين.

”خوشبو“ جي خوشبو هوندي اسان،
پاڻ کي پُراثر ڪري نہ سگهياسين.

سنڌ جون شاعر عورتون (جلد پهريون)



## ماهين هيسباڻي

## غزل

جڏهن نيڻن اسانجن ۾ ننڊن جا سلسلا ناهن،
تڏهن ترڪ تعلق جا اوهان ڪيا فيصلا آهن.

جيئان توبن ڪيئن جيئان، پرين توکي پئي ڳوليان،
سفر ۾ همسفر ڪيئي، صدين جا قافلا آهن.

ڪٽي پنبڻيون نهاريو ٿا، قسم تنهن پل جياريو ٿا،
ملائي پوءِ نظر ڦيرڻ، اوهان جا مشغلا آهن.

ڏسي هردم اکيون آليون، اثر جي پيار ۾ پاليون،
مان سمجهان ٿي رقيبن جا، وڏي ويا حوصلا آهن.

ڏٺا ها خواب مون جيڪي، ڪندا ها رقص چاهت تي،
نہ ڪا محفل نہ ڪا منزل، ٿي پيا هيڪلا آهن.

ٻڌايان ڪيئن پلا ڪنهن کي، ڇڏي ويا هن پرين مونکي،
نہ ڄاڻان مان سبب ڪهڙي وڏي ويا فاصلا آهن.

سنڌ جون شاعر عورتون (جلد پهريون)



سلميٰ پنهور

## غزل

وِسيل ڏيئا ٻاري جئبو،
پاڻ کي هاڻ جيئاري جئبو.

خط سمورا ڦاڙي ڇڏبا،
هر ڪا ياد وساري جئبو.

گيت خوشيءَ جا ڳائي جئبو،
سچ جي سِٽ اُڪاري جئبو.

غم جو درياءَ اُڪري هاڻ،
سک جي هِن ڪناري جئبو.

ڪنهن سان ڪين راز ڪو سلبو،
هر ڪو واعدو پاڙي جئبو.

شاعر جي هر سٽ املهه آهه،
ان تي جان کي واري جئبو.

سنتو سک جو سکندو ڪونه،
نينهن کي تاري تاري جئبو.

ماهوار ”سرتيون“ شاعري نمبر

## غزل

آئون اڪيلي ڳايان ڪيئن،
جذبن کي پڙڪايان ڪيئن.

ڌرتيءَ جا سڀ ماڻهو گهر سُر،
خوابن مان جاڳايان ڪيئن.

ڪوبه نه آهي ڪوبه نه ايندو،
هِن دل کي سمجهايان ڪيئن.

مون وٽ آهن گيت رڳوئي،
پيٽ جي باهه اُجهايان ڪيئن.

هُن جدائي هيءَ حياتي،
جهومان خوش ٿيان ڳايان ڪيئن.

ماهوار ”سرتيون“ شاعري نمبر



نجمہ پنهور

## گيت

مون ڪجھ نہ گهريو هو توکان پرين،
تون مُرڪن کي تہ ورهائين ها.

مون سُڏڪن کي سنگيت ڏنو،
تون گيت ڪري ڪو ڳائين ها.

مون موتين جي مالها پوئي،
تون چاندوڪي چورائين ها.

مون لڙڪ لاڙيا جي ڳلڙن تان،
تون پنهنجو پاند پُسائين ها.

رسالو "سرتيون"، جنوري- مارچ 1992ع

## وائي

وکريا سپنا، هارجي ويو هانءُ،
ايڏو جلدي ڇو!

ماڳ تان اجان اڳتي هو، وڇڙياسين تون مان،
ايڏو جلدي ڇو!

پهرين ملاقات ۾ شڪ شڪن مٿان،
ايڏو جلدي ڇو!

لڙڪ لاڙي نہ سگهيس موڪلايم جو توکان،
ايڏو جلدي ڇو!

سال ڏکن ۾ گهاريم، سک لمحن جيان،
ايڏو جلدي ڇو!

تنهنجي ڏنل ويساھ ۾ ھڏان ۽ تران،
ايڏو جلدي ڇو!

ڪالھ چوائي مڪائين مون ڏي هُن ڪي وساري ڇڏيان،
ايڏو جلدي ڇو!

رسالو "سرتيون"، جنوري- مارچ 1992ع

مضمون نويسي، نثري ادب جي اُها صنف آهي، جنهن ٻوليءَ جي واڌ ويجهه ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. بنيادي طور تي مضمون هڪ مختصر پر موضوع جي لحاظ کان جامع تحرير آهي. جنهن ۾ موضوع جي مختلف رخن تي روشني وڌي ويجي ٿي. جڏهن ته تنقيدي، تحقيقي ۽ تجزياتي مضمونن جي ڇپجڻ سبب، ادب نه فقط اصلاحي مرحلي مان گذري ٿو، بلڪه ان ۾ هر لحاظ کان نواڻ ۽ بهتري اچي ٿي. اهم ڳالهه اها آهي ته مضمون لکڻ لاءِ فني مهارت جي ضرورت ٿئي ٿي ۽ اها مهارت فقط مسلسل مشق وسيلي حاصل ٿي سگهي ٿي. اهوئي سبب آهي ته ٻار کي مضمون، ابتدائي تعليم دوران سيکاريو وڃي ٿو، سٺو مضمون لکندڙ، نه فقط علمي طور تي فعال ٿئي ٿو، پر ان سان گڏوگڏ، سندس تخليقي صلاحيت ۽ قابليت ۾ پڻ اضافو ٿئي ٿو. مضمون نويسيءَ جي بنيادي عنصرن ۾ ٻوليءَ ۾ مهارت حاصل ڪرڻ، جملن جي درست جوڙجڪ ۽ انهن جو صحيح استعمال، بيهڪ جي نشانين جي ڄاڻ ۽ تخليقي پختگي وغيره شامل آهن. سٺي لکت ۾ مهارت حاصل ڪرڻ لاءِ مطالعو اهم ڪردار ادا ڪري ٿو، جنهن ذريعي ڄاڻ ۽ ڏاهپ حاصل ٿئي ٿي ۽ فرد فڪري لحاظ کان سگهارو، عملي ۽ منطقي سوچ جو حامل ٿئي ٿو، ان کان سواءِ مضمون ڏيان، مشاهدي ۽ تجربي جو نچوڙ آهي.

**شبنم گل**
'سنڌي ٻولي (تحقيقي جرنل)'،
ص 103 تان کنيل

## سنڌ يونيورسٽي ميڊيا ڪميونيڪيشن شعبي ۽ اينيمري شمل ريسرچ اڪيڊمي، ڄام شورو جي گڏيل سهڪار سان 20 سيپٽمبر 2019ع تي شعبي جي باني ڊاڪٽر خان محمد پنهور جي خدمتن تي ڪوٺايل سيمينار




استيج تي ويٺل ساڄي کان: ٽه ماهي 'مهراڻ' جي ايڊيٽر ثميند ميمڻ، ناصر پنهور، نسيم خان محمد پنهور، ڊاڪٽر حسين بخش ڪولاچي،
فهيم نوناري ۽ ڊاڪٽر بشير ميمڻ




ڊاڪٽر خان محمد پنهور جي خدمتن تي ڪوٺايل سيمينار ۾ شرڪت ڪندڙ استادن ۽ شاگردن جو مهمانن سان گروپ فوٽو

سنڌي ادبي بورڊ جو چيئرمين مخدوم سعيد الزمان 'عاطف' پريس ڪانفرنس دوران ميڊيا سان ڳالهائيندي [16 آڪٽوبر 2019ع]





## مورخہ 17 آڪٽوبر 2019ع پبليڪيشن ڪاميٽي جي ٻي ميٽنگ



چيئرمين پبليڪيشن ڪاميٽي ڊاڪٽر دُر محمد پٺاڻ، ميمبر ڊاڪٽر نواز علي شوق صاحب ۽ ڊاڪٽر اسد 'جمال' پلي جي موجودگيءَ ۾ پبليڪيشن ڪاميٽي جي ميٽنگ هلندڙ جنهن ۾ بورڊ ۾ گهڻي وقت کان رکيل مسودن تي غور ويچار ڪندي



ايڊيٽوريل بورڊ جا ميمبر صاحبان ايڊيٽر 'گل ڦل'، ايڊيٽر 'مهراڻ'، ايڊيٽر 'سرتيون' ۽ پبليڪيشن شعبي جي ڪارڪردگي جي حوالي سان ميٽنگ ڪندي

# سراج انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز پاران 28 آڪٽوبر 2019ع تي آرٽس ڪائونسل ڪراچيءَ جي سهڪار سان سنڌي ٻوليءَ ۽ سراج - سيمينار جي ڪونايل تقريب



سيمينار ۾ ساڄي کان: ڊاڪٽر فهميده حسين، نور الهديٰ شاهه، ڊاڪٽر سحر امداد، تاج جويو، ڊاڪٽر امجد سراج ميمڻ، ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙو، سحر گل، آمنه ابڙو، وحيده مهيسر، امر فياض ٻرڙو، ضرار پيرزادو ۽ بيدل مسرور خطاب ڪري رهيا آهن



(گروپ فوٽو) ساڄي کان: اختر درگاهي، انيس ميمڻ، وسيم ميمڻ، وحيده مهيسر، آمنه ابڙو، ڊاڪٽر فهميده حسين، نور الهديٰ شاهه، امداد حُسيني، ڊاڪٽر سحر امداد، غزالا رحمان، تاج جويو ۽ ڊاڪٽر امجد سراج ميمڻ



سنڌي ٻوليءَ ۽ سراج– سيمينار ۾ شرڪت ڪندڙ معززين


دين محمد ڪلهوڙو


آمنه ابڙو


رسول بخش گچيرائي


نديم پنهور

# متفرقه

# ادب ڇا آهي؟

ادبي تنقيد جي تاريخ هڪ بار آور مطالعو آهي. جنهن مان جدا جدا نقادن جا مختلف ۽ ڪيترين ڳالهين ۾ متضاد رايا معلوم ڪري سگهجن ٿا. هر دور جي نقادن "ادب يا ساهت ڇا آهي" جي سوال تي هميشه غور و فڪر پئي ڪيو آهي ۽ ان سوال جي ڪنهن قدر خاطرخواهه جواب ڏيڻ جون پڻ ڪوششون پئي ڪيون اٿن. جن شخصن "ادب" جي مفهوم ۽ مقصد تي ڳوڙهو فڪر ڪيو آهي، انهن کي چڱيءَ پر ڄاڻ آهي ته انهيءَ سوال جي ڇنڊڇاڻ ۾ جيڪي نُڪتا پيدا ٿين ٿا ۽ مسئلا اُڀرن ٿا، سي ڪافي اهميت رکن ٿا، ۽ جيستائين ڪو شخص انهن نُڪتن ۽ مسئلن جو ويهي سائنسي اصولن پٽاندر تجزيو نه ڪندو، تيستائين هن لاءِ مٿين بنيادي مسئلي جي ڪنهن اطمينان جوڳي جواب تائين پهچڻ ممڪن نه ٿي سگهندو. هت منهنجو مقصد اهو ڪونهي ته آءٌ "ادب" جي انهن سمورين وصفن تي تبصرو ڪريان، جيڪي اسان جي ڪن مشهور ادبي نقادن وقت بوقت پئي پيش ڪيون آهن. آءٌ هت جيڪي ڪجهه چوڻ گهران ٿو، سو فقط هيءُ آهي ته جن تحريرن کي حقيقتاً "ادب" يا "ساهت" سڏي سگهجي ٿو تن جون منهنجيءَ راءِ موجب مکيه خصوصيتون ڪهڙيون آهن. سڀ کان اول اها ڳالهه خيال ۾ رکڻ گهرجي ته ادب ۾ "موضوع" جهڙي ڪا شيءِ ٿئي ئي ڪانه. حقيقت ۾ هر اها چيز جنهن لاءِ ڪجهه نه ڪجهه لکي سگهجي سا هر طرح ادب جو موضوع بڻجي سگهي ٿي، جيئن چيو ويو آهي ته "هڪ ڪٺ چڙهيل ڪوڪي" کان وٺي ويندي "خدا" تائين هرڪا ڳالهه ادبي ڪاوش جو موضوع بڻجي سگهي ٿي. آرٿر ڪئلر ڪوئچ لکي ٿو ته ادب جا موضوع ته اڪيچار آهن. ڪيترين شخصيتن جهڙوڪ پراميٿئس، ڊاڪٽر جانسن، اموجن ۽ مال فلنڊرس، پيئرس دي پلؤمئن ۽ مسٽر پڪوڪ جا نالا به ادب جو موضوع بڻيا آهن، ۽ جاين جڳهين "خيالي رياستن"، "ڪرئنفورڊ"، "لئپوٽا" ۽ "ريڊنگ گول" کي پڻ موضوع طور استعمال ڪيو ويو آهي. "اينسائيڪيڊئن" به ادب آهي، ته "هڪ ٽب جي ڪهاڻي" به ادب آهي، ان ڪري ڪنهن خاص موضوع جي لحاظ سان ادب جي جامع تعريف ڪري سگهڻ ممڪن نه آهي. انسان جا سمورا "خيال"، "جذبا" ۽ "مسرتون" يا ڏوري ۾ ڪٿي ڇنجي ته "جيڪي ڪجهه انسان جي روح يا جسم جي مشغلن سان تعلق رکي ٿو"، ان کي ادب جو موضوع تصور ڪري سگهجي ٿو.

**اي.ڪي بروهي**
"مهراڻ" گولڊن جوبلي نمبر"،
ص 68، 67، 2006ع

دين محمد ڪلهوڙو



# گلاب جي هڪ مُکڙي، ٽِڙڻ کان اڳ...

## (هڪ باصلاحيت ۽ ذهين نوجوان قمرالدين 'سراج' نورانيءَ جي ياد ۾)

قمرالدين (1986ع- 1966ع) جو مائٽائو نالو سراج احمد نوراني هو. هُو سنڌ يونيورسٽي اولڊ ڪيمپس حيدرآباد جي اڳوڻي نامور استاد پروفيسر نثار احمد قمر نوراني صاحب جي گهر ۾ 15- مارچ 1966ع بمطابق 22- ذي القعد 1385هه ۾ ڄائو. سندس پيدائش سِول اسپتال لاڙڪاڻي ۾ ٿِي. سندس اباڻو شهر شڪارپور آهي، پر سندس تربيت، پالنا ۽ تعليم، علم جي شهر مدينة العلم يعني ڄام شوري ۾ ٿي. هن ميٽرڪ جو امتحان مارچ 1982ع تي A گريڊ ۾ پاس ڪيو. ان ڪانپوءِ هن ISSB (Inter Services Selection Board) جو امتحان 29- مئي 1982ع ۾ گوجرانوالا مان پاس ڪري، 15-آگسٽ 1982ع تي نيوي فوج ۾ ڀرتي ٿيو، جتي هن 4- اپريل 1983ع تائين نوڪري ڪئي. ان ڪانپوءِ هن نيوي جي نوڪري ڇڏي وري نئين سر تعليم ڏانهن رجوع ٿيو ۽ 1985ع ۾ پولي ٽيڪنيڪل ڪاليج حيدرآباد جي اليڪٽريڪل ٽيڪنالاجيءَ مان ڊپلوما ڪري، 12- جنوري 1986ع تي سنڌ يونيورسٽيءَ جي ڪيمسٽري شعبي ۾ ليب اسسٽنٽ جي نوڪري اختيار ڪئي، جتي هِن 22- مئي 1986ع، وفات تائين ڊيوٽي ڪئي.

قمرالدين سراج نوراني بيحد حساس، نهايت ذهين، هوشيار، بااخلاق، همدرد، هڏ ڏوکي، نهٺو، سلڇڻو، سڀاجهو، پاڻ کي تڪليف ڏيئي ٻئي کي خوش رکندڙ، مهربان، سخي، سڀني سان پيار ڪندڙ، هرڪنهن جي بنا تفريق مدد ڪندڙ هڪ ڀَرو نوجوان هو. هُو گلاب جي اهڙي مُکڙي هو جيڪا وقت کان اڳ ٽِڙڻ بجاءِ مُرجهائجي ويئي. هُن پنهنجي مختصر ڄمار ۾ همعمر دوستن تي تمام ڳهرا ۽ وڻندڙ اثر ڇڏيا ۽ دوستن جو هڪ سٺو حلقو تيار ڪري ورتو هو. هُو ڪرڪيٽ جو سٺو ۽ فاسٽ بالر ۽ همعمر نوجوانن ۾ سٺو باڪسر هو، محمد علي سندس پسند جو باڪسر هو.



قمرالدين سراج نورانيءَ جي لکيل ڊائري مان معلوم ٿئي ٿو ته هن جي مختصر ۽ جوان زندگيءَ جو محور "پيار" هو ۽ هِن جي اُها مختصر زندگي اُن پيار کي حاصل ڪرڻ جي سخت جُستجو ۾ گذري. هُو پنهنجي والدين جو ڀهريتو ٻار هو. چيو ٿو وڃي ته هِن کي والدين طرفان گهربل پيار ۽ شفقت نه ملي هئي جو هُو پنهنجي ننڍن ڀائُن ۽ ڀيڻن سان والدين جي طرفان ملندڙ پيار تي ريسَ ڪندو هو ته والدين هاڻي مون کي اهڙو پيار ڇو نه ٿا ڏين، جنهنڪري هو ننڍپڻ ۾ ئي سخت ڊپريشن ۾ هليو ويو هو ۽ پاڻ کي اڪيلو ۽ دنيا کان الڳ محسوس ڪندو هو.

مان سمجهان ٿو ته پيار، والدين پنهنجي ٻارن کي گهٽ ڏين ٿا جڏهن هُو ننڍڙا هوندا آهن پر وڏي هوندي به ڀيءُ ماءُ جو پيار هنن لاءِ موجود هوندو آهي پر اُن جو انداز ۽ ٽونُ بدلجي ويندو آهي.

8- جون 1984ع/ 20- رمضان المبارڪ تي سنڌ يونيورسٽي ڪالونيءَ جي بلال مسجد اندر هُو اعتڪاف ۾ ويٺو ۽ 27- رمضان المبارڪ جي رات جي ختم القرآن واري تقريب ۾ ڪيس مٿي تي رومال ويڙهيل هو، اُهو اعتڪاف وارن کي مسجد انتظاميه طرفان مليو هو جيڪو مرحوم عبدالرحمان مغل صاحب پارايو هئس. ان تقريب ۾ هِن هڪ نعت پڻ چئي هئي. اکيون بند ڪري ائين اندر جي گهرائين مان نعت چئي رهيو هو جڻ ته اها نعت سندس روح مان رَچي ۽ ڦٽي نڪتي هجي. وري ٻي سال 28- جون 1985ع/20- رمضان المبارڪ تي جامع مسجد لڳ علامه آءِ.آءِ. قاضي اندر اعتڪاف ۾ ويٺو. هيءَ مسجد سنڌ يونيورسٽيءَ کان اوپر ۾ ٽوري وٽيرڪي موجود آهي. انهيءَ مسجد لاءِ مشهور هو ته اُتي جنات رهي ٿي. سراج مرحوم هڪ همٿ وارو ۽ نهايت بيڊپو نوجوان هو ۽ هُو اُتي اڪيلو اعتڪاف ۾ ويٺو ته جيئن اها مسجد به آباد ٿئي ۽ ماڻهن تان جنات جو ڊپ به لهي. اُتي سحري ڏيڻ لاءِ سندس هڪ دوست عبدالعزيز جيڪو مهراڻ يونيورسٽيءَ ۾ انجنيئرنگ پڙهندو هو، اُهو سحري سندس گهران وٺي موٽر سائيڪل تي روزانو ڏيئي ايندو هو. هڪ ڏينهن اهو دوست سحري ڏيڻ نه آيس، ته سراج مرحوم مسجد جي پيش امام مولانا دين محمد صاحب کي سحري کڻي اچڻ لاءِ آهستي چيو، جيڪو مولوي صاحب انهيءَ جامع مسجد جي پرسان رهندو هو، اهو سحري کڻي آيو ۽ پوءِ ٻنهي گڏجي ويهي ڪاڌي.

قمرالدين سراج نوراني سٺو ڪيليگرافر به هو. هِن اعتڪاف دوران چار قل به سٺن اکرن ۾ لکيا، جيڪي وڃي پاڻ پنهنجي هٿن سان انهيءَ مسجد ۾ لڳايا، جي پوءِ سراج مرحوم جي وفات بعد سندس والد بزرگوار فريم ۾ مڙهائي انهيءَ ساڳي مسجد ۾ لڳايا،جي اڄ تائين ائين ئي لڳل آهن، اُهي چار قل مون به ڏٺا. 1985ع جي ڊائريءَ جا ڪجهه ورق پڙهڻ سان اهو ظاهر ٿئي ٿو ته ان سال ۾ هو ڪافي روحانيت ۽ دين طرف راغب ٿي چڪو هو ۽ ڪافي اطمينان واري زندگي به گذاري رهيو هو، پر سال 1986ع وري هن لاءِ سخت آزمائش بڻجي آيو. ٿيو هيئن ته ان سال 30- جنوري تي ڪيمسٽري ڊپارٽمينٽ سنڌ يونيورسٽي ڄامشوري ڪيمپس ۾ ليب اسسٽنٽ جي نوڪري ڪيس ملي ۽ ان وقت سندس پگهار =/750 روپيا هو. پنج مهينا اُتي نوڪري ڪرڻ کان پوءِ هِن 22- مئي 1986ع تي فاني دنيا کي خيرباد چئي وڃي ٻي دنيا وسائي.

پڇا ڳاڇا ڪرڻ کان پوءِ معلوم ٿيو ته ڪيمسٽري ڊپارٽمينٽ ۾ نوڪريءَ دوران هڪ غير سنڌي ڇوڪريءَ کي پسند ڪري ورتائين، جا ڀهرئين ڇوڪريءَ جي هم شڪل يا همنام ڇوڪري هئي،جنهن ۾ هِن پنهنجي ڀهرئين پيار جو متبادل يا عڪس ڳولهي ورتو هو.چيو ٿو وڃي ته سراج جا والدين انهيءَ ڇوڪريءَ ۽ اُن جي خاندان مان مطمئن نه هئا ۽ پنهنجي پُٽ کي اُن رشتي کان روڪيائون، پر جيئن ته سراج، پيار ۽ محبت جو اڳ ئي سِکايل هو ۽ هيءَ ڇوڪرِي اُن ڇڏيل خال ۾ سمائجي چڪي هئي، جنهنڪري سراج اُن حادثي مان بچي نه سگهيو ۽ هڪ ڏينهن ليب مان خوفناڪ ڪيميڪل کڻي سڌو سنڌ يونيورسٽي ڪالونيءَ واري گهر ۾ اچي اندران ڪمرو بند ڪري،اهو خطرناڪ ڪيميڪل کاڌائين. گهروارن کي جڏهن خبر پئي تڏهن دروازو ڀڃي ڪيس نهايت ڳڻتيءَ واري حالت ۾ ڏٺو.پوءِ ڪيس اسپتال کڻي پئي ويا پر اهو زهريلو ڪيميڪل پنهنجو مڪمل اثر ڏيکاري چڪو هو، ان وقت ليب انچارج شايد پروفيسر ڊاڪٽر محمد يار ڪهاوڙ هو،جنهن اهو ڪيميڪل ڏٺو ته ڪيس معلوم ٿيو ته سراج هڪ خطرناڪ ڪيميڪل کاڌو آهي. اِتي سراج وفات

کري چڪو هوءِ عين ان وقت سندس جسم هنڌان هنڌان ڦاٽڻ شروع ٿي ويو هو.ڊاڪٽر کهاوڙ صاحب جي تڪڙين هدايتن تي ڊيڊ باڊيءِ کي فوري طور تي غسل ڪرائي، نماز جنازه پڙهي سنڌ يونيورسٽيءِ واري قبرستان ۾ کيس دفنايو ويو. سراج مرحوم جي قريبي دوستن جي چوڻ مطابق، تدفين جي ٻي ڏينهن سندس قبر ڦاٽي پيئي هُئي ۽ مقام ۾ بدبوءِ ڦهلجي ويئي هئي. ان موقعي تي مرحوم جي قريبي دوستن همٿ ڪري مٽي لهرائي ۽ ان قبر کي ان مٽيءِ سان چڱيءِ طرح بند ڪري ڇڏيو. سندس حلقهٔ احباب ۾- جاويد لاڙڪ، محمود مغل، ڪشورڪمار،امير بخش پٽي مرحوم، چندربان، ممتاز پنهور، نانڪ رام، فقير بخش پٽو، محمد شريف، راشد ميمڻ، ذوالفقار وغيره ۽ آخري ڏينهن ۾ مرحوم طارق عالم ابڙو به سندس سٿ ۾ شامل ٿيو هو.

دوستن ٻڌايو ته سراج مرحوم سٺو ڪرڪيٽر هو، تمام سٺي راند ڪيڏندو هو، بيني بيني چڪا هڻندو هو ۽ هُو اڪثر چئلينج ڏيئي ڪيڏندو هو ۽ اڪثر ڪري کٽندو هو. طبعيت ۾ خوش مزاج ۽ طنز مزاح وارو خوبرو نوجوان هو. سنڌ يونيورسٽي ڪالونيءِ ۾ ڊاڪٽر عرض محمد سولنگي مرحوم جي گهر سامهون نالي جي تختي لڳل هوندي هئي. هِن "عرض" کي ميساري "مرض" لکي ڇڏيو. تمام ذهين ۽ هوشيار شاگرد هو. پيپر کان هڪ رات اڳ اسٽڊي ڪري پرچو ڏيندو هو ۽ فرسٽ ڪلاس جون مارڪون کٽندو هو. سنڌيءِ سميت اردوءِ ۾ به شاعري ڪندو هو. سندس اردوءِ جو هڪ شعر مرحوم جي قبر تي پڻ لکيل آهي-

آج تو اکیلے ہی مالک حقیقی سے ملنے چلے ہیں ہم،
کچھ پڑھ کر بخش دینا، جب کبھی بھی یاد آئے ہم۔

مان سنڌي ادبي بورڊ ۾ ملازمت (2012ع-2004ع) دوران جڏهن طارق عالم ابڙي سان ٽماهي "مهراڻ" رسالي ۾ ڪم ڪندو هئس ته مرحوم طارق عالم سان گڏجي مرحوم سراج جي آخري آرامگاهه تي به ٽي پيرا ويو هئس ۽ مرحوم طارق عالم، مرحوم سراج جي باري ۾ تفصيلي ڄاڻ به ڏني هئي. ڪجهه مهينا اڳ سراج جي قبر تي منهنجو وڃڻ ٿيو پر وڏيءِ مشڪل ڪانپوءِ مرحوم جي آرامگاهه ڳولهي سگهيس. سندس قبر جي چوڌاري ڪبڙي وڪوڙيل هئي، جنهنڪري قبر جو نانءُ نشان ڏسڻ ۾ نه پئي آيو.

قمرالدين سراج نورانيءِ جي دوست هئڻ جي ناتي مرحوم طارق عالم ابڙي کي ڳڙدي جي پيوندڪاريءِ مهل مرحوم سراج جي مشفق والد پروفيسر نثار احمد نوراني صاحب پنهنجو هڪ ڳڙدو طارق کي ڏنو، انڪري جو طارق عالم سندس پٽ سراج مرحوم جو جگري دوست هو ۽ پروفيسر نوراني صاحب پنهنجي پٽ جي دوست کي پنهنجو ڳڙدو ڏيئي، مرحوم طارق جي زندگي بچائي جڏهن طارق عالم کي پنهنجي مرحوم فرزند جو درجو ڏنو ۽ پروفيسر نوراني صاحب، مرحوم طارق عالم کي پنهنجو پٽ ئي سمجهندو رهيو.

مرحوم سراج جي هڪ دوست عبدالرزاق سومري ٻڌايو ته: "سراج ڀاءُ هڪ زنده دل انسان هو. مون کي ياد آهي، اها گهڙي هِن جو اهو آخري جملو جڏهن ڪالونيءِ ۾ زرداد جي دڪان تي پولڪا جي قلفي کائيندي سراج مرحوم دوستن کي چيو هو ته: يارو! پنهنجي هيءَ آخري ملاقات آهي. اُن تي سڀئي ڏاڍو کلياسين. مان، عابد ميمڻ، مرحوم اشتياق ارباب، ان جو ڀاءُ امتياز، ظهير ٻرڙدي، پرويز پٺاڻ، افسر پٺاڻ، باز گل وغيره هئاسين. پوءِ اسان سڀ دوست پنهنجي پنهنجي گهرن ڏانهن هليا وياسين. پوءِ هڪ خبر باهه وانگر هوا ۾ شُعلا ٿي پڙڪي ته:

سراج هيءَ دنيا ڇڏي ويو. هڪ بهترين دوست انسان جي دنيا ويران ڪري ويو. الله پاڪ هن کي جنت ۾ جايون عطا ڪيون هونديون، آمين.“

سندس ٻي هڪ دوست زاهد مرتضيٰ جي چوڻ مطابق: ”سراج سان منهنجي ٻه تمام گهاٽي لڳندي هئي. جيتوڻيڪ مان هُن کان عمر ۾ ننڍو هئس پر سندس طبعيت ۾ پيار ۽ پنهنجائپ واضح نظر ايندي هئي. سچ ته سراج اندر جو صاف ۽ زبان جو ڪرو ماڻهو هو. سنڌ يونيورسٽيءَ جي قبرستان ۾ به ڪنهن جنازي کي دفنائڻ ويندا آهيون ته مان سندس تربت تي ضرور ويندو آهيان. ڏٺي ڪيس جنت ۾ جاءِ ڏيندو.“

قمرالدين سراج نورانيءَ جي ننڍي ڀاءُ معراج احمد نورانيءَ ٻه حج ڪيا آهن- هڪ 2007ع ۾ پنهنجي امڙ سائڻ سان گڏ ۽ ٻيو 2008ع ۾ پنهنجي والد سڳوري، ڀيڻن ۽ شريڪ حيات سان گڏ. هُن پنهنجي هڪ حج ۽ هڪ عُمري جو ثواب سندس حوالي ڪيو.

هِن ڏکهي مضمون يا پروفائيل لکڻ جو مقصد- هڪ ته سراج مرحوم جون جيڪي يادون ۽ ڳالهيون ختم ٿي رهيون آهن، انهن کي محفوظ ڪرڻ ۽ ٻيو ته اُن جي زندگيءَ مان جيڪو سبق ملي ٿو، ان کي سمجهڻ، ته جيئن جيڪا ڪمي اُن جي زندگيءَ ۾ رهجي ويئي، اُها ٻيهر نه دهرائجي ۽ هِن مضمون جو تعلق رڳو سراج مرحوم جي خاندان سان نه آهي، پر هي انهن سمورن خاندانن جو اجتماعي يا گڏيل نوحو آهي، جنهن جا ڳڀرو نوجوان، وقت کان اڳ پنهنجي والدين، گهر وارن ۽ دوستن کي فرقت جو داغ ڏيئي هميشه لاءِ هِن دنيا مان هليا وڃن ٿا.

◙

## نئون ڪتاب




**ڪتاب:** اوسيئڙي ۾ شام

**شاعر:** جيئند علي مهر

**موضوع:** شاعري/وايون

**ڇاپو پهريون:** جولاءِ 2019ع

**قيمت:** -/250 رپيا

**ڇپائيندڙ:** سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد

◙

آمنہ ابڙو



# سنڌي ٻولي ۽ سراج ـ سيمينار

سراج انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز پاران 28 آڪٽوبر 2019ع تي برڪ ليڪ ۽ دانشور سراج الحق ميمڻ جي سالگره جي مناسبت سان هڪ سيمينار ’سنڌي ٻولي ۽ سراج‘ جي عنوان سان ڪراچي آرٽس ڪائونسل ۾ ٿي گذريو، جنهن ۾ سنڌ جي ناميارن اديبن سراج صاحب جي شخصيت ۽ سنڌي ٻوليءَ، ادب ۽ سماج لاءِ ڪيل خدمتن تي روشني وڌي ۽ ڪيس خراج تحسين پيش ڪيو.

سيمينار جي شروعات شاهه لطيف جي وائيءَ سان ٿي جيڪا اديب ۽ فنڪار اختر درگاهيءَ پيش ڪئي.

سڀ کان پهرين سراج انسٽيٽيوٽ جي چيئرپرسن ڊاڪٽر فهميده حسين آيل مهمانن جي آجيان ڪندي سيمينار جي عنوان جو پسمنظر ۽ تعارف پيش ڪيو ۽ ٻڌايو تہ ڪيئن ون يونٽ جي دور ۾ سنڌي ٻوليءَ جي قدامت ۽ اهميت کي اجاگر ڪرڻ لاءِ سراج صاحب تحقيق ڪري پنهنجو نظريو ڏنو تہ سنڌي ٻولي نہ آريائي آهي، نہ سامي، نہ ئي ڪنهن ٻوليءَ مان نڪتي آهي بلڪ اها قديم سنڌو ماٿريءَ جي پنهنجي indigenous اصلوڪي ٻولي آهي جنهن کي اڄ جديد دور جا ماهر نہ صرف قبول ڪن ٿا بلڪ ڪمپيوٽر ٽيڪنالاجيءَ جي مدد سان ثابت پڻ ڪري رهيا آهن.

ان مفروضي کي ثابت ڪرڻ لاءِ سنڌي ڪمپيوٽنگ جي ماهر امر فياض ٻرڙي پاران هڪ پريزنٽيشن پيش ڪئي وئي جنهن جو عنوان هو ’سنڌي ٻوليءَ بابت سراج صاحب جو نظريو جديد تحقيق جي روشنيءَ ۾‘ جنهن کي حاضرين طرفان تمام گهڻو ساراهيو ويو.

ان کان پوءِ اديب ۽ صحافي زرار پيرزادي "جديد سنڌي صحافت جو باني سراج" جي عنوان تي ڳالهائيندي ڀرپور انداز ۾ سراج صاحب جي خدمتن تي روشني وڌي ۽ ڪيس خراج تحسين پيش ڪيو.



سراج صاحب هڪ اعلي پائي جو ڪهاڻيڪار بہ هو، ان حوالي سان سندس ڪهاڻيءَ جو ساءُ پيش ڪرڻ لاءِ محترمہ آمنہ ابڙو سندس هڪ ڪهاڻي ’هڪ مرد- ٿي لاش‘ پڙهي ٻڌائي.

انهن سنجيده موضوعن کان پوءِ آيل مهمانن جي موڊ کي خوشگوار ڪرڻ لاءِ جناب اختر درگاهيءَ سرن جي ورڪا ڪئي جنهن ۾ هن شاهه لطيف جي واين کي ڳائڻ جا مختلف انداز پيش ڪيا. سندس خوبصورت آواز ۽ انداز ٻڌندڙن جون دليون موهي ڇڏيون.

ان کان پوءِ ڊاڪٽر سحر گل پنهنجي خوبصورت اڪيڊمڪ انداز ۾ ’سراج جي تاريخي ناولن جي همعصر دور ۾ اهميت‘ تي ڳالهايو ۽ سندس ناولن مان اقتباس پڻ پڙهي ٻڌايا.

فيڊرل اردو يونيورسٽيءَ جي پروفيسر ۽ اديب ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙي پاران ’سراج صاحب جون سنڌي ٻوليءَ لاءِ خدمتون‘ جي عنوان تي مقالو پيش ڪيو ويو.

سن 1948ع ۾ شهر ڪراچيءَ کي سنڌ کان ڌار ڪرڻ کان پوءِ وري 1954ع ۾ ون يونٽ لڳائي سنڌ جي وجود تي وار ڪرڻ جي رد عمل ۾ سراج 1956ع ۾ جيڪو شاهڪار نظم 'ڪراچي' جي عنوان سان لکيو هو، ان جي اڄ جي دور ۾ نهڪندڙ افاديت کي ڏسندي ان کي خاص طور ڪمپوز ڪري جديد انداز ۾ پيش ڪرڻ لاءِ جناب بيدل مسرور کي گذارش ڪئي وئي هئي. هن پنهنجي جديد انداز ۾ سُرن جي ورڪا ڪندي سراج جي ان نظم کان سواءِ امداد حسينيءَ ۽ شمشيرالحيدريءَ جا نظم ٻڌائي داد حاصل ڪيو.

سراج جي انهيءَ نظم 'ڪراچيءَ' جي لکجڻ جي پسمنظر تي ڳالهائيندي پروفيسر تاج جويي سنڌ ۾ ان دور جي سياسي حالتن بابت پنهنجو مقالو پيش ڪيو جنهن جو عنوان هو 'سنڌ، سائين جي.ايم.سيد ۽ سراج جو نظم ڪراچي'

ان کان پوءِ مشهور سنڌي شاعره ۽ اسڪالر پروفيسر ڊاڪٽر سحر امداد 'سنڌي ٻوليءَ بابت سراج جي ڪيل تحقيق' جي عنوان تي پنهنجي خيالن جو اظهار ڪيو.

آخر ۾ سنڌ جي ناليواري ليکڪا ۽ ڊرامه نگار نورالهدي شاهه سراج جي ناول مان مختلف اقتباس پڙهيا ۽ اڄ جي نوجوان ٽهيءَ لاءِ ان جي اهميت موجوده دور جي نسبت سان اجاگر ڪري ٻڌائي ۽ سنڌ جي تاريخ کي سمجهي وطن سان محبت ڪرڻ لاءِ هن ناول پڙهڻ جو مشورو ڏنو ۽ تاڙين جي گونج ۾ داد حاصل ڪيو.

پڇاڙيءَ ۾ سراج صاحب جي فرزند سڄاڻ اديب ۽ مترجم ڊاڪٽر امجد سراج ميمڻ پاران پروگرام ۾ آيل سمورن عالمن اديبن ۽ حاضرين جا ٿورا مڃيا ويا.

ويندي ويندي حاضرين جي بيحد اصرار تي جناب اختر درگاهيءَ پنهنجي ڏاڏي مائي بيگم فقيرياڻيءَ جو ڳايل شاهه لطيف جو ڪلام پيش ڪيو.

اهڙيءَ ريت سنڌي ٻوليءَ ۽ سراج جي حوالي سان ڪيل ڪامياب پروگرام اختتام تي پهتو، جنهن ۾ اسٽيج سيڪريٽريءَ جو فرض محترمه وحيده مهيسر سرانجام ڏنو ۽ ان کي بهترين نموني پيش ڪرڻ جو سهرو محترمه انيس ميمڻ جي سر رهيو.

هيءُ پروگرام اينڊومينٽ فنڊ ٽرسٽ ۽ آرٽس ڪائونسل ڪراچيءَ جي سهڪار سان پيش ڪيو ويو.





رسول بخش ٻگهيو

# سنڌي ٻوليءَ جي سُورمين جي جنم ڏهاڙي ملهائڻ جي تقريب

نوٽ: 'بزمِ صوفياءِ سنڌ' تنظيم مورو پاران 'روح رهاڻ' پروگرام ۾ مئي، جون ۽ جولاءِ مهيني ۾ جنم ورتل سنڌي ٻوليءَ جي سُورمين جي ملهايل تقريب جي رپورٽ ٽماهي "مهراڻ، 2019/3ع شماري ۾ شايع ٿيل آهي. انهيءَ سلسلي جي ٻي تقريب آگسٽ مهيني ۾ جنم ورتل علمي ادبي شخصيتن جي ملهائي ڪيڪ ڪاٽيو ويو، مختصر تعارف هيٺ پيش ڪجي ٿو.

**ماهتاب اڪبر راشدي:** ماهتاب 14- آگسٽ 1943ع تي ضلعي لاڙڪاڻي جي شهر نئون ديرو ۾ هڪ علمي ادبي شخصيت محمد عيسيٰ چنا جي گهر ۾ جنم ورتو. سندس اصل نالو بدرالنساء آهي، ليڪن پاڻ مهتاب نالي سان مشهور ٿي. سندس والد محمد عيسيٰ چنا جيئن تہ حيدرآباد ۾ تعليم کاتي ۾ ملازمت ڪندو هو، انڪري هن خاندان حيدرآباد ۾ ئي رهائش اختيار ڪئي. مهتاب حيدرآباد ۾ ئي 1963ع ۾ ميٽرڪ پاس ڪئي، 1967ع ۾ بي.اي سيڪنڊ پوزيشن ۾ ۽ ايم.اي سياسيات ۾ 1969ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان ڪري 1971ع ۾ بي.ايڊ ڪئي. هن آمريڪا مان يونيورسٽي آف مانچسٽر مان 1978ع ۾ ايم.اي سياسيات ۾ ڪئي، پاڻ پهريائين 1971ع ۾ سينٽ ميريز ڪانوينٽ هاءِ اسڪول ۾ حيدرآباد ۾ استاد مقرر ٿي.



1973ع کان 1977ع تائين سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ انٽرنيشنل رليشنس ڊپارٽمينٽ ۾ ليڪچرار رهي.

1977ع کان 1979ع تائين اسسٽنٽ پروفيسر بعد ۾ ايسوسيئيٽ پروفيسر رهي.

1979ع کان 1980ع تائين انٽرنيشنل ڊپارٽمينٽ ۾ چيئرمين رهي، 26 فيبروري 1981ع تي انجنيئر سيد اڪبر حسين راشدي سان شادي ڪيائين. 1983ع کان 1985ع ۾ ڊائريڪٽر يونيورسٽي گرانٽ ڪميشن حيدرآباد ريجن رهي.

آگسٽ 1985ع کان سيپٽمبر 1988ع تائين ڊائريڪٽر انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ۽ ڊائريڪٽر لياقت نيشنل لئبرري ڪراچي رهي.

1988ع کان 1989ع تائين سيڪريٽري ثقافت ۽ سياحت کاتو حڪومت سنڌ پڻ رهي.

ڪجھ وقت تائين محڪمي انوائرنمينٽ پروٽيڪشن ايجنسيءَ ۾ ڊائريڪٽر جنرل ماحوليات رهي.

1997ع کان 1990ع تائين سيڪريٽري سوشل ويلفيئر حڪومت سنڌ، سيڪريٽري تعليم ۽ پوءِ ڊائريڪٽر محتسب اعليٰ سنڌ جي عهدي تي رهي.

مهتاب اڪبر راشدي قومي ۽ بين الاقوامي تعليمي، سياسي ۽ سماجي ادارن جي بورڊ آف گورننگ باڊي جي ميمبر ۽ عهديدار بہ رهي، سگا خواتين شاخ سنڌ جي بہ پيرا صدر بہ رهي چڪي آهي.

مهتاب اڪبر راشدي P.T.V ۽ ٻين چئنلن تي ڪمپيئر ۽ ميزبان پڻ رهي آهي، ڊرامن ۾ آرٽسٽ طور ڪم ڪيائين، پاڻ ذاتي طور توڙي سرڪاري حيثيت ۾ دنيا جي ڪيترن ملڪن جا دورا ڪيا، جن ۾ آمريڪا، انگلينڊ، ڪئناڊا، سنگاپور، فرانس، جپان، چين، بئنڪاڪ، سريلنڪا، مالديپ، سعودي عرب ۽ دبئي ۽ اٽلي شامل آهن.

سنڌيءَ جي نالي سان سياست ۾ آئي ۽ صحافت پڻ ڪيائين. انهن ٻنهي سان گڏجي عورتن جي هڪ تنظيم ناهيائين جنهن جو نالو 'سنڌي ناري تحريڪ' رکيائون. هن پنهنجي خانداني مخالفت جي باوجود ٽنهي گڏجي فيصلو ڪيو ته هُو پنهنجي تنظيم کي قوم پرست سياست طور هلائينديون. ان وقت قوم پرست سياست ڪرڻ خطرن کي دعوت ڏيڻ هو، پر خانداني مخالفت سبب هن فيلڊ ورڪ بجاءِ لکپڙهه جو ڪم ريڪارڊ وغيره رکڻ سنڀاليو ۽ پريس سيڪريٽري تنظيم جي رهي. جڏهن ته طاهره (پرهه سنڌي) ۽ گلشن ان سان گڏ رهيون. امر سندو سنڌي ناري تحريڪ جي ميٽنگن ۽ ڪانفرنسن ۾ پنهنجي والد جي مخالفت جي باوجود شريڪ ضرور ٿيندي هئي. امر سندو جو چوڻ آهي ته "سياسي جدوجهد کانسواءِ سماج ۾ عورتن توڙي پڙهيل طبقي لاءِ تبديلي ناممڪن آهي."

سندس (امر سندو) جو نظماڻو نثر:

اوسارن جي جنهن لهجي مان،
مون توکي ڳوليو هو،
ڇهاءِ سرحدن ۾،
انهن جا ڪي به نشان ڪونهن
منهنجو داڳيل ماضي
تاريخ جي Abnormality آهي پر
تاريخ ته رڳو Abnormality جي پونڪ آ
وقت جي Vomiting
مون سميت گهڻن جا خواب ڪاريا آهن
خواب فروش چپن تي آيل سرءُ
رڳو لڙڪن جائي گل ڇاٽي ٿو
۽ پن ڇڻ وري سرءُ ۾
سوڙهجي ٿيندڙ دل، يادگيريءَ جا سڀ ڪينوٽا
انهن رستن کي ارپي ٿي.
جي خوابن سان ڇٽيل رت سان آلا آهن.

سندس شاعريءَ بابت شيخ اياز 'ڏيٺا ڏيٺا لاٽ' 1992ع، صفحي 125 تي لکي ٿو ته: "هن جي (امر سندو جي) ڪم عمريءَ جي باوجود سمهي نه سگهڻ جو ڏک" 'پاڳل خوابن جون تعبيرون' ۾ هن جي سوچ ٻارڻ وانگر ٻري رهي آهي ۽ اهي توجهه طلب لفظ آهن، هوءَ منظوم شاعريءَ لاءِ ڪوشش ڪري رهي آهي. ۽ مون کي يقين آهي ته جي هن پنهنجي ڪوشش ۽ مطالعو جاري رکيو ته ڪنهن وقت هوءَ تمام چڱي شاعره ٿيندي، في الحال هن نثري نظم لکيا آهن، جن ۾ قافيه پيمائي کٽڪي ٿي. پوءِ به هن جي شاعريءَ ۾ ذهانت جون ريکون ٻکن ٿيون."

**سلميٰ پنهور:** سلميٰ پنهور پنهنجي ابتدائي تعليم ڄام شوري ۽ حيدرآباد مان حاصل ڪئي. ان کان پوءِ انگريزيءَ ۾ سنڌ يونيورسٽي ڄام شورو مان بي.اي آنرز ڪيائين ۽ وري اتان ئي سنڌي ادب ۾ فرسٽ ڪلاس فرسٽ پوزيشن ۾ ايم.اي ڪيائين. پاڻ ڪجهه وقت N.G.O ۾ رهي ۽ پوءِ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تان ادبي پروگرام ڪيائين. لکڻ جي ابتدا 1984ع کان ڪيائين، جڏهن هيءَ اڃان ستين ڪلاس ۾ پڙهندي هئي ۽ رسالي 'گل ڦل' ۾ هڪ ڪهاڻي لکيائين. جنهن کان پوءِ شاعريءَ ۾ پير پاتائين ۽ شاعريءَ سان گڏ ريڊيو تي اسڪرپٽ، اخبار لاءِ ڪالم ۽ تنقيدي مضمون پڻ لکيا اٿس. سلميٰ پنهور جي خوشنصيبي آهي جو سندس ڀاءُ نياز پنهور صاحب جيڪو پڻ شاعر آهي ۽ ڀيڻ ادي نجمه پنهور صاحبه سنڌي ادبي بورڊ ۾ ادب خاص ڪري ٻارڙن جو رسالو نهايت خوش اسلوبيءَ سان وقت تي ڇپرائي ٻارن ۾ ادبي ۽ علمي لاڙو پيدا ڪري رهيون آهن. جن جو پڻ سلميٰ پنهور کي ضرور وڏو سهارو هوندو. دعا آهي ته شل ادبي ۽ علمي دنيا ۾ اڃا وڌيڪ شهرت ماڻي (آمين)



**زيب نظاماڻي:** زيب نظاماڻي جو جنم 17 آگسٽ 1963ع ۾ ٽنڊي محمد خان ۾ ٿيو، زيب نظاماڻي سنڌي ادب ۾ ايم.اي ۽ سماجيات ۽ صحافت ۾ به ايم.اي ڪئي اٿس، ان کان سواءِ بي.ايڊ ۽ ايم.ايڊ به فرسٽ ڪلاس ۾ ڪيائين، ۽ پاڻ هاير سيڪنڊري

# مهربان لکندڙن لاءِ ڪجهہ گذارشون

1. "مهراڻ" جي مواد ۾ ڇپيل راين، تجزين، نتيجن ۽ علمي فڪري زاوين جي سموري ذميواري مانوارن ليکڪن جي هوندي. سندن راين کي "سنڌي ادبي بورڊ" جي راءِ نہ سمجهڻ ڪپي.
2. پنهنجون تخليقون موڪلڻ وقت "مهراڻ" جي معيار ۽ روايتن کي خيال ۾ رکڻ ڪپي ۽ اِها خاطري ڪرائڻ لازمي آهي تہ اُهي اڻڇپيل آهن ۽ ڇپجڻ جي لاءِ ڪنهن بہ رسالي يا اخبار کي نہ موڪليل آهن.
3. تحقيقي مواد موڪلڻ وقت، مقالي جي اندر حوالن جا نمبر ۽ آخر ۾ جن ڪتابن تان حوالو ڪنيل هجي، ان ڪتاب جو صفحو محقق جو نالو، ڇپجڻ جو سال ۽ ڇپائيندڙ اداري جونالو ڏيڻ تمام ضروري آهي تہ جيئن حوالا پيش ۾ آساني ٿئي. ترجمي جي صورت ۾، جتان مواد ترجمو ڪيو وڃي، اُن اصل لکت جي صاف فوٽو ڪاپي ساڻ موڪلڻ بيحد ضروري آهي. ان طرح واضح حوالو پڻ ڏجي، جتان اهو مواد ترجمو ڪيو ويو آهي.
4. ڪتاب تي تبصري ڇپائڻ لاءِ اُن ڪتاب جون ٻہ عدد ڪاپيون ايڊيٽر 'مهراڻ' کي موڪليون وڃن، ٻي صورت ۾ مواد ڇاپڻ کان معذرت ڪئي ويندي.
5. فوٽو اسٽيٽ صورت ۾ پهتل مواد ڪنهن بہ صورت ۾ قبول ڪونہ ڪيو ويندو. ان طرح ڪاغذ جي ٻنهي پاسن تي لکت پسند ڪانہ ڪئي ويندي.
6. مانوارن شاعرن کي خاص استدعا آهي تہ هڪ ئي صفحي تي هڪ کان وڌيڪ ڪلام لکي موڪلڻ بہ کان پرهيز ڪندي، هر ڪلام لاءِ الڳ ڪاغذ استعمال ڪرڻ واري مهرباني کي هميشہ قائم رکن.
7. مواد سمجهہ ۾ ايندڙ صاف ۽ سُٺن اکرن ۾، مس سان، A-4 سائيز ڪاغذ تي لکيل هئڻ گهرجي. آخر ۾ پنهنجي ائڊريس ڄاڻائڻ نہ وسارجي. فون نمبر، موبائيل نمبر يا اي ميل هجي تہ اُهو بہ لکجي. (نئون نڪور فوٽو موڪلڻ نہ وسارجي).
8. پنهنجي مواد جو نقل پاڻ وٽ ضرور رکڻ ڪپي، ادارو آيل مواد موٽائڻ لاءِ ٻَڌل نہ رهندو.
9. ايڊيٽر کي مواد ۾ ضروري درستين ۽ گهربل ڦيرڦار ڪرڻ جو پورو اختيار آهي. البت ان ڳالهہ جو خيال رکيو ويندو تہ جيئن ليکڪ جو مخصوص اُسلوب ۽ مواد جو اصل مفهوم قائم رهي.
10. نظرثاني کان سواءِ ۽ تڙ تڪڙ ۾ رَهڙي موڪليل مواد جي ڪري هڪ طرف غلطين جو امڪان رهي ٿو تہ ٻئي طرف درستين لاءِ بنهہ گهڻو وقت سيڙائڻو پوي ٿو. جيتري قدر ٿي سگهي، پنهنجي طرفان آخري طرح پورو اطمينان ڪجي تہ مواد صاف ۽ واضح، مڪمل ۽ صحيح آهي.
11. اهو ضروري ڪونهي تہ ڪوبہ مواد بروقت شايع ٿي وڃي يا ضرور ڇپجي. ڇونتہ ۽ اشاعت جي باري ۾ ايڊيٽر جو فيصلو آخري سمجهيو ويندو. نہ ڇپجڻ جي حالت ۾، سبب ڄاڻائڻ لاءِ ايڊيٽر ٻَڌل نہ رهندو.

■



سنڌي ادبي بورڊ ۾ بورڊ جا معزز ميمبر وڻڪاري مهم جي موقعي تي ساڃي ڪان محترم سرفراز راڄڙ، ڊاڪٽر اسد ’جمال‘ پلي،
سيد حاڪم علي شاھ بخاري ۽ ڊاڪٽر نواز علي شوق ٻوٽا پوکي رهيا آهن



وڻڪاري مهم جي موقعي تي هڪ گروپ

سيد حاڪم علي شاھ بخاري، محترم سرفراز راڄڙ، محترم مختيار ملڪ، امتياز مغل (ٻيلي کاتي جو عملدار)،
سيد سڪندر علي شاھ، محترم غلام حيدر ڪچي، ڊاڪٽر اسد ’جمال‘ پلي ۽ ٻيا ٻيلي کاتي جا عملدار نظر اچي رهيا آهن

"MEHRAN" (Regd. No: NS-20)Quarterly

